سوغاتِ گل

SOGHAT-E-GUL

صنايع ۽ بدايع جي ميدان ۾

مصنف ۽ شاعر

ڊاڪٽر علي اڪبر اسير قريشي

ڇپائيندڙ

علامه تارڪ اڪيڊمي

جو ٽانڊو شريف.

قلم سڪندري ٻاڪي

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوچو وهه اوڀار

SAHIB KHAN "SOORIH" MIRANI

0344 3919786 & 0300 3404488


بسم الله الرحمن الرحيم

سوغاتِ گل

مصنف:

ڊاڪٽر علي اڪبر "اسير" قريشي

ڇپائيندڙ: علامه تارڪ اڪيڊمي جوٽاٽي شريف\ واره

ڪتاب نمبر: 9
حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ
ڪتاب جو نالو: "سوغاتِ گل"
موضوع: "شاعري" (صنايع ۽ بدايع جي ميدان ۾)
مصنف: ڊاڪٽر علي اڪبر "اسير" قريشي
سال: 2024ع
ڇاپو: پهريون
خطاطي: فقير فيض محمد سڪندري
ڪمپوزنگ لي آئوٽ: بخاري پبليڪيشنز لاڙڪاڻو
0300_3419181
ڇپائيندڙ: علامہ تارڪ اڪيڊمي جوڻاڻي شريف وارہ
0308_3487981
مُلھ: 500 رپيا

Book No:9
Book Name: Sogaat_e_Gul
Writter: Dr Ali Akbar "Aseer" Qureshi
1 st Eddition: 2024ع
Composing & Layout: Bukhari Publication Larkana
0300_3419181
Published by: Allama Tarik Academy Junani Shareef Warah
Price:500

SOORIH SINDHI ADAB

ارپنا

آئون پنهنجي هن ننڍڙي سوغات کي علامہ محمد هدايت
علي نجفي تارڪ ۽ سيد اظهر گيلانيءَ ۽ نشتر ناٿن
شاهيءَ جن کي ارپيندي سرهائي سمجهان ٿو. هنن معزز
۽ معروف شخصيتن ۽ شاعرن جي شاعريءَ کي پڙهي
مون ڪجهہ صنعتون لکيون آهن. علامہ تارڪ ڪافي
صنعتون متعارف ڪرايون ۽ سيد اظهر گيلانيءَ مختلف
صنعتن تي ڪتاب اکيو. انهن صنعتن کي پڙهي پرجهي
مون بہ ڪجهہ صنعتن تي لکي هڪ ڪتاب تيار ڪيو
آهي. جيڪو انهن ٽنهي شخصيتن ۽ شاعرن کي ارپيان
ٿو.

علامہ محمد هدايت علي نجفي تارڪ جو ڪيل ڪم
اسان جي اڳيان آهي. سيد اظهر گيلانيءَ سان بہ پڪو
پختو پيو پيوند جنهن شاعريءَ جي صنفن جي گهڻي ڪان
گهڻي ڄاڻ ڏني ۽ تربيت ڪئي. اهڙيءَ طرح نشتر ناٿن
شاهي بہ وسارڻ جهڙي شخصيت نہ آهي. نشتر سان
گهڻيون ئي ڪچهريون ٿيون، هر ڪچهريءَ ۾ ڪا نہ ڪا
نئين شئي ٻڌائيندو ۽ سمجهائيندو هو. الله عزوجل مٿن
لک لک رحمتون موڪلي آمين

ڊاڪٽر علي اڪبر اسير قريشي

***

SOORIH SINDHI ADAB

بسم الله الرحمن الرحيم

فهرست

تعارف		06
اداري پاران		07
اداري پاران		09
مهاڳ	اقبال شاهين	10
پنهنجي پاران	ڊاڪٽر علي اڪبر اسير قريشي	35
1_در صنعت مطلعات		44
2_در صنعت توشيح		50
3_در صنعت واسع الشفتين ۽ صنعت توشيح		51
4_در صنعت واسع الشفتين		53
5_در صنعت لزوم مالايلزم التزام		55
6_در صنعت ترڪ الحروف /ترڪ الف		63
7_در صنعت سجع		64
8_در صنعت مسلسل		65
9_در صنعت واصل الشفتين		68
10_در صنعت قبيح و مليح		69
11_در صنعت انتظاريه		72
12_در صنعت ردالعجز علي الصدر		76
13_در صنعت توشيح ۽ ذوقافيين		78
14_ درصنعت ذوقافيين		80
15_در صنعت ذوقافيين مع الحاجب		90
16_درصنعت مراجعه سوأل و جواب		96
17_درصنعت هڪ جهڙو قافيو ۽ رديف		99
18_درصنعت سرحروفي		101
19_درصنعت قطارالبعير		103
20_درصنعت تڪرير مع الوسائط		105
21_درصنعت تڪرير حشويه		106
22_ درصنعت موصول		107
23_در صنعت فوقانيه يا فوق النقاط		109

24_ درصنعت يڪ نقاط	110
25_ درصنعت تحتانيہ النقاط	111
26_ درصنعت (مختلف صنعتون)	112
27_ درصنعت سهل ممتنع	114
28_ درصنعت ردالعجز عجزعليٰ الصدرمع التڪرار يا تڪرير	115
29_ درصنعت محاذ	117
30_ در صنعت محاورات	118
31_ در صنعت افراد مفرد جامع مع فردالقوافي	119
32_ درصنعت جديد	120
33_ درصنعت سنڌي زبان	121
34_ درصنعت مقلوب ڪل يا تقليب قافيہ مع التڪرار يا تڪرير	122
35_ درصنعت ايرادالمثل يا ارسال المثل	125
36_ درصنعت تڪرير مشبہ	126
37_ درصنعت عڪس و طرد	128
38_ در صنعت پاونجاھ ڪاف	131
39_ درصنعت النثر	132
40_ درصنعت مراعات النظير يا تناسب يا توفيق يا ايتلاف يا تلفيق	134
41_ درصنعت تحفئہ نظم	136
42_ درصنعت آخرين خط	138
43_ درصنعت مسمط	146
44_ درصنعت اطراد	148
45_ درصنعت عاطلہ مهملہ يا غير منقوط	151
46_ درصنعت مدور	152
47_ درصنعت مربع	153
48_ درصنعت شجر	154
49_ درصنعت نئون نمونو	159
50_ درصنعت مصنوع و عجيب	160
51_ درصنعت ترصيع	161
25_ قطع تاريخ	162

تعارف

نالو: علي اڪبر
والد جو نالو : گل خان المعروف حاجي علي گل ولد عبدالڪريم ولد محمد صديق
ذات : قريشي صديقي
ڄمڻ جي تاريخ : 03 فيبروري 1958ع
تخلص :اسير
ڳوٺ جو نالو :جوڻاٽي شريف, تعلقو وارهہ ضلعو قنبر شهدادڪوٽ
پرائمري تعليم : ڳوٺ جوڻاٽي شريف ۾ استاد عزيز الله قريشي صديقيءَ ۽ نبي بخش پتيءَ جن کان حاصل ڪئي.
مئٽرڪ : هاءِ اسڪول وارهہ
ناڪي منشي : 1977ع ڇهہ مهينا.
ملازمت جي تاريخ : 05 سيپٽمبر 1977ع, پرائمري استاد جي حيثيت ۾
انٽر: بورڊ آف انٽر ميڊيئيٽ حيدرآباد (پرائيويٽ)
بي اي: سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو (پرائيويٽ)
ايم اي: سنڌي ادب, شاهہ عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور (پرائيويٽ)
پي ايڇ ڊي سنڌي: سال 2004ع: سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو
پروموشن: پرائمري کان ايڇ ايس ٽي طور سال 2007ع
شعر و شاعري: اٺين درجي کان يعني اسڪول جي زماني کان
مڪمل شاعري لکڻ: سال 1976ع کان
پي ايڇ ڊي جو عنوان: ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي ۽ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي لوڪ ادب تي ڪيل
ڪم جو تقابلي اڀياس
شاعريءَ ۾ استاد :سيد اظهر گيلاني ۽ نشتر ناٿن شاهي
غزل جا ديوان : تيرنهن
ڇپيل ديوان: پنج ۽ ٻيا ڇپيل ڪتاب ٻارنهن

سوغاتون

اڻ ڇپيل ديوان: اٺ

اڻ ڇپيل ڪتاب: پنجيتاليهه

پهريون غزل: نئين زندگي رسالي ۾ 1988ع ڌاري ڇپيو

پهريون مضمون: علامه تارڪ ۽ سندس شاعري، آفتاب اخبار ۽ مهراڻ اخبار ۾ 1989ع جي مارچ مهيني جي

نائين ۽ ڏهين تاريخ تي ڇپيو.

مقالا /مضمون: مختلف اخبارن /رسالن ۾ مختلف مقالا/ مضمون هڪ سؤ کان وڌيڪ ڇپيل ۽ ڪيترائي اڻ

ڇپيل.

غزل کان علاوه: ڪافيون، بيت، مرثيا، مناظرا، گيت، لولي، تيهه اکريون، قطع ۽ نعت وغيره

تنهنجي تات تنوار: ڪافين جو ڪتاب

بيت سر وار: سر بروو سر مومل راڻو سر رامڪلي، سر ڪوهياري، سر ديسي، سر عمر مارئي، سر سارنگ، سرڪاهوڙي، سر ليلان چنيسر ۽ سر آسا وغيره

پسنديده صنف : ڪافي، بيت، غزل

ايوارڊ:

1۔سيد الهندوَ شاه ايوارڊ، نئين زندگي رسالي طرفان سال 1999ع

2۔ ڊاڪٽر تنوير عباسي ادبي ايوارڊ ڪلهوڙا عباسي تنظيم آل سنڌ پهريون ادبي انعام روڪ 1500سؤ

روپيا،ايوارڊ ۽ ميڊل سرٽيفڪيٽ 2005ع (مضمون ڪلهوڙا دور جا حڪمران)

3۔ڊاڪٽر تنوير عباسي ادبي ايوارڊ ڪلهوڙا عباسي تنظيم آل سنڌ طرفان سال 2008ع

4۔ڊسٽرڪٽ هسٽاريڪل سوسائٽي قنبر شهدادڪوٽ طرفان ايوارڊ سال 2014ع

5_سنڌ سگهڙ لوڪ ادب تنظيم (سلات) پاران ايوارڊ، ميڊل ۽ تاج سال 2017ع

6_ساروهه سوشل ڊولپمينٽ آرگنائيزيشن قنبر شهدادڪوٽ پاران ايوارڊ سال 2018ع

7_ڊسٽرڪٽ هسٽاريڪل سوسائٽي قنبر شهدادڪوٽ پاران ايوارڊ سال 2019ع

8_مخدوم محمد اسماعيل پريالوئي ايوارڊ 2021ع

9_بيدل ايوارڊ 2021ع

اداري پاران

علامہ تارڪ اڪيڊميءَ پاران وقتاً فوقتاً اها ڪوشش رهي آهي تہ هرسال ڪو نہ ڪو ڪتاب پڙهندڙن تائين پهچائجي. هن ڪان اڳ علامہ تارڪ اڪيڊميءَ طرفان ست ڪتاب "حديثِ عشق" (ديوان)، گوهرِ گلستان (نعتيہ ديوان)، گوهرِ گل (غير منقوط پهريون ديوان)، بستانِ تارڪ(علامہ تارڪ جو عربي ڪلام)، گوهرِ آبدار سرائيڪي ٻوليءَ جو پهريون ديوان (مصنف علامہ تارڪ) علامہ تارڪ ڪنهن بہ تعارف جو گهرجائو نہ آهي. سندس ڪلام نهايت پڪو پختو ۽ سليس آهي. سندس ديوان گوهرِ آبدار سرائيڪي ٻوليءَ ۾ پهريون ديوان آهي. هن کان اڳ ۽ هن کان پوءِ ڪنهن بہ شاعر جو سرائيڪي شاعريءَ ۾ ديوان نہ ٿو ملي. اهو ڇٽ بہ علامہ تارڪ جي سر تي سونهين ٿو. مذڪور ديوان عربيءَ جي الفابيٽ تي مشتمل آهي. علامہ تارڪ جي مادري ٻولي سنڌي آهي. ايئن ٿو محسوس ٿئي تہ هيءَ ٻولي ڄڻ تارڪ فقير جي مادري ٻولي آهي. ان ڪتاب جو مطالعو ڪندي مون (راقم) پڻ سرائيڪي شاعريءَ ۾ ديوان (باغ و بهار) جي نالي سان جوڙيو. جيڪو علامہ تارڪ اڪيڊمي سال 2022ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو آهي. هيءَ سرائيڪي ٻوليءَ جو ٻيو ديوان آهي. علامہ تارڪ کان پوءِ اهو اعزاز اسير قريشيءَ کي حاصل ٿيو آهي. هاڻي هيءُ ڪتاب "سوغاتِ گل" (صنايع ۽ بدايع جي ميدان ۾) ڊاڪٽر علي اڪبر اسير قريشيءَ جو لکيل آهي. هيءُ ڪتاب اڳين ڪتابن وانگر اوهان کي پسند پوندو. پر اوهان جي راءِ جو شدت سان انتظار رهندو تہ هن زمين ۾ ڪيترو ڪامياب ويو آهيان.

اسير قريشي

❊❊❊

مهاڳ

علم جي روشني انساني زندگيءَ جي راهن کي روشن، حسين، دلڪش، خوبصورت ۽ فائديمند بنائي ٿي. اهو علم ئي آهي جنهن انسان کي غارن جي اونداهين مان ڪڍي، چنڊ جهڙيءَ سرزمين تي پهچائي ڇڏيو. علم جي طاقت، قوت، هنر ۽ شعور انسان کي قدرت جي نت نون سرچشمن کان آگاهه ڪيو آهي. جنهن سبب انسان نه فقط ترقي ڪئي آهي بلڪ انساني فائدي جا گس ڳولي لڌا آهن، جن تي هلي انسانيت جي ڀلي جا ڪم ٿيا آهن. علم هڪ وسيع درياهه آهي جنهن مان ادب جي شاخ ڦُٽي نڪري ٿي. حقيقت ۾ اهو ادب ئي آهي جنهن انسان کي مهذب ۽ معتبر بنايو آهي. ادب انسان جي جبلت، فطرت، محبت ۽ محنت کي اجاڳر ڪيو آهي. اهڙيءَ ريت انساني معاشرو تهذيب، تمدن ۽ ثقافتي پهلوئن ۾ ترقي ڪري هڪ ٻئي سان تعاون ۽ احترام جي جذبي کي وڌايو آهي، جو اڄ اسين آزاد ۽ امن سان زندگي گذاري رهيا آهيون.

ادب ۾ جيتي ڪيترائي شعبا آهن اتي شاعري به انساني جذبن ۽ احساسن جي ترجمان بڻجي معاشري ۾ پنهنجي حيثيت کي برقرار رکيو اچي. شاعري قدرتي ڏات آهي، رب ڪريم جي طرفان هڪ الهامي ڪيفيت آهي، اڻ ڏٺي قوت کي اظهار جي طاقت بخشي ٿي. معاشري جي اصلاح جا پهلو نمايان ڪري ٿي، دنيا ۾ انقلاب جو سبب بڻجي ٿي. آزاديءَ جا اسباب پيدا ڪري ٿي. معاشري جي استحڪام ۽ استقامت ۾ معاون ثابت ٿئي ٿي. انساني جبلت، فطرت، احساسن ۽ جذبن کي پروان چاڙهي ٿي. ايتري قدر جو انسان کي انسانُ بنائي ٿي.

دنيا ۾ ڪي اهڙا شاعر هوندا آهن جن کان پروردگار معاشري جي ڀلائيءَ جو ڪم وٺي ٿو انهن کي قدرتي ڏات به هوندي آهي ۽ پاڻ محنت ڪري ڏانءُ به حاصل ڪري وٺندا آهن. اهڙن شاعرن ۾ اسان جو پيارو دوست ۽ بهترين انسان ڊاڪٽر علي اڪبر "اسير" قريشي به شامل آهي. هن پنهنجي علم، دانش ۽ هنر سان جيڪا ادب جي خدمت ڪئي آهي ۽ اڃا به ڪري

رهيو آهي ۽ جيڪي قلمي پورهيو ڪري ڪتاب ڏنا اٿس سي سندس صالح اولاد جيان آهن ۽ ڪيس رهندي دنيا تائين زنده رکيو پيا ايندا. سائين "اسير" صاحب انتهائي محنت ۽ اڪير سان ادب ۾ صنعتن تي ڪم ڪري رهيو آهي. هن کان اڳ به سندس ڪتاب ۾ پيو مواد منظر عام تي اچي چڪا آهن جن ۾ صنعتن جي ڪمال ۽ جوهر جا عڪس پسي سگهجن ٿا. پاڻ هن کان اڳ به ڪن صنعتن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. سندس گذريل ڪتاب تي به اکر لکي مون ڪنهن حد تائين سائينءَ کي پيٽا ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. پر موجوده ڪتاب جو جائزو وٺندي مون سائينءَ جي شاعريءَ ۾ جيڪي انمول هيرا، جوهر ۽ گوهر ڏنا آهن، ته مون کي چوڻ ۾ ڪو به عار محسوس نه ٿو ٿئي ته "اسير" صاحب هڪ اعليٰ پائي جو اديب، شاعر ۽ مفڪر آهي. پاڻ هميشه ادب جو خدمتگار رهندو پيو اچي. سندس ڪوشش رهي آهي ته نت نيون ۽ متروڪ صنعتون ظاهر ڪري ادب کي اجا وڌيڪ سونهن ۽ قوت عطا ڪري. بيشڪ هو پنهنجي عمل ۾ مصروف به آهي ته ڪامياب پڻ.

"اسير" صاحب هڪ محنتي ۽ جفاڪش انسان آهي ڪيس صحبت به تمام سٺي ملي آهي ۽ حلقهٔ احباب جو نيڪ مقدر ٿيڻ به رب پاڪ جي مهربانين مان هڪ آهي. سندس لاڙو به مذهب ڏانهن نمايان نظر اچي ٿو. اهوئي سبب آهي جو هُو پنهنجي ڪم ۾ سڦلتا ماڻيندو اچي.

جيئن ته سائينءَ کي صنعتن تي ڪم ڪرڻ جو شوق آهي تنهن ڪري هن ڪتاب "سوغاتِ گل" ۾ به 44 صنعتن تي طبع آزمائي ڪئي اٿس ۽ ڪل 79 اسم ڏئي ادب جي گران قدر خدمت ڪئي آهي. نت نوان تجربا به هن ڪتاب جي زينت بڻيا آهن ته نيون نيون صنعتون پڻ پڙهڻ سان تعلق رکن ٿيون. اهو سڄو مواد جيڪو هن ڪتاب ۾ آهي سو سالن جي محنت جو عڪس آهي. هن ڪتاب جي سهيڙڻ ۾ وقت سان گڏ جانِ، مال، تسلسل، لڳن، عزم ۽ حوصلي کي پڻ داد ڏبو جو اهڙو وسيع ڪم اجا منهنجيءَ نظر مان نه گذريو آهي. حالانڪ ڪيترن ئي ڪتابن ۾ مختلف صنعتن جو ذڪر ملي ٿو پر اهو مواد محض ڪن مثالن تي مبني آهي. پر سائينءَ جو

ڪمال اهو آهي جو پورا پورا ۽ طويل غزل انهن صنعتن تي لکيا اٿس. تنهن ڪري ادب جي علم صنايع تي اهڙو مضبوط مواد اجا اکين آڏو نہ آيو آهي. منهنجي ناقص مطالعي هيٺ هن ڪي "125" صنعتون آيل آهن. ڪٿي ڪٿي انهن ڪي هڪ ڪان وڌيڪ نالن سان ياد ڪيو ويو آهي تو پر پوءِ بہ ايترين صنعتن جو استعمال تمام ڏکيو ڪم آهي. "سائين" انهن صنعتن مان جيڪي استعمال هيٺ آنديون آهن انهن مان گهڻين جو تعلق خصوصا اسان جي پياري ٻولي سنڌيءَ سان آهي.

هاڻي اچو تہ مذڪور ڪتاب جو اڀياس ڪريون ۽ ڏسون تہ "اسير" صاحب انهيءَ فن کي ڪيتري ڪمالِ عروج تي رسايو آهي. "الف" سان جيڪي صنعتن استعمال ٿيل آهن اهي پنج آهن. (1) انتظاريہ (معنوي صنعت) (2) افراد مفرد جامع مع فرد القوافي(لفظي صنعت) (3) ارسال المثل (معنوي صنعت) (4) آخرين خط (صنعت معنوي) (5) درصنعت اطراد (معنوي).

(1) در صنعت انتظاريہ: (معنوي) هن صنعت تحت شعر/غزل ۾ هڪ کان وڌيڪ متواتر اهڙا لفظ استعمال ٿين ٿا جن کان سواءِ شعر جو مطلب ۽ مفهوم پورو نہ ٿو نڪري. هن ڪتاب ۾ انهيءَ جا چار غزل ڏنا ويا آهن. جن مان هڪ پيش خدمت آهي.

ڪيو دربدر مون کي آهي عجيبن
نصيبن، نصيبن، نصيبن، نصيبن.

وزن: فعولن فعولن فعولن فعولن
بحر: متقارب مثمن سالم

هن صنعت جو استعمال تمام گهٽ ملي ٿو. مگر اسير صاحب ڪمالِ حُسن سان انهيءَ کي نڀايو آهي.

عِلم صنايع لفظن جي هنر کي چئبو آهي. انهيءَ جا ٻہ قسم آهن.

1: علم صنايع لفظي 2: علم صنايع معنوي

لفظيءَ ۾ لفظن جي ابت سبت ۽ ڦير گهير هوندي آهي. جڏهن ته معنويءَ ۾ لفظن جي معنيٰ گهرائي هوندي آهي.

(2) درصنعت افراد مفرد جامع مع القوافي: (لفظي) هن صنعت ۾ شعر يا غزل ۾ لکيل هر قافيو مفرد حرف هوندو آهي. جيڪو صوتي (آواز) پڻ ٿئي ٿو. هن ڪتاب ۾ هڪ غزل انهيءَ نموني جو لکيل آهي.

پيو گذاريان ٿو غمن ۾ "شين" "بي" (شب)
گذري هرهڪ ڏينهن ٿو منجهه "ڏال" "ڪي" (ڏک).

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

بحر: بحر رمل مسدس محذوف.

(3) درصنعت ارسال المثل: (معنوي) هن صنعت تحت ڪنهن شعر يا غزل ۾ سنڌي زبان جو ڪو نه ڪو پهاڪو يا چوڻي شامل ڪئي ويجي ٿي. هن صنعت تي ڪتاب ۾ هڪ اسم آهي.

ڏسو خانن جي خاني تي ٿئي معلوم مانيءَ مان
پٽو پيرن جو پئي ٿو ڏس ڪرامت مان ۽ کانيءَ مان.

وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن

بحر: بحر هزج مثمن سالم

(4) درصنعت آخرين خط: (معنوي) هن صنعت ۾ شعر يا غزل نظم جي صورت ۾ مثنوي، مثلث يا غزل جي صورت ۾ لکيو ويندو آهي. هيءَ هڪ طويل خط آهي جيڪو هن ڪتاب ۾ درج ٿيل آهي.

ڪيو شانُ تنهنجو آ رحمان اعليٰ
بلند مرتبو ۽ گهڻو مانُ اعليٰ.

وزن: فعولن فعولن فعولن فعولن

بحر: بحر متقارب مثمن سالم

(5) درصنعت اطراد: (معنوي) هن صنعت تحت ڪنهن شعر يا غزل ۾ جنهن جي تعريف يا مذمت ڪئي وڃي، ان جي آباؤ اجداد جا نالا درست ترتيب ۾ ڏنا وڃن ٿا. هن ڪتاب ۾ هڪ غزل نموني طور پيش ٿيل آهي. انهيءَ صنعت جو استعمال عموماً قصيدن ۽ مرثين ۾ گهڻو ٿيندو آهي. "اسير" صاحب هن تي بهترين ڪوشش ڪئي آهي.

حمد ۽ ساراهه آهي ڪبريا جي واسطي
خالقِ اڪبر ۽ راحم آ خدا جي واسطي

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن
بحر: بحر رمل مثمن محذوف

(6) درصنعت توشيح: (لفظي) هن صنعت ۾ ڪنهن به شعر يا غزل ۾ ڪنهن نالي جي حرفن تي مصرعون جوڙيون وينديون آهن. هن ڪتاب ۾ انهيءَ صنعت تي ٽي اسم لکيل آهن.

1: **ع= عاجزن جو آجهو اوٹ تون مصطفيٰ**
ل= لال لولاڪ جا گهوٹ تون مصطفيٰ

اهو علي اڪبر اسير قريشي صاحب جي نالي تي لکيل آهي.
وزن: فاعلن فاعلن فاعلن فاعلن
بحر: بحرمتدارڪ مثمن سالم

2: درصنعت توشيح ۽ واسع الشفتين: (لفظي) هن صنعت توشيح سان گڏ واسع الشفتين به آهي. هن ۾ چَپ چَپن سان نہ ٿا ملن. اهو به سائينءَ جي نالي جي حرفن تي لکيل آهي.

ع=عيد آئي تون نہ آئين يار اچ
ل=لوڪ ٿو ٽوڪي سڄڻ سؤوار اچ

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلن
بحر: بحر رمل مسدس محذوف

3: درصنعت توشيح ۽ ذوقافيين=(لفظي) هن ۾ ٻه ٻه صنعتون استعمال ڪيون ويون آهن.

ا=   امداد اسان تي ڪر، امداد ڪرڻ وارا
ت=   تمدل ٿو سڏيان تو کي فرياد ٻڌڻ وارا

وزن: مفعول مفاعيلن مفعول مفاعيلن
بحر: بحر هزج مثمن اخرب مڪفوف مخنق

اهو غزل ٻه ڪنهن نالي/جملي سان ڳنڍيل آهي. هن ۾ ٻي صنعت ذوقافيين آهي، جنهن ۾ هڪ مصرع ۾ ٻه قافيه استعمال ڪيا ويا آهن. جيئن پهرينءَ مصرع ۾ امداد ۽ ڪرڻ، ٻيءَ مصرع ۾ فرياد ۽ ٻُڌڻ.

شاعر پنهنجيءَ محنت سان صنعتن جو پاڻ ۾ اشتراڪ ڪري پنهنجي شاعريءَ سان گڏ ادب جي ڪيتر ۾ سهڻا گل پوکيا آهن جن جي خوشبوءِ اِن شآءَ الله صدين تائين قائم رهندي.

(7) درصنعت ترڪ الحروف /ترڪ الحرف /مقطوع الف يا حذف: (لفظي) هن صنعت تحت ڪنهن ٻه شعر /غزل ۾ ڪو ٻه هڪ حرف نه آڻبو آهي. هن ڪتاب ۾ هڪڙو غزل انهيءَ حوالي سان ڏنل آهي.

پنهنجي در جو مون کي ڪر نوڪر سڄڻ
تو ريءَ منهنجو ڪو نه ٻيو ڪو در سڄڻ

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلن
بحر: بحر رمل مسدس محذوف

(8) درصنعت تڪرير مع الوسائط :(لفظي) هن صنعت ۾ ڪنهن ٻه شعر/غزل ۾ ٻن مڪرر لفظن جي وچ ۾ ڪو نه ڪو لفظ واسط هجي. هن جا ٽي قسم آهن. جيڪي هن ڪتاب ۾ موجود آهن.

1: بنايو ديد آ دلبر جي مستاني تي مستانو
ڪيو هڪ ئي نظر سان آهي ديواني تي ديوانو.

وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن
بحر: بحر هزج مثمن سالم

2: درصنعت تڪرير حشويہ: (لفظي) هن صنعت ۾ لفظن جو تڪرار معنيٰ کي بي اعتبار ڪندو آهي. هن ۾ ظرافت، دل لڳي يا طنز و مزاح جا لطيف جذبا بہ شامل هوندا آهن. ڪتاب ۾ هن جو هڪ مثال آهي.

ڏسڻ توکي گهران ٿو ڏينهن ۾ ڏه وار ڏه ڏه ڏه
لڪايان تو کي نيٽن ۾ ڪري پگدار پهہ پهہ پهہ

وزن : مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن
بحر: بحر هزج مثمن سالم

3: درصنعت تڪرير مشبہ: (لفظي) هن صنعت تي بہ اسم لکيل آهن. جن مان هڪ مثال هيٺ ڏجي ٿو.

روئان روئان تڙپان تڙپان
آئت آئت ڏيندو جانان.

وزن: فعلن فعلن فعلن فعلن
بحر: بحر متدارڪ مثمن مخبون مسڪن

(9) درصنعت تحتانيہ نقاط: (لفظي) هن صنعت تحت شعر/غزل ۾ اهڙا لفظ استعمال ڪيا آهن جن کي فقط هيٺيان نقطا ڏنا ويندا آهن. ڪتاب ۾ اهڙو نمونو غزل جي صورت ۾ موجود آهي.

برهہ باري باهہ ٻاري بي حساب
يار ڪر ڪا پوئواري بي حساب

وزن :فاعلاتن فاعلاتن فاعلات
بحر: بحر رمل مسدس مقصور

(10) درصنعت جديد: (لفظي) هن صنعت ۾ شعر/غزل ۾ مقرر ڪيل موضوع تي گرامر ۽ سلسلي ڪان ڌار ڪجھ اهڙا جاندار لفظ استعمال ڪيا وڃن ٿا جن جي پيش ڪرڻ سان مطلب صاف ۽ سڌو ذهن نشين ٿئي ٿو. هن صنعت تي فقط هڪ غزل ڪتاب ۾ ڏنل آهي.

تاري تاري ٽپڪي بلبل
گلشن ۾ هُوهُو جو هُل هُل

وزن: فعلن فعلن فعلن فعلن
بحر: بحر متدارڪ مثمن مخبون مسڪن

(11) درصنعت 52 ڪاف: (لفظي) هن صنعت ۾ ڪنهن به هڪ غزل /نظم ۾ گهٽ ۾ گهٽ "40" ڪاف استعمال ڪيا وڃن ٿا. پر اسير قريشيءَ چاليهه ڪاف جي بدران ٻاونجاهه ننڍا وڏا ڪاف استعمال ڪيا آهن. جن کي چاليهه ڪاف نه بلڪ ٻاونجاهه ڪاف سڏي سگهجي ٿو. ڪتاب ۾ اهڙو عڪس موجود آهي.

ڪاهل تي ڪرم ڪو ڪر تون ڪامل
ڪامل سان تي اڪمل شامل

وزن: فعلن فعلن فعلن فعلن
بحر: بحر متدارڪ مثمن مخبون مسڪن

(12) درصنعت ذوقافيين: (لفظي) هن صنعت ۾ ڪنهن شعر يا غزل جي مصرع ۾ هڪ کان وڌيڪ قافيا استعمال ڪيا وڃن ٿا. هن ڪتاب ۾ انهيءَ تي پنج غزل ڏنل آهن.

:1 • ا= **امداد اسان تي ڪر امداد ڪرڻ وارا**
ت= **تهدل ٿو سڏيان تو کي فرياد ٻڌڻ وارا**

وزن: مفعول مفاعيلن مفعول مفاعيلن
بحر: بحر هزج مثمن اخرب مڪفوف مخنق

هتي صنعت توشيح بہ هن سان شامل آهي.

2: عشق تنهنجو تو ڪري انوار اُپ
دل ۾ لائي ڏوم ۽ ڏڏڪار اُپ

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلن
بحر: بحر رمل مسدس محذوف

3: ٿيندو نہ تنهنجي در ڪان مزدور دور عاشق
تنهنجي ٿيو عشق ۾ آ چَڪچُور چُور عاشق

وزن : مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن
بحر: بحر مضارع اخرب مڪفوف مخنق

4: مستن جي لاءِ ڪر تون ڪو جام جام ساقي
تنهنجو تہ آهي نالو ٿيو ڄام ڄام ساقي

وزن :مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن
بحر: بحر مضارع اخرب مڪفوف مخنق

5: پنهنجي دَرَ جو ڪر گدا، گوهر محمد مصطفيٰ
درجو اهڙو ڪر عطا، هيڪر محمد مصطفيٰ

وزن : فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن
بحر: بحر رمل مثمن محذوف

(13) درصنعت ردالعجز عليٰ الصدر: (لفظي) هن صنعت تحت ڪنهن شعر جي مصرع جي "صدر" وارو لفظ مصرع پهرئين جي آخري جُز ۾ اچي ٿو ۽ ٻيءَ مصرع جو لفظ پهريون، وري آخر ۾ بہ اچي ٿو. هن ڪتاب ۾ انهيءَ صنعت متعلق بہ مثال ملن ٿا.

1: گهار گهاري وجهہ نہ تون گڏ گهار گهار
ڏار چو ٿو تون رهين آڏار ڏار

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلات

بحر: بحر رمل مسدس مقصور

2: بارُ دل تي آ وڏو اچ بارَ جون ڳالهيون ڪيون
بارُ بيحد آ گهڻو پُڇُ بارَ جون ڳالهيون ڪيون

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

بحر: بحر رمل مثمن محذوف

هيءَ صنعت ردالعجز عليٰ الصدر سان گڏ و گڏ "تڪرير" بہ آهي جنهن ڪي مبالغہ يا مصدر بہ چوندا آهن، جنهن جا چار قسم آهن. مصرع جي منڍ واري حصي ڪي/رڪن ڪي صدر، پڇاڙي رڪن ڪي عجز/عروض ۽ وچ واري ڪي "حَشو" سڏيندا آهن.

"تڪرير" جا وري ست قسم آهن.

هن صنعت ۾ بہ لفظ هم وزن، هم شڪل ۽ هم صوت (آواز) هجن پر سندن معنائون ڌار ڌار هجن.

(14) درصنعت سجع: (لفظي) هن صنعت ۾ ڪنهن شعر يا غزل جي مصرع ۾ بہ يا وڌيڪ اهڙا لفظ استعمال ڪجن ٿا جيڪي حرفن جي تعداد ۾ برابر پر هم وزن بہ هجن. هن ڪتاب ۾ هڪ غزل موجود آهي.

ساقي ڏني آ شرڪي مخمور چو نہ ٿيندس
اڪ سان ملائي اڪ تو مسرور چو نہ ٿيندس

وزن : مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن
بحر: بحر مضارع مثمن اخرب مخنق مڪفوف

(15) درصنعت سرحرفي: (لفظي) هن صنعت جي ڪنهن شعر يا غزل جي مصرعن جا لفظ ساڳيي حرف سان تسلسل ۾ ڪم اچن. دراصل اها ”صنعت تجنيس“ جو هڪ قسم آهي. ڪتاب ۾ هن جا ٻہ قسم آهن.

1: فاضل فهيم فارق فائق فقير تارڪ
خوشتر خطيب تارڪ خاور خبير تارڪ

وزن :مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن
بحر: بحر مضارع مثمن اخرب مخنق مڪفوف

محترم ”اسير“ صاحب هن ۾ اچا وڏيڪ سونهن پيدا ڪئي آهي، جو (الف --بي) پٽيءَ واري ترتيب مطابق ”ف“ کان پوءِ ”خ“ کي لکيو اٿس.

2: اڪين ۾ اچي يار اڏ آستانو
اهو آ اوهان لئہ اتم آشيانو

وزن : فعولن فعولن فعولن فعولن
بحر: بحر متقارب مثمن سالم

(16) درصنعت سهل ممتنع: (لفظي) هن صنعت جا شعر/غزل اهڙا هجن جيڪي پڙهڻ ۽ ڏسڻ ۾ انتهائي آسان هجن ۽ ذهن تي زور نہ وجهن پر سندن معنيٰ انتهائي گهري هجي. ڪتاب ۾ انهيءَ صنعت جو هڪ مثال موجود آهي.

پيار سان دل کي ڏتاري ڇا ڪيان؟
شوخ شوخيءَ سان نهاري ڇا ڪيان؟

وزن : فاعلاتن فاعلاتن فاعلن
بحر: بحر رمل مسدس محذوف

(17) در صنعت سنڌي زبان: (لفظي) هن صنعت ۾ ڪنهن شعر/غزل کي منڍ کان وٺي آخر تائين نج سنڌي لفظن سان نظم ڪيو ويندو آهي. هن ڪتاب ۾ انهيءَ جو هڪ مثال موجود آهي.

ڪيو آ ساهه سورن يار ساٿو
اچي ڪرچست ڏي ڪوجل ۾ داٿو

وزن: مفاعيلن مفاعيلن فعولن
بحر: بحر هزج مسدس محذوف

(18) درصنعت شجر: هن صنعت هيٺ ڪنهن به غزل /نظم کي "وڻ" جي شڪل ۾ لکيو ويندو آهي. هن ڪتاب ۾ هڪ طويل غزل موجود آهي.

شهر جي هر هڪ گهٽي ديوار ۾ در ٿو ڏسان
گر نظر جاڏي ڪيان ٿو تاڏي منظر ٿو ڏسان

وزن :فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن
بحر: بحر رمل مثمن محذوف

(19) درصنعت عاطله: (لفظي) هن صنعت تحت شعر/غزل ۾ لفظن کي ڪو به نقطو نه هوندو آهي. هن صنعت کي مهمله ۾ غير منقوط به چوندا آهن.

ڪر عمل اعمال سهڻا ڪر ڪمال
ڪامل و اڪمل مڪمل ڪر ڪوحال

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلات
بحر: بحر رمل مسدس مقصور

(20) درصنعت عڪس و طرد: (لفظي) هن صنعت مطابق ڪنهن شعر يا غزل جي شعر ۾ اهڙا لفظ ڪم آڻجن جيڪي هڪڙي مصرع ۾ سبتا هجن يعني پهرئين مصرع جو اڌ پوئينءَ مصرع ۾ ابتو يعني پويون اڌ ساڳيو هجي. هن ڪتاب ۾ ٻه مثال ڏنل آهن، جن مان هڪ مثال هيٺ ڏجي ٿو.

1: **فاضل فهيم تارڪ، عامل عليم تارڪ**
عامل عليم تارڪ، فاضل فهيم تارڪ

وزن: مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن
بحر: بحر مضارع مثمن اخرب مخنق مڪفوف

(21) درصنعت فوقانيہ يا فوق النقاط (لفظي) هن صنعت ۾ اهي شعر يا غزل ٿيندا آهن جن جي لفظن کي رڳو مٿان نقطا هوندا آهن. ڪتاب ۾ اهڙو هڪ مثال موجود آهي.

تون نہ رک مون سان مٿا ڪو اختلاف
صاف دل آ صاف سهڻا صاف

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلات
بحر: بحر رمل مسدس مقصور

(22) درصنعت قبيح و مليح: (معنوي) هن صنعت جي ڪنهن شعر غزل جي مصرعن ۾ جيڪڏهن ڪا ڳالهہ سني نہ آهي تہ اها صنعت قبيح

ٽيندي ۽ جيڪڏهن ڳالهه سٺي ۽ ڀلي آهي ته اها صنعت مليح ٽيندي. هن ڪتاب ۾ ٻه اهڙا غزل آهن جيڪي خوبصورت مثال طور پيش ڪجن ٿا.

1: ڏي هرهر مون کي خلق ڏسي تون در تان خالي جناب نه ڪر
چو مُنهُن ٿو مٽائين عاشق کان، ڪو عاشق ساڻ حساب نه ڪر

وزن :مفعول مفاعيلن فعلن مفعول مفاعيلن فعلن
بحر: بحر هزج مثمن اخرب مخنق محذوف

:2 مان ڪيان تو کي ڪٺي تنهنجو قسم
صدقي صدقي تو مٿان سر ساه دم

وزن :فاعلاتن فاعلاتن فاعلن
بحر: بحر رمل مسدس محذوف

(23) درصنعت قطارالبعير: (لفظي) هن صنعت ۾ ڪنهن شعر/غزل جي هڪ مصرع جو آخري لفظ ٻئي مصرع جي شروعات ۾ استعمال ڪندا آهن. ڪتاب ۾ هڪڙو غزل يا ٻه غزل اهڙا آهن جن کي اُنن جيَ قطار سان تشبيهه ڏني وئي آهي. ان مان هڪ مثال پيش ڪجي ٿو.

مل اچي محبوب ڪر ڪا گفتگو
گفتگو آ تنهنجي شيرين ماهرو.

وزن :فاعلاتن فاعلاتن فاعلن
بحر: بحر رمل مسدس محذوف

(24) درصنعت لزوم مالايلزم التزام: (لفظي) هن صنعت تحت ڪنهن شعر/غزل مصرعون اٺن جي قطار مثل هونديون آهن. يعني هڪ مصرع جو آخر ٻئي مصرع جي شروعات هوندي آهي. مختلف ڪتابن ۾ "صنعت قطار البعير" ۽ هن مذڪوره صنعت کي هڪ ئي سمجهن ٿا. البت هن ۾ ڪي امور ضروري سمجهي شاعر انهن تي زور ڀريندا آهن ته اهائي صنعت

"اعانت" جي نالي سان بہ سڏبي آهي. هن ڪتاب ۾ انهيءَ صنعت جا ست مثال آهن. جن مان هڪ مثال هيٺ ڏجي ٿو.

ان جي فرقت ۾ ٿيو آ دل جو اڄ بيمار چڻ
ساهہ چڻ ويساهہ چڻ ادراڪ چڻ لاچار چڻ.

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن
بحر: بحر رمل مثمن محذوف

هن صنعت کي شاعر لزوم مالايلزم التزام تضمين تشديد ۽ اعانت لکيو آهي.

(25) درصنعت مطلعات: (معنوي) هن صنعت تحت غزل جي هر مطلع پٺيان ٻيو مطلع هوندو آهي. يعني مطلعن جي تسلسل کي صنعت مطلعات چئجي ٿو. هن ڪتاب ۾ اهڙا ڇهہ غزل آهن. جيڪي سهڻي نموني سان لکيا ويا آهن. جن مان هڪ هيٺ ڏجي ٿو.

خيرگو خيرالوريٰ مون کي نہ ڇڏ
تاجدارِ انبياء مون کي نہ ڇڏ.

وزن:فاعلاتن فاعلاتن فاعلن
بحر: بحر رمل مسدس محذوف

(26) درصنعت مسلسل: (معنوي) هن صنعت ۾ غزل ۾ مطلع کان مقطع تائين مسلسل لکڻ ضروري هوندو آهي. اهڙيءَ پابنديءَ سبب غزل موزون ۽ دلچسپ لڳندو آهي جنهن ۾ نظم واري خوبي بہ نمايان پيدا ٿيندي آهي. هن ڪتاب ۾ انهيءَ صنعت تي بہ غزل لکيل آهن. جن مان هڪ پيش ڪجي ٿو.

او ساقي سوائي سڏائي پيار
اچي لطف جنهن سان ٻُڏائي پيار.

وزن : فعولن فعولن فعولن فعول
بحر : بحر متقارب مثمن مقصور

(27) درصنعت مراجعه يا سوال و جواب :(معنوي) هن صنعت کي مڪالماتي صنعت پڻ سڏيو وڃي ٿو. هن ۾ ڪنهن شعر يا غزل ۾ عارفانه، عاشقانه ۽ ناصحانه نموني سوال و جواب ڪيا ويندا آهن. هن ڪتاب ۾ ٿي اسم انهيءَ صنعت هيٺ آهن. جن مان نموني طور هڪ هيٺ ڏجي ٿو.

چيم، دلبر نه ڇو ديدار مون کي تون ڪرائين ٿو؟
چيائين، چُپ ڪر تون مٿو ڇو منهنجو کائين ٿو؟

وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن
بحر: بحر هزج مسدس سالم

(28) درصنعت موصول: (لفظي) هن صنعت تحت اهڙا شعر يا غزل جون مصرعون استعمال ٿين ٿيون جن جي لفظن جون پُڇڙيون هڪ ٻئي سان ڳنڍي سگهجن ٿيون. هن ڪتاب ۾ اهڙو هڪ مثال موجود آهي.

هميشه ٿئي ٿي سڄڻ سڪ ملڻ جي
مُنکي ڪين همت ٿئي ٿي پڇڻ جي.

وزن: فعولن فعولن فعولن فعولن
بحر: بحر متقارب مثمن سالم.

نموني لاءِ :

هميشهتئيتيسجڻسڪملڻجي
منڪيڪينهمتتئيتيپچڻجي

(29) مختلف صنعتون: هن صنعت ۾ هڪ ئي غزل ۾ بوقت ڪيترين ئي صنعتون گڏ استعمال ۾ آنديون وڃن ٿيون. هن ڪتاب ۾ هڪ ئي غزل ۾ ڏهه صنعتون استعمال ڪيون ويون آهن. اهو غزل طويل به آهي. نموني طور ٻه شعر پيش ڪجن ٿا.

پهريون شعر:

ڪرم ڪر ڪا مهر ڪر واهار ڪر
درد ۾ دک دور ڪل دلدار ڪر

(درصنعت بي نقاط)

ٻيو شعر :

آ ڪيو دردن ڏکن سوگهو سڄڻ
دور نوڪر جا اچي آزار ڪر

(درصنعت واسع الشفتين)

وزن :فاعلاتن فاعلاتن فاعلن

بحر: بحر رمل مسدس محذوف

(30) درصنعت محاذ: (لفظي) هن صنعت ۾ هر شعر جي پهرين مصرع ۾ پهريون لفظ ٻيءَ مصرع جو قافيو هوندو آهي. اهو سلسلو غزل جي آخر تائين هلندو رهندو آهي. هن ڪتاب ۾ اهڙو هڪ غزل موجود آهي.

جنابِ من مون سان مل ڇڏ حجاب آهستہ آهستہ
لبن تي ڀڄتو آ دم ڏس جناب آهستہ آهستہ

وزن: مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن
بحر: بحر هزج مثمن سالم

(31) درصنعت محاورات: (معنوي) هن صنعت ۾ شعر/غزل جي مصرعن ۾ ڪو نہ ڪو سنڌي پهاڪو يا چوڻي استعمال ڪئي ويندي آهي. هن ڪتاب ۾ هڪ غزل اهڙو ڏنل آهي.

تو ڪي ساريان ٿو سدا پيرو نہ پيچ
اڄ اگھ منهنجي متا پيرو نہ پيچ

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلن
بحر: بحر رمل مسدس مخذوف.

(32)درصنعت مسمط: (لفظي) هن صنعت ۾ ڪنهن غزل جا مطلع کان سواءِ ٻي يا ان کان وڌيڪ فقره هم وزن ۾ هڪ ئي نمونيٰ جا آڻجن. باقي چوٿون ۾ آخري قافيو اصل غزل /قصيدي يا نظم جو هڻڻ گهرجي. مطلع کي انهن پابندين کان آزاد رکيو ويندو آهي. ڪتاب ۾ هڪ غزل انهيءَ سلسلي ۾ درج ٿيل آهي.

ڪڏهن پيادل ڪڏهن سواري، گهڙيءَ ۾ ڇاهي گهڙيءَ ۾ ڇاهي
ڪڏهن خواب آ ڪڏهن بيداري، گهڙيءَ ۾ ڇاهي گهڙيءَ ۾ ڇاهي

وزن: مفاعلاتن مفاعلاتن مفاعلاتن مفاعلاتن
بحر: بحر رجز مثمن مخبون مرفل (بحر جميل مثمن سالم)

(33) درصنعت مراعاة النظير: (معنوي) هن صنعت تحت ڪنهن شعر يا غزل جي مصرعن ۾ لفظن جو هڪ ٻئي سان گهرو تعلق يا نسبت هئڻ گهرجي. هن کي صنعت تناسب/توفيق/ايتلاف يا تلفيق پڻ چيو وڃي ٿو. ڪتاب ۾ هڪ حمد پر طويل موجود آهي.

سدا حمد ساراهه پروردگار
آ خالق ۽ مالڪ ستر هٿ ستار

وزن :فعولن فعولن فعولن فعول
بحر: بحر متقارب مثمن مقصور

(34) درصنعت مقلوبْ يا تقليب قافيہ مع التڪرار يا تڪرير: (لفظي) هن صنعت ۾ ٻہ صنعتون گڏيل آهن. 1: مقلوب:هن ۾ قافيي کي ابتو ڪبو تہ ٻيو لفظ ٺهندو. 2: تڪرار: ساڳيا لفظ مختلف معنيٰ ۾ ٻہ ڀيرا آڻجن. هن ڪتاب ۾ اهڙا ٻہ مثال موجود آهن. جن مان هڪ مثال جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

تار تنهنجي آهي ڏينهن ۽ رات تار
سار لهہ سهڻا سگهو ڪرراس سار.

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلات
بحر: بحر رمل مسدس مقصور

(35) درصنعت مدور: (لفظي) هن صنعت تحت شعر /غزل جي مصرعن کي چار يا اٺ خانن جي گول دائري ۾ جدا جدا ڪري لکجي ۽ جنهن بہ رڪن کان پڙهڻ تي دل گهري تہ پڙهي سگهجي ٿو ۽ ان ۾ مطلب بہ صاف ظاهر ٿئي ٿو. تقطيع ڪرڻ وقت لفظ/رڪن خانن ۾ ڌار ڌار هجن. هن ڪتاب ۾ اهڙو هڪ مثال موجود آهي.

ٻماري، اچن ٿا. ٻماري، ڇڏي وئي.

(هيءَ ستَ گول دائري ۾ اکر الڳ الڳ ڪري لکجن.)

وزن : فعولن فعولن فعولن فعولن

بحر: بحر متقارب مثمن سالم

(36) درصنعت النثر: (معنوي) هن صنعت تحت جيڪي شعر/غزل لکيا ويجن ٿا. تن ۾ زيرِ اضافت ۽ ڳرن لفظن کان پاسو ڪيو ويندو آهي ۽ ٿوري فرق سان نثر جي صورت اختيار ڪري سگهي ٿو. ڪتاب ۾ هڪ غزل انهيءَ متعلق موجود آهي. هيءَ غزل ڪافي طويل آهي.

خط لکان ٿو يار توڏي نياز ساڻ
ٻڌ سمورو حال منهنجو ڪر رهاڻ

وزن : فاعلاتن فاعلاتن فاعلات

بحر: بحر رمل مسدس مقصور

(37) درصنعت مربع: (لفظي) هن صنعت ۾ شعر يا غزل جي مصرع کي چورس يعني چئني پاسن ڏيگهه ۽ ويڪر کان هڪ جهڙو پڙهي سگهجي ٿو. ڪتاب ۾ هن جو هڪ مثال موجود آهي.

نظر ڪر،	ڪرم ڪر،	او دلبر،	او رهبر
او دلبر،	دوا ڏي،	مرض جي،	ڪا بهتر

سڏيان ٿو	سدائين،	دوا ڏي،	او دلبر
او رهبر،	نظر ڪر،	ڪا بهتر،	ڪرم ڪر

وزن: فعولن فعولن فعولن فعولن
بحر: بحر متقارب مثمن سالم

(38) درصنعت مصنوع و عجيب: (لفظي) هن صنعت تحت ڪنهن شعر يا غزل ۾ لفظي بناوٽ ساڳي هوندي آهي. مگر انهن لفظن کي زير اضافت ڏئي رنگين بنايو ويندو آهي. ڪتاب ۾ هن قسم جو هڪ غزل ملي ٿو.

نہ ٿو دل تان لهي دلبر ڇا دلبر دلبرِ رهبر
ڇا رهبر رهبرِ سرور ڇا سرور سرورِماهر

وزن :مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن
بحر: بحر هزج مثمن سالم

(39) نظم جو تحفو: (معنوي) هن صنعت ۾ محبوب کي دل سان نظم موڪلبو آهي. هن صنعت کي "تحفۂ نظم" پڻ چوندا آهن.

حال پنهنجي خوب دل جو توڏي دلبر موڪليان
سربسر سورن سندو تحفو سراسر موڪليان.

وزن: فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن
بحر: بحر رمل مثمن محذوف.

(40) درصنعت نئون نمونو: (لفظي) هن صنعت ۾ شعر يا غزل ۾ پهرين مصرع جي اڌ کي وري لکيو ويندو آهي ۽ ٻيءَ مصرع سان بہ ايئن ئي ڪيو ويندو آهي. مگر قافيي ۽ رديف جي پابندي لازمي آهي. ڪتاب ۾ اهڙو هڪ غزل موجود آهي.

دلدار دلربا چاڻ، دلدار دلربا چاڻ
هروقت ناخدا چاڻ، هروقت ناخدا چاڻ

وزن: مفعول فاعليان مفعول فاعليان
بحر: بحر مضارع مثمن اخرب مخنق مكفوف مسبغ

(41) درصنعت واسع الشفتين: (لفظي) هن صنعت ۾ شعر يا غزل جي لفظن جي ادائگي وقت چپ چپن سان نہ ملن. ڪتاب ۾ اهڙا ٻہ غزل موجود آهن. جن مان هڪ مثال نموني طور هيٺ ڏجي ٿو.

درد وارن جي دوا دلدار تو وٽ آ صحيح
سور وارن جي سدائين سار تو وٽ آ صحيح

وزن :فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن
بحر: بحر رمل مثمن محذوف

(42) درصنعت واصل الشفتين: (لفظي) هن صنعت ۾ ڪنهن شعر يا غزل ۾ لفظن جي ادائگي وقت چپ چپن سان ملن ٿا. هن ڪتاب ۾ هڪ اهڙو غزل ڏنل آهي.

مَ ڇڏ مون کي من تان ڀلائي محافظ
مدامي مِلو مسڪرائي محافظ

وزن: فعولن فعولن فعولن فعولن
بحر: بحر متقارب مثمن سالم

(43) درصنعت هڪ جهڙو قافيو : هن صنعت ۾ شعر يا غزل ۾ قافيو ۽ رديف شڪل ۽ آواز ۾ هڪ جهڙا ٿين ٿا. ڪتاب ۾ ٻہ مثال موجود آهن. جن مان هڪ مثال ڏجي ٿو.

ڪٿي نيڻ پيارا نهاريو نہ ماريو
مٺا مون کي مرڪي ڪيڪاريو نہ ماريو.

وزن :فعولن فعولن فعولن فعولن
بحر : بحر متقارب مثمن سالم

(44)درصنعت يڪ نقاط :(لفظي) هن صنعت ۾ شعر يا غزل ۾ استعمال لفظن کي هيٺيان يا مٿيان هڪ نقطو استعمال ٿيندو آهي. ڪتاب ۾ هڪ غزل اهڙو موجود آهي، جنهن جو مثال هيٺ ڏجي ٿو:

ناز بر نازڪ بدن ڪر ناز ناز
ڪل ڪان اعليٰ منصف و عادل فراز

وزن:فاعلاتن فاعلاتن فاعلات
بحر: بحر رمل مسدس مقصور

صنعتن جي انهيءَ جائزي کان پوءِ ٿوري نگاهه علم عروض جي بحرن ۽ انهن جي شاخن تي بہ وجهندا هلون. سائين "اسير" قريشي صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ 44 صنعتون ۽ 77 اسم ڏنا آهن جن مان صنعتن بابت مٿي جائزو وٺي چڪا آهيون. باقي بحرن بابت هيٺ درج ڪجي ٿو.

1 ـ**بحر رمل:** شاعريءَ جي دنيا ۾ سڀن کان وڌيڪ ۽ گهڻو استعمال ٿيندڙ اهو بحر نهايت پرڪشش، روان ۽ ردم رکي ٿو. اسان جي پياري دوست ۽ سهڻي شاعر "اسير" قريشي صاحب پڻ هن بحر کي سڀن کان وڌيڪ استعمال ڪيو آهي. هن بحر جو بنيادي رڪن "فاعلاتن" آهي. زحافن جي استعمال سان هن جا ڪل "16" فروع آهن جن مان هن ڪتاب ۾ فقط بہ زحاف "حذف" ۽ "قصر" استعمال ۾ آيل آهن. حذف هڪ زحف آهي جيڪو رڪن فاعلاتن جو آخري سبب خفيف يعني "تن" کي ڪيرائي ٿو. تنهن ڪري فاعلاتن مان باقي فاعلن بچي ٿو.

1۔فاعلاتن 1۔بحر رمل: بحر رمل ۾ محذوف جي شڪل ٿئي ٿي. فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلن (مثمن). سائينءَ پنهنجي ڪتاب ۾ يارنهن اسم انهيءَ بحر ۾ لکيا آهن. مسدس محذوف جي شڪل فاعلاتن فاعلاتن فاعلن ٿئي ٿي. هن ۾ تيرنهن اسم آهن. باقي ڏهه مقصور آهن. "قصر" پڻ هڪ زحف آهي جيڪو آخري نون، رڪن جي آخري سبب خفيف جو ساڪن ڪيرائي ٿو. اهڙيءَ طرح مقصور مثمن جي شڪل فاعلاتن فاعلاتن فاعلاتن فاعلان/فاعلات ٿئي ٿي. مطلب تہ شاعر پنهنجي ڪتاب ۾ "بحررمل" ۾ ڪل چوٽيهہ اسم لکيا آهن.

2۔بحر هزج: هزج پڻ روانيءَ وارو بحر آهي. هن جو بنيادي رڪن "مفاعيلن" جنهن جا سورنهن فروع آهن. جن مان "اسير" "خرب"، "ڪف"، حذف ۽ ساڪن ٻٽائڻ لاءِ مخنق ڪان ڪم ورتو آهي. هن ۾ مثمن سالم بحر ۾ آٺ اسم يعني مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن مفاعيلن تي لکيل آهن. مسدس سالم تي هڪ اسم آهي. مسدس محذوف جا ٻہ ۽ اخرب، مڪفوف ۽ مخنق جا ٽي اسم آهن. اهي ڪل چوڏنهن اسم بحر هزج ۾ آهن.

3۔بحر مضارع: هيءَ بحر بنيادي ٻہ رڪن آهن. تنهن ڪري اهو مرڪب بحر آهي. هڪ رڪن مفاعيلن ۽ ٻيو فاعلاتن آهي. جيئن تہ اهو بحر اخرب، مڪفوف ۽ مخنق تي آڌاريل آهي. تنهن ڪري هن ۾ مفعول فاعلاتن مفعول فاعلاتن جو وڌيڪ استعمال آهي. ڪتاب ۾ ڪل اٺ اسم تحرير آهن.

4۔بحر متقارب: هن بحر جو بنيادي رڪن "فعولن" آهي. تمام روانيءَ وارو ننڍو بحر انتهائي خوبصورت استعمال ڪيل آهي. سالم بحر مثمن، فعولن فعولن فعولن فعولن آهي، جنهن ۾ ڏهہ اسم ۽ باقي ٽي اسم مقصور آهن. اهڙيءَ طرح ڪل تيرنهن اسم هن بحر ۾ تحرير ٿيل ملن ٿا.

5۔بحر متدارڪ: هن بحر جو بنيادي رڪن"فاعلن" آهي. اهو مفرد بحر آهي. هن جو مثمن سالم بحر فاعلن فاعلن فاعلن فاعلن آهي. مگر ڪتاب ۾ مخبون ۽ مسڪن گهڻو استعمال ٿيل آهي. "خبن" هڪ زحف آهي جنهن سبب فاعلن جو "الف" يعني پهرين مصرع سبب خفيف جو ٻيو

ساڪن ڪِري ٿو تہ فاعلن ڦِري فعلن ٿئي ٿو. پر "عين" جي حرڪت کي ختم ڪرڻ لاءِ مسڪن بڻايو ويو آهي يعني فعلن فعلن فعلن فعلن (عين ساڪن) استعمال ڪيو ويو آهي. هن بحر ۾ ڪل ست اسم آهن.

بحر رجز جو استعمال هڪ غزل لاءِ ڪيل آهي. پر هاڻي انهيءَ بحر مفاعلاتن مفاعلاتن مفاعلاتن مفاعلاتن "سالم بحر جميل" جو نالو ڏنو ويو آهي.

1۔بحر رمل ۾	چيل اسمن جو تعداد 34
2۔بحر هزج ۾	چيل اسمن جو تعداد14
3۔بحر متقارب ۾	چيل اسمن جو تعداد13
4۔بحر مضارع ۾	چيل اسمن جو تعداد 08
5۔بحر متدارڪ ۾	چيل اسمن جو تعداد 07
6۔بحر رجز/بحر جميل ۾	چيل اسمن جو تعداد 01

جملي اسم =77

ڪتاب ۾ موجود شاعريءَ ۾ علم بيان جون خوبيون پڻ نمايان نظر اچن ٿيون. تشبيهون، استعارا، ڪنايہ، مجاز مرسل ۽ علم صنايع جي آميزش ڪلام جي سونهن کي ويتر وڌائي ڇڏيو آهي. سنڌي گرامر جا قاعدا پڻ نهايت ڀرپور ۽ مڪمل استعمال ۾ آيل آهن.

ڊاڪٽر علي اڪبر اسير قريشيءَ جي محنت کي ڏسندي رشڪ اچي ٿو سالن جي محنت ۽ هيڏو عظيم ڪارنامو شايد ئي ڪو ٻيو سرانجام ڏئي سگهي. ڏٽيءَ در دعا آهي تہ پروردگار اسان جي سنڌي ادب کي اڃا بہ وڌيڪ ترقي ڏئي خصوصاً سائين "اسير" جي قلم کي وڌيڪ سگهارو بنائي تہ جيئن ادب جي خدمت جو اهم ڪم سرانجام ڏيندو رهي.

دعاگو

اقبال شاهين/ڪراچي

13 آگسٽ 2021ع

پنهنجي پاران

جڏهن کان انسان هن ڌرتيءَ تي نمودار ٿيو آهي، تڏهن کان وٺي شاعريءَ بہ وجود ورتو آهي. اهڙيءَ طرح انسان ڳالهائڻ ٻولهائڻ ۽ گفتگوءَ وسيلي ٽُڪ بندي تي ڪئي تہ وري ڪڏهن شاعريءَ ۾ مختلف قسمن جا آواز ٿي آلاپيا. ايئن ڪرڻ سان شاعري ڪيترائي مرحلاطئي ڪندي مختلف صورتون پئي اختيار ڪيون آهن. مولود، مداحون، مناجاتون، ٿيھ اکريون، اوسارا، لوليون، سهرا، ڳيچ، ڪافيون، بيت، گيت، مناظرا، مناقبا ۽ ٻيون کوڙ ساريون صنفون وجود ۾ آيون. انهن کان علاوه غزل بہ پنهنجي تناظر ۾ لکيو ويو. جهڙيءَ طرح شاعريءَ جا جدا جدا روپ آهن، تهڙيءَ ريت وري شاعريءَ ۾ غزل بہ جداگانہ صورت ۾ مليو ٿو. عشقيہ، مجازي، سياسي، سماجي ۽ ٻين ڪيترن ئي روپن ۾ غزل ۾ خيال آرائي ڪئي وڃي ٿي. شاعريءَ جي ٻين صنفن وانگر غزل ۾ بہ ڪيترين ئي لفظي ۽ معنوي جنسن جي اپٽار ڪئي وڃي ٿي. اهو نہ ٿو چئي سگهجي تہ ڪنهن شاعر ڪيتريون ۽ ڪهڙيون صنعتون لکيون/چيون آهن. هاڻي اچون ٿا لفظي ۽ معنوي صنعتن تي تہ لفظي ۽ معنوي صنعت ڇاکي ٿو چيو وڃي. حڪيم فتح محمد سيوهاڻي پنهنجي ڪتاب "آفتاب ادب" ۾ صنايع لفظي ۽ معنويءَ جي وصف ۾ لکي ٿو تہ:

"علم بديع "صنايع و بدايع جا ٻہ قسم آهن. (1)صنايع لفظي(2) صنايع معنوي

"صنايع لفظي جي معنيٰ آهي "ادبي ڪاريگريون" جي لفظن ۾ رکيلون هجن. (صنايع جمع ـ صنعت ـ واحد) "صنايع لفظيءَ" سان لفظن ۽ جملن ۾ سونهن ۽ سوڀيا پيدا ٿيندي آهي.

صنايع معنويءَ سان معنائن ۾ خوبي ۽ محبوبي پيدا ٿيندي آهي. (ص 130)

سيد اظهر گيلاني پنهنجي ڪتاب "تڪ تور" ۾ علم بديع بابت هنن لفظن ۾ سمجهاڻي ڏيندي لکي ٿو تہ:

"علم بديع يا علم بدايع، هيءُ اهو علم آهي، جنهن جي آڌار تي، شاعر ۽ اديب فصيح ۽ بليغ ٿي سگهي ٿو. ان جي ذريعي ڪلام جون سڀ ترڪيبون ۽ صنعتون معلوم ڪري سگهجن ٿيون. انهن ڳالهين کي مدنظر رکندي، شاعر ۽ اديب پنهنجو ڪلام ۽ نثر، سهڻو ۽ سلوڻو ڀڪو ۽ پختو رنگين ۽ جاذب عمدن لفظن ۽ عمدي عبارت ۾ ڳالهائي سگهي ٿو."

سيد اظهر گيلاني وري اڳتي لکي ٿو ته "صنعتون ٻن قسمن جون آهن. انهن مان هڪڙيون لفظي ۽ ٻيون معنوي. صنايع لفظيءَ ۾ صرف لفظن جي ظاهري صورت ۽ خوبي نظر ايندي ۽ صنايع معنويءَ ۾ معنوي خوبيءَ سان گڏ باطني خوبي به پاڻ ڏانهن متوجه ڪندي آهي. ٻنهين قسمن جون صنعتون هزارن تي پهتل آهن." (ص 48)

پروفيسر ڊاڪٽر محمد معزالدين پنهنجي ڪتاب "رہنمائے سخن" ۾ علم بديع جي وصف ۾ هن ريت لکي ٿو ته:

"علم بديع، هيءُ اهو علم آهي، جنهن ۾ صنايع جي اعتبار سان ڪلام جون اهي خوبيون ظاهر ٿين ٿيون، جيڪي الفاظ ۽ معنيٰ ۾ ملن ٿيون. هنن جا ٻه قسم آهن. هڪ معنوي ٻيو لفظي.

معنوي: هي اهڙيون خوبيون آهن جن جو تعلق معنيٰ سان آهي.

لفظي: هنن خوبين جو تعلق الفاظ سان آهي." (ص 10)

پروفيسر گيان چند جين پنهنجي ڪتاب "ادبي اصناف" ۾ علم بديع جي تعريف هنن لفظن ۾ ڪري ٿو:

"علم بديع کي علم معنيٰ به چون ٿا. جڏهن اسان "معنيٰ و بيان" جو فقرو استعمال ڪيون ٿا ته ان ۾ "معنيٰ" جي در اصل بديع مراد ٿئي ٿي." (ص 19)

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو جڳ مشهور اديب، عالم، لوڪ ادب، لسانيات، لغات ۽ لطيفيات جو ماهر ۽ ڏاهو پنهنجي ڪتاب (علم بديع) ۾ صنايع ۽ بدايع جي وصف ۾ هنن لفظن جي سهاري سان لکي ٿو ته:

"صنايع (واحد صنعت) =ڪاريگري، بدايع(واحد بديع) عجيب يا سهڻو. يعني ڪلام جي لفظ يا معنيٰ ۾ عجيب ڪاريگري ڪرڻ.

صنايع جا ٻه قسم آهن. 1 ـ لفظي صنايع 2 ـ معنوي صنايع. جيڪا ڪاريگري لفظن ۾ هوندي آهي، تنهن کي "صنعت لفظي" ۽ جيڪا معنيٰ ۾ هوندي آهي، تنهن کي "صنعت معنوي"چوندا آهن". (ص 11)

صنعت لفظيءَ جي وصف ڪندي ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل پنهنجي ڪتاب مضامينِ خليل ۾ لکي ٿو تہ:

"صنعت لفظي اها آهي جنهن جو لفظ جي معنيٰ سان ڪو واسطو نہ هوندو آهي. بلڪ جنهن ۾ رڳو لفظ جي ظاهري ماهيت يا حرڪت يا نقطن يا حرف جي تعداد جي ڪري ڪا خوبي رکيل هوندي آهي. صنعت لفظيءَ ۾ صنعت تجنيس هڪ مشهور صنعت آهي،جنهن جي معنيٰ آهي ساڳيءَ جنس مان هجڻ يا هڪ ٻئي وانگر هجڻ. ڪلام ۾ اهڙا لفظ آڻجن جي اُچار ۾ هڪ جهڙا هجن پر معنيٰ ۾ مختلف." (ص 53)

صنعت معنويءَ لاءِ ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل جو خيال آهي تہ:

"صنعت معنوي، ان صنعت کي چئبو آهي جنهن ۾ لفظن جي معنيٰ سان واسطو هوندو آهي ۽ لفظ جي ظاهري حيثيت سان ڪو بہ بحث نہ ڪبو آهي."(ص 57)

سيد اظهر گيلاني ڪهنہ مشق شاعر آهي. پاڻ غزل جي زمين ۾ سنڌي زبان جي 52 حرفن تي 22 ديوان لکيا آهن. اهڙيءَ ريت پنهنجي عمر جي حصي ۾ ڪل 212 ڪتاب لکي سنڌي علم و ادب جي جهول ۾ وڌا آهن. انهن کان علاوه قرآن پاڪ جي ڏهن سيپارن جو منظوم ترجمو مثنويءَ ۾ لکيائين. سائين اظهر گيلاني علم و ادب جو هڪ وڏو نانءُ آهي پاڻ هڪ ئي وقت شاعر، مڪالمہ نگار، اديب، عالم، موسيقار، صحافي ۽ صوفيءَ طور ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. سائين اظهر گيلاني صنايع و بدايع (صنعت و حرفت) جي ميدان ۾ هڪ ڪتابِ لکيو آهي. ان ڪتاب جو نالو آهي "ارمغانِ اظهر". صنعتن جي مد ۾ هيءُ پهريون ڪتاب آهي، جو هڪ ئي وقت 62 صنعتون پاڻ ۾ سمائي رکيون آهن. هيءُ ڪتاب مڪتبہ قصرالادب گهوٽڪيءَ پاران سال 1986ع ۾ ڇپيو آهي، پر هن وقت اڻ لڀ آهي. هيءُ ڪتاب حديثِ حسن جو هڪ ڀاڱو آهي. پهريان ديوان حديثِ حسن 152 صفحن تي آڌاريل آهي. بعد ۾ "ارمغانِ اظهر" 153 صفحن کان شروع ٿي 238 صفحن

تي روشني وجهي ٿو. هن مذڪور ڪتاب ۾ ڪل 62 صنعتون درج ٿيل آهن. هن ڪتاب کان اڳ اهڙو ٻيو ڪتاب سامهون نه آيو آهي. بلڪ ڪيترن ئي شاعرن ڳچ صنعتون چيون آهن. ليڪن انهن شاعرن مان ڪنهن به شاعر ڪو جداگانه ڪتاب صنعتن تي نه لکيو آهي. سيد اظهر گيلانيءَ کان اڳ حضرت علامه محمد هدايت علي نجفي تارڪ، نواب گل محمد زيب مگسي ۽ صنعت شڪارپوريءَ وغيره جا نالا اِن زمين ۾ ڳڻائي سگهجن ٿا.

غلام محمد شاه تخلص گدا عبدالحسين خان سانگيءَ جو همعصر شاعر آهي. گدا صاحب جي ڪلام ۾ ڪيتريون ئي صنعتون ملن ٿيون. پر گدا صاحب ڪنهن به صنعت تي پورو غزل نه لکيو آهي. باقي سندس ڪليات گدا ۾ مختلف صنعتن تي ڪيترائي شعر ملن ٿا. گدا شاه پنهنجي وقت جو قادرالڪلام شاعر آهي. جنهن ڪري سخنوري ۽ دانشوريءَ ۾ گدا شاه کي ياد رکيو ويندو. سندس ڪليات سنڌي ادبي بورڊ ڇاپي ڇڪو آهي،جنهن جو مرتب رشيد احمد لاشاري آهي. هن وقت ڪلياتِ گدا ناياب آهي. گدا شاه جي ڪلام ۾ لفظي ۽ معنوي صنعتون ڪافي تعداد ۾ داخل آهن. گدا شاه کان گهڻو پوءِ علامه محمد هدايت علي نجفي تارڪ جو نالو وٺي سگهجي ٿو. جنهن ڳچ انگ ۾ مختلف صنعتن تي پنهنجي ديوان (ديوان تارڪ) ۾ سڄا سارا غزل لکيا آهن.سندس ديوان سنڌي ادبي بورڊ سال 1989ع ۾ ڇاپي پڌرو ڪري ڇڪو آهي. علامه محمد هدايت علي نجفي تارڪ کان پوءِ سيد اظهر گيلانيءَ جو ڪتاب مختلف صنعتن تي لکيل آهي جنهن ۾ ڪافي صنعتون درج ٿيل آهن. سيد اظهر گيلاني لکي ٿو ته:

"علم بديع ۾ صنعتن جا جدا جدا نالا ۽ عجيب و غريب اقسام آهن. صنعتن جون جنسون ۽ نالا وري ايترا ته گهڻا آهن، جن جي ڳڻائي لاءِ وڏي دفتر جي ضرورت آهي.

صنعت تي ڪلام چوڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. فڪر ڪرڻ وقت عمده اشعار عالمِ وجود ۾ ايندا آهن. مگر بعض وقت فڪر ۾ اهڙي پيچيدگي ٿي ويندي آهي، جو ان شعر جو مقصد صرف شاعر جي ذهن تائين رهجي ويندو آهي.

ڪڏهن ڪڏهن شعر مان اکر ڪيڻ يا داخل ڪرڻ جي ڪري، عمده قسم جي خيال کي گهورَ ڪرڻو پوندو آهي.

آئون ايئن ضرور چوندس تہ ڪنهن بہ صنعت تي قلم کڻڻ آسان نہ آهي. قلمڪار کي قدم قدم تي ڪيترين ئي مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو.

موجوده دور جا شعراء ڪرام شاعرانہ قيود کان ڪناره ڪش ٿي ”نظم معرا“ Blank Verse ۽ ”نظم آزاد“ Free Verse ۾ پنهنجي خيالات جو اظهار ڪري رهيا آهن. آئون انهن جي برعڪس پاڻ تي شاعرانہ پابنديون لازم ملزوم سمجهندي، جدا جدا صنعتن تي طبع آزمائي ڪئي. اڪثر ڪري ”شاعرانہ قيود“ علم عروض کان اهي ماڻهو ڪنڌ ڪيرائيندا آهن، جيڪي صحيح معنيٰ ۾شاعرانہ متشاعر ڄاڻو نہ پر اناڙي هوندا آهن.“

سائين اظهر گيلانيءَ اڪثر ڪري هر صنعت تي هڪ هڪ غزل لکيو آهي پر ڪي اهڙيون صنعتون بہ آهن جن تي ٻہ ٻہ غزل لکيائين. اهڙيءَ طرح جڏهن مون علامہ محمد هدايت علي نجفي تارڪ ۽ سائين اظهر گيلاني ءَ جن جي ڪتابن کي پڙهيو تہ مون کي بہ اهو خيال جاڳيو تہ جيڪر آءٌ بہ صنعتن تي طبع آزمائي ڪيان. ان کان اڳ مون علامہ تارڪ سائينءَ جي ديوان مان اهڙيون صنعتون چونڊي هڪ مضمون لکيو جيڪو رسالي نئين زندگيءَ جي زينت بڻيو. ان کان علاوه سائين اظهر گيلانيءَ جي صنعتن تي پڻ مضمون لکيم جيڪو رسالي پيغام جو سينگار بڻيو. ايئن ڪرڻ سان مون کي صنعتن تي لکڻ جو ڏانءُ مليو ۽ شوق جاڳيو جنهن جي نتيجي ۾ ڪجھ صنعتن تي ٻہ ٽي ٻہ ٽي غزل لکيم. جيڪي اوهان پڙهندڙن جي دلچسپيءَ جو باعث بڻجندا.

شاعريءَ سان منهنجو ڳانڍاپو ۽ پيوند چڱو آڳاٽو آهي. جڏهن آئون اٺين درجي ۾ پڙهندو هوس. ان وقت کان ڪچي ڦڪي شاعري ڪندو هوس. جيڪا موجود نہ آهي. آخرڪار سال 1976ع کان ڪاغذ تي منتقل ڪندو ويس. ڪڏهن بيت تہ ڪڏهن ڪافي، ڪڏهن وري ڪا ٻي صنف. ايئن ڪجھ شاعري گڏ ڪري ورتم. پر جڏهن سائين اظهر گيلاني ۽ سائين نشتر ناٿن شاهيءَ سان ڄاڻ سڃاڻ ۽ ڏيٺ ويٺ ٿي تڏهن کان منهنجو حوصلو وڌيو ۽

جيئن جيئن وقت گذرندو ويو تيئن تيئن شاعريءَ ۾ نکار ايندو ويو. ﭘنهي استادن جي صحبت ۾ رهي ڪري مون کي گهڻو ئي ڪجهه حاصل ٿيو. اڄ تائين غزل جا ٽيرنهن ديوان لکي چڪو آهيان.جن مان ﭘنج ديوان ڇپجي چڪا آهن. باقي ﭘي شاعري الڳ آهي جيڪا اڃا اشاعت هيٺ نہ اچي سگهي آهي. ان شاعريءَ مان هيءَ ڪتاب "سوغاتِ گل" ﭘنهنجي الڳ اهميت رکي ٿو. هيءَ ڪتاب غزل جي مختلف صنعتن ۾ لکيل آهي. مون شاعريءَ جا ڪافي ڪتاب ﭘڙهيا آهن ﭘر منجهن ڪي ٿوريون لفظي ۽ معنوي صنعتون ملنديون. ان جي برعڪس مون هرهڪ صنعت تي هڪ ڪان وٺي ٻہ ٻہ ٽي ٽي ۽ چار چار غزل ﭘہ لکيا آهن.جيڪي اوهان ﭘڙهندڙن جي اڳيان آهن. هيءَ هڪ نهايت ڳتن ۽ ڏکيو ڪم آهي. غزل تہ هرڪو لکي وجي ٿو ﭘر غزل جي مختلف صنعتن تي لکڻ سڀ ڪنهن جي ﭘهچ ڪان ﭘري آهي. مون حضرت علامہ محمد هدايت علي نجفي تارڪ ۽ سيد اظهر گيلانيءَ جي ﭘيروي ڪندي مختلف صنعتن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. ان ريت هڪ ﭘورو ڪتاب لکيو آهي، ﭘر اڃا بہ ڪيتريون ئي صنعتون آهن جيڪي لکي نہ سگهيو آهيان. اِن شآءَ الله انهن رهيل صنعتن تي ڪنهن فرصت ۾ لکندس. هيءَ ڪتاب اوهان ﭘڙهندڙن جي هٿن تائين ﭘهچائڻ جي حتي المقدور ڪوشش ڪئي اٿم. اهو سڀ ڪجهه اوهان ﭘڙهندڙن تي ڇڏيان ٿو تہ آئون هن سنگلاخ زمين ۾ ڪيترو ڪامياب ويو آهيان.

مون کي ڪافي عرصي کان اهو فڪر رهندو ﭘئي آيو تہ ڪو صنعتن تي ڪتاب لکان! اهو ڪتاب لکجي ﭘورو ٿيو ۽ ادب جي ميدان تي ﭘرگهٽ ٿيو آهي. جنهن ڪري آئون ﭘاڻ کي وڏو خوش نصيب ۽ خوش بخت سمجهان ٿو. چو جو هيءَ منهنجو سالن جو ڪيل ﭘورهيو اڄ ﭘڌرو ٿيو آهي ۽ دل جي آرزو بہ ﭘوري ٿي اٿم. مذڪوره صنعتن تي مڪمل ﭘهريون ڪتاب سائين اظهر گيلانيءَ جو آهي جو منهنجي مطالعي هيٺ رهيو. جنهن مان مون ڪافي استفادو ڪيو آهي. سائين اظهر گيلانيءَ کان ﭘوءِ هن سنگلاخ زمين ۾ هيءَ منهنجو ﭘيو ڪتاب آهي. قوي اميد آهي تہ "سوغاتِ گل" اوهان کي ﭘسند ﭘوندو ۽ اوهان جي قلب و اذهان کي ضرور متاثر ۽ معطر ڪندو. ان کان علاوه هيءَ مذڪور ڪتاب سنڌي ادب جي حلقن ۾ نمايان مقام حاصل

ڪري پنهنجي جاءِ پاڻ ٺهرائيندو. آئون دل سان احسان مند آهيان محترم فيض محمد سڪندري پتافيءَ جو جنهن منهنجي ڪتاب جو ٽائيٽل ناهڻ ۾ ڪا بہ ڪسر ناهي ڇڏي.

آخر ۾ محترم اقبال شاهين جو نهايت ٿورائتو آهيان جنهن منهنجو عرض آگهائي پنهنجي قيمتي وقت مان ڪي گهڙيون ڪيڍي ڪري 2021ع ۾ مذڪور ڪتاب جو مهاڳ لکيو ءِ مون کي وڏو شرف بخشيو. ان کان علاوه هيءُ ڪتاب علامہ تارڪ اڪيڊميءَ طرفان ڇپائي خوشي محسوس ڪيان ٿو.

حوالا:

1: پروفيسر ڊاڪٽر محمد معزالدين (2009ع) رہنمائے سخن، اردو نيشنل بوڪ فائونڊيشن اسلام آباد

2: پروفيسر گيان چند جين (2019ع) ادبي اصناف، اردو اداره تاريخ و ثقافت اسلاميہ لاهور

3: حڪيم فتح محمد سيوهاڻي (1983ع) آفتاب ادب، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد

4: ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو (1966ع) علم بديع، شاهہ محمد عباسي نزديڪ پي وي اسڪول لاڙڪاڻو

5: ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم خليل (1983ع) مضامين خليل، مرتب عبد القيوم صائب، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد

6: علامہ محمد هدايت علي نجفي تارڪ (1989ع) ديوان تارڪ، مرتب ڊاڪٽر نواز علي شوق، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد

7: علامہ محمد هدايت علي نجفي تارڪ (1932ع) ڪليات تارڪ (قلمي)

8: سيد اظهر گيلاني (1986ع) حديثِ حُسن ۽ ارمغانِ اظهر، مڪتبہ قصرالادب گهوٽڪي

9: سيد اظهر گيلاني (1998ع) تڪ تور، مڪتبہ قصرالادب گهوٽڪي.

طالب علم

ڊاڪٽر علي اڪبر اسير قريشي

***

(درصنعت مطلعات)

اچين جي صحن تي هڪوار بسم الله
ٿئي اهڙي طرح ديدار بسم الله
لٿي آهي اچي سرڪار بسم الله
پلي پَٽ تي سندس ڪيڪار بسم الله
مِٺي جي آ مِٺي گفتار بسم الله
نرالي جڳ کان آ رفتار بسم الله
اچڻ سان تي ويا هبڪار بسم الله
ڪِنڊي خوشبوءِ وئي چوڌار بسم الله
هُو آيو آ ڪري سينگار بسم الله
ڪبو دل جو سِڌو واپار بسم الله
هُو آيو آ سرِ بازار بسم الله
چُمندس مان سندس پيزار بسم الله
مون آندو آ گلن جو هار بسم الله
ڳچيءَ ۾ وِجهُه مٺا منٺار بسم الله
ڪريان قدمن تان صدقي يار بسم الله
هي سڀ اشعار جوهردار بسم الله
قبوليو نذر ۾ سردار بسم الله
جي "اڪبر" آندا هي اشعار بسم الله

❊❊❊

در صنعت مطالعات: هن صنعت ۾ مُنڍ کان وٺي آخر تائين مطلع لکيا ويندا آهن.

(پرائمري اسڪول جوٽاٽي شريف _10_03_1989ع)

(درصنعت سرحروفي ۽ صنعت مطلعات)

سهارو بي سهارن جو سخي سردار آيو آ
دلاسو دردمندن جو دلي دلدار آيو آ
اڙين جو ۽ ابوجهن جو اَجهو آڌار آيو آ
بلاشڪ بيڪسن جو پرجهلو بيدار آيو آ
پيارو پاڪ پيغمبرؐ پرين پڳدار آيو آ
مِنو محبوب مرسلؐ ۽ سچو منهندار آيو آ
شفيع المذنبين شاڪر دُرِ شهوار آيو آ
غريبن جي غمن ٽارڻ جي لئي غمتار آيو آ
"يَدُالله فَوقَ اَيدِيهِم" يتيمن يار آيو آ
وسيلو واهه وارث ۽ وِلهين واهار آيو آ
نوازڻ نينهن وارن کي نبي نروار آيو آ
حبيبِ ڪبريا هڪدم هِنئَين جو هار آيو آ
گنهگارن سان گوهر هِتِ ڪرڻ گفتار آيو آ
سين جو ئي سدا ساٿي سجڻ سرڪار آيو آ
"اسيراڪبر" اَجهو اُمت لئي اظهار آيو آ
ڏکن ۾ ڏِڍ ڏيڻ "اڪبر" هلي ڏاتار آيو آ
۽ ختم الانبياء خوشتر ۽ خودمختار آيو آ

❋❋❋

(سکر_30_11_1992ع)

هن نعت ۾ هڪ وقت ۾ صنعتون ڪم آيل آهن.

1_**صنعت سرحروفي:** هڪ مصرع يا هڪ شعر ۾ اهڙا حرف استعمال ڪجن، جن جي منڍ وارو اکر ساڳيو هجي. جيئن هن نعت ۾ پهرين مصرع "س" سان ۽ ٻي مصرع "د" سان شروع ٿئي ٿي.

2_**صنعت مطلعات:** هن نعت ۾ شروع کان آخر تائين مطلع ئي مطلع يعني "ٽل" لکيا ويا آهن.

(در صنعت مطلعات)

ياد ڪر منهنجي وفا تون، وجھ نہ رات
ڇڏ ستم جور و جفا تون، وجھ نہ رات
جلدي اچ ويجهو مٺا تون، وجھ نہ رات
ٿو سڏيان صبح و مسا تون وجھ نہ رات
ڏي چُمي، ڪرڪا سخا تون وجھ نہ رات
ساھ آ توتان فدا تون وجھ نہ رات
پنهنجي دَرَ جو ڪر گدا تون وجھ نہ رات
درجو اهڙو ڪر عطا تون وجھ نہ رات
مِهر ڪر ڪا مهلقا تون وجھ نہ رات
ابتدا ڪان انتها تون وجھ نہ رات
درد جي ڪر ڪا دوا تون وجھ نہ رات
مچ صدا، منهنجي سدا تون وجھ نہ رات
ٿو رهان ماندو مٺا تون وجھ نہ رات
اچ اچي ڏِسُ دلربا تون وجھ نہ رات
رھ نہ "اڪبر" ڪان خفا تون وجھ نہ رات
ٿيءُ نہ "اڪبر" ڪان جدا تون وجھ نہ رات
مرحبا صد مرحبا تون وجھ نہ رات
آءُ شاعر سنڌ جا تون وجھ نہ رات

***

(شاھ لطيف هاسٽل روم 107 مهراڻ يونيورسٽي ڄامشورو _12_12_1996ع)

((درصنعت مطلعات)

دونهان درد دل ۾ دکائي مجاز
محبت جا مچ تو مچائي مجاز
پَنا پرت جا تو پڙهائي مجاز
سبق سوز جا تو سٹائي مجاز
لکين هيرا موتي لُٽائي مجاز
سوين روپ پنهنجا مٹائي مجاز
اناالحق جي ٻولي ٻُڌائي مجاز
سڏي دار تي تو چڙهائي مجاز
فلڪ تان زمين تي ڪيرائي مجاز
زمين کان فلڪ تي رَسائي مجاز
اشارن ۾ عاشق بٹائي مجاز
نہ تو راز رمزون لڪائي مجاز
محبت ۾ نعرا هٹائي مجاز
ٻُلا شاهہ وانگي نچائي مجاز
اهو فرض پورو ڪرائي مجاز
اميدون ۽ آسون پُڄائي مجاز
حقيقت تي "اڪبر" هلائي مجاز

***

(گورنمينٽ پرائمري اسڪول جوٹاٹي شريف۔ 15۔08۔ 1989ع)

(درصنعت مطلعات)

محمدﷺ ئي آهي هدايت جو مرڪز
پيو ڪو بہ ناهي عنايت جو مرڪز
شفيع آهي شافع شفاعت جو مرڪز
سخي آ سخا ۽ سخاوت جو مرڪز
سچائي، صفائي، صداقت جو مرڪز
امين آ محمدﷺ امانت جو مرڪز
سڏي ٿو سڀن کي سعادت جو مرڪز
اڙين ۽ اٻوجهن جي راحت جو مرڪز
حبيبِ خدا آ حڪايت جو مرڪز
هِتي ۽ هُتي آ ولايت جو مرڪز
سڄي جڳ جي آهي اِمامت جو مرڪز
مٽائي ڇڏيائين عداوت جو مرڪز
محبت ڏنائين سلامت جو مرڪز
ڏنائين نشانبر ٿي چاهت جو مرڪز
رهيو آهي "اڪبر" رعايت جو مرڪز
محمدﷺ ئي آهي لياقت جو مرڪز
خدا سونپيو "اڪبر" قيادت جو مرڪز
نبي آ اسان جو هر آيت جو مرڪز

❊❊❊

(جوڻاٽي شريف ـ 15ـ02ـ1998ع)

(درصنعت مطلعات)

خيرگو خيرالوريٰ' مون کي نہ ڇڏ
تاجدارِ انبياء مون کي نہ ڇڏ
روز شب صبح و مسا مون کي نہ ڇڏ
منهنجي تو کي التجا مون کي نہ ڇڏ
تو کي ساريان ٿو سدا مون کي نہ ڇڏ
ابتدا تا انتها مون کي نہ ڇڏ
پنهنجي دَرَ جو ڪر گدا مون کي نہ ڇڏ
درجو اهڙو ڪر عطا مون کي نہ ڇڏ
اي حبيبِ ڪبريا مون کي نہ ڇڏ
صاحبِ جود و سخا مون کي نہ ڇڏ
واسطي مشڪل ڪشا مون کي نہ ڇڏ
اي خدا جا لاڏلا مون کي نہ ڇڏ
خوش لقا ۽ خوشنوا مون کي نہ ڇڏ
مهلقا منهنجا مٺا مون کي نہ ڇڏ
اي سين جا آسرا مون کي نہ ڇڏ
آزي "اڪبر" جي اِها مون کي نہ ڇڏ
مچ تون "اڪبر"جي صدا مون کي نہ ڇڏ
بيڪسن جا پرجهلا مون کي نہ ڇڏ

❊❊❊

(مدل اسڪول جوٽاٽي شريف _04_04_2011ع)

(در صنعت توشيح)

ع= عاجزن جو اِجهو اوٽ تون مصطفيٰ ﷺ
ل= لال لولاڪ جا گهوٽ تون مصطفيٰ ﷺ
ي= ياس حسرت ۾ هردم رهان قيد تو
ا= اچ! اچي پيچ ڪڙا ڪوٽ تون مصطفيٰ ﷺ
ڪ= ڪڪ ڪو مون تي ڪرم مِهرِ جي ڪا نظر
ب=بيقراري ڏي ڪر موٽ تون مصطفيٰ ﷺ
ر= روزشب ورد آهي زبان تي اِهو
ق= قرب جي ڪر ڪا پالوٽ تون مصطفيٰ ﷺ
ر= راز توساڻ سون آ ڪيو رازدان
ي= يار وِجهُ غير ۾ ڦرلوٽ تون مصطفيٰ ﷺ
ش= شان ۾ سڀ کان تون ٿئين بلاشڪ اُتم
ي= يا حبيبِ خدا گهوٽ تون مصطفيٰ ﷺ
ا= آسرو تنهنجو دلدار آ هردم
س= سڏ سُڻي ڪر متا موٽ تون مصطفيٰ ﷺ
ي= يار ديدار ٿو تنهنجو توڪان گهُران
ر= رخ مٿان ڪڻ رِدا گهوٽ تون مصطفيٰ ﷺ
تو سوا يار "اڪبر" جو ٻيو ڪير آ
تون ٿي آهين اَجهو اوٽ تون مصطفيٰ ﷺ

***

(اردو اسڪول وارهه ـ 16ـ03ـ1982ع)
هن صنعت ۾ اهڙا اشعار موزون ڪجن، جن جي هرمصرع يا شعر جي پهرئين اکر جمع ڪرڻ يا ملائڻ سان ڪنهن جو نالو يا عبارت پيدا ٿئي، جيئن هن نعتيہ غزل جي هرسٽ جي پهرئين حرف ملائڻ سان "علي اڪبر اسير قريشي" نالو ظاهر ٿئي ٿو.

در صنعت واسع الشفتين ۽ صنعت توشيح)

ع= عيد آئي تون نہ آئين يار اڄ
ل= لوڪ ٿو توکي سڄڻ سؤوار اڄ
ي= يار ڇو ٿو تون گذارين دور دور؟
ا= اڄ لهي وڃ سهڻا سائين سار اڄ
ڪ=ڪر نظر ڪا نينهن واري هوڏ ڇڏ
ب= برهه تنهنجي آ ڪيو لاچار اڄ
ر= راز ڏي تون راز سان اي رازدان
ا= انتظار آهي اهو سرڪار اڄ
س=سور ۽ سختيون ڏئي سوگهو نہ ڪر
ي= يار ايڏا ڇو ٿو ڏين آزار اڄ
ر= رات ڏينهان تات تنهنجي آ رڳو
ق= قياس ڪر، اڄ جانِ جان، اظهار اڄ
ر= روشني ٿي توکان حاصل عشق جي
ي= ياد آهين، ياد رهندين يار اڄ
ش= شوق سان گهائل ڪري ”اڪبر اسير“
ي=يا ”اسير“ آزاد ڪر دلدار اڄ
عشق تنهنجي آ ڪيو ”اڪبر علي“ سڀ
سڄڻ ساراهه جا اشعار اڄ

❋❋❋

(جوٽاڻي شريف _ 30_09_1994ع)

هن غزل ۾ هڪ ئي وقت ٻہ صنعتون، صنعت واسع الشفتين ۽ صنعت توشيح ڪم آنديون ويون آهن.

SOORTH SINDHI ADAB

1۔ صنعت واسع الشفتين: غزل ۾ اهڙا اکر آڻجن، جن جي پڙهڻ سان چپ چپ سان نہ ملي، هن صنعت ۾ هڪ وقت هيٺيان اکر ب، ڀ، پ، ٻ، ڦ ۽ م ترڪ ڪرڻا پوندا آهن.

2۔ صنعت توشيح: هن صنعت ۾ پهرين لفظن غزل لکيو ويو آهي جنهن جو مفهوم چٽو ڪيو ويو آهي.

(در صنعت واسع الشفتين)

درد وارن جي دوا دلدار تو وٽ آ صحيح
سور وارن جي سدائين سار تو وٽ آ صحيح
تو ڪرين سوگهيون سچڻ جهٽ درد وارن جون دليون
چاڻ اهڙي اصل ڪان سرڪار تو وٽ آ صحيح
نازنين هل ناز سان اي ناز وارا نوجوان
لڪ لاڪيٽي لوڏ ۾ رفتار تو وٽ آ صحيح
ڪر سخا ساقي سخي ساغر تي ساغر ڏي پيون
در سخاوت جو ڪليل نروار تو وٽ آ صحيح
راز آهي عشق جي اسرار جو سيني اندر
رازدان هن راز جو اظهار تو وٽ آ صحيح
تو نهي عاشق اوهان سان ڪا گهڙي گڏجي گذار
شاد يا ناشاد ۾ نادار تو وٽ آ صحيح
وارَ وارن تي نہ ڪر تون وارَ ناهي وار وار
وارُ تنهنجن جو سدا هروار تو وٽ آ صحيح
ساهہ جا سينگار هرهر توتان آهيان جانِ نثار
هي "علي اڪبر" سدا سردار تو وٽ آ صحيح
جانِ جانان آس "اڪبر" تو رکي ديدار جي
سَينَ سائل جي سُٺو ديدار تو وٽ آ صحيح

***

(سعدو ديرو لڳ نئون ديرو _ 27_11_1995ع)

(درصنعت واسع الشفتين)

چو رهين ٿو دور؟ ويجهو يار اچ
ڇڏ رُسڻ کي هاڻ اي دلدار اچ
رازدان تون ئي ٿو ڄاڻين رازِ دل
اچ ڪٺي اي جانِ جان هيڪار اچ
تير ۽ تلوار جو ناهي ضرور
وار ڪر، هروار، ناهي وار اچ
دل کان کسجي ٿو سُڪون، اي هوشور
جلد ڪر او ساهه جا سينگار اچ
ساهه تي ويساهه ڪهڙو او سڄڻ!
تون ڏسڻ هِت عشق جو لاچار اچ
حسرتون، اندوهگين ۽ درد، رنج
ڏِسُ، وڏي ويا سور ۽ آزار اچ
ڪشتي کي لهرن "قريشي" آ جهليو
آهين تون واهار ۽ آڌار اچ
ناز سان هل ناز وارا نازنين
ڇڏ ڪٺي انڪار ڪر اقرار اچ
وقت کان "اڪبر" ٿو واجهائي سڄڻ
هڪ دفعو ئي خاطرِ ديدار اچ

***

غزل يا نظم ۾ اهڙا اکر استعمال ڪجن جن جي پڙهڻ سان چَپُ چَپ سان نه لڳي. جنهن کي صنعت واسع الشفتين چئبو آهي
(ڪراچي - 12_02_1992ع)

(درصنعت لزوم مالايلزم التزام، تضمين، تشديد ۽ اعنات)

ان جي فرقت ۾ ٿيو آ دل جو اڄ بيمار ڇَٽ
ساھ ڇٽ، ويساھ ڇٽ، ادراڪ ڇٽ، لاچار ڇٽ
نازنين نازڪ بدن جي گهُورَ هڪ سان ٿي ويو
نام ڇٽ، نيشان ڇٽ، هوشيار ڇٽ، بيدار ڇٽ
دلربا جنهن دم گهِڙيو محفل اندر تنهن دم ٿيو
رقص ڇٽ، مضراب ڇٽ، ڇٽ ساز ۽ سُر تار ڇٽ
مهلقا جي حُسنِ تابان کان ويا ٿي جهٽ منجهان
مِهر ڇٽ، مهتاب ڇٽ، تارا، گَتيون انوار ڇٽ
عشق جي تابش کان عاشق جا ويا سڀ خاڪ ٿي
عيش ڇٽ، آرام ڇٽ، ڇٽ هار ۽ سينگار ڇٽ
دلربا جي لوڏ کي ڏسندي ڪبڪ کان ٿي ويو
ناز ڇٽ، انداز ڇٽ، آواز ڇٽ، رفتار ڇٽ
جي ملي محبوب مون سان هڪ گهڙي، منهنجا ٿين
سور ڇٽ، اوهام ڇٽ، ڇٽ غم، الم آزار ڇٽ
يار جي جلوه نمائي کان "علي اڪبر" ٿيا
اٽڪلون ڇٽ، عقل ڇٽ، وهنوار ڇٽ، ويچار ڇٽ
عشق جي جذبي کان "اڪبر" لحظي هڪ ۾ ٿي ويا
نفل ڇٽ، اوراد ڇٽ، اذڪار ڇٽ، افڪار ڇٽ

***

(پرائمري مين اسڪول نصير آباد _15_04_1990ع

هن کي اعنات بہ چيو ويندو آهي، شاعرُ هڪ يا چند اُمور، جيڪي لازمي نہ هجن، سي غزل يا قصيدي جي هر شعر ۾ پاڻ تي لازم يا التزام ڪري اهڙيءَ صنعت کي لزوم مالايلزم التزام چيو ويندو آهي.

(درصنعت لزوم مالابلزم التزام، تضمين، تشديد ۽ اعنات)

ناز وارا نازنين مون ڏي هلي اي يار اچ
يار اچ، دلدار اچ، منٺار خوش گفتار اچ
طالبِ ديدار جو ڪر پورو مطلب ماهرو
صاحبِ ديدار اچ، هروار اچ، اظهار اچ
تون مريضِ عشق جا جهٽ دلربا لاهڻ اچي
رنج اچ، ارمان اچ، ۽ سور اچ، آزار اچ
ڇڏ جدائي، وصل جي تون واسطي، جانِ وفا
جلد اچ، هيڪار اچ، غمٺار اچ، غمخوار اچ
ڇو ڪرين ٿو دير، لحظي ۾ مٺا مون ڏي، ڪري
وَيسَ اچ ۽ هار ۽ سينگار اچ، جنسار اچ
پنهنجي عاشق جي اڳڻ، دلبر سِگهو آ، سڀ ڇڏي
خار اچ، بيگانه اچ، اغيار اچ، بيڪار اچ
جام ساقي ٿو ڏئي محفل ۾ پيئڻ واسطي
رند اچ، مينوش اچ، هوشيار اچ، مئخوار اچ
قرب ڪر نامِ خدا هڪڙو دفعو "اڪبر" ڏسڻ
زار اچ، حيران اچ، لاچار اچ، بيمار اچ
روز شب صبح و مسا "اڪبر" جا دلبر ڪجھ ٻڌڻ
بيت اچ، ۽ جهولڻا، ڪافيون، غزل، اشعار اچ

***

(شڪارپور ـ 17 ـ 01 ـ 1993ع)

(درصنعت لزوم مالايلزم التزام ،تضمين،تشديد ۽ اعنات)

منهنجي لئي آ ڪافي هڪڙو تو چوان هڪ يار بس
يار بس، دلدار بس، منٺار بس، منهندار بس
ساقيا محفل ۾ هڪ مئخوار لئي آ خوبتر
سُرڪ بس، پيمان، صراحي، ساغرِ سرشار بس
ڪم نہ دنيادار ايندو آ ڪڏهن، محتاج لئي
صبر بس، چُپ چاپ بس، ۽ فاقہ بس، اِدبار بس
زاهدِ بي پير لئي آ عشق جو هڪڙو ڪُتي
وار بس، نيشان بس، هٿيار بس، تلوار بس
هرگهڙي عاشق لئي دلبر جا ٿيا آهن عذاب
ابرو بس، لب، وار بس، سينگار بس، رخسار بس
سڀ تي ان جو آ ڪرم سڀ کي خبر ان جا ٿيا
ٻاجَھ بس، ۽ مِهر بس، رحمت سندا آثار بس
دلربا جي هڪ نظر سان چٽ ٿي دنيا جا ويا
ڪار بس، وهنوار بس، واپار بس، بازار بس
يار جا "اڪبر" ٿيا محفل اندر آهن اتم
مُرڪ بس، ڪيڪار بس، گفتار بس، رفتار بس
جي چئين محبوب سان ميلو ٿئي "اڪبر" جا تو لئي
بيت بس، ڪافيون غزل، ديوان بس، اشعار بس

❋❋❋

(گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول جوٽاٽي شريف_پنجويهين شعبان المعظم
1433ھ/16_07_2012ع)

(درصنعت لزوم مالايلزم التزام، تضمين، تشديد ۽ اعنات)

توکي اي محبوب ڪن عاشق تا هرهر ياد سي
يارسي، اغيار سي ۽ شاد سي، ناشاد سي
تنهنجي نيڻن جي پيالي کي ڏسي چَوٽو پيو
سي قدح مئڪش صراحي ۽ تيا رند شاد سي
منهنجي مارڻ واسطي تيار تو آهن ڪيا
ناز سي، انداز سي، سينگار سي، الحاد سي
منزلِ مقصود تي پهچڻ جي لئي راهي تيا
قيس ۽ منصور ۽ صنعان ۽ فرهاد سي
حُسن جو جلوو ڏسي زاهد کان وسري جهٽ ويا
نفل سي، اذڪار سي، افڪار سي، اوراد سي
مل اچي منهنجا مٺا ماهِ لقا مون ساڻ چڏ
رنج سي، تڪرار سي، اظلام سي، بيداد سي
ميڙ تو وٽ آيو آهيان مان وٺي، واپس نہ ڪر
نيڪ سي، سرواڻ سي، شاگرد ۽ استاد سي
لحظي هڪ ۾ تو ڪيا برباد عالَم ۾ چوان
زار سي، نمرود سي، فرعون ۽ شداد سي
عشق ۾ تنهنجي "علي اڪبر قريشي" ڪيا قبول
حڪم سي ۽ دڙڪا سي، فرمان سي، ارشاد سي
تنهنجي فرقت ۾ سهارو آيا "اڪبر" کي ڏيڻ
ٽيڪ سي مضمون جا الفاظ سي، امداد سي

***

(شير منزل شڪارپور ـ10ـ02ـ1993ع)

(سرائیکي:درصنعت لزوم مالایلزم التزام ،تضمین،تشدید ۽ اعنات)

عشق دي اوقات وچ هرچیز چٹ، سامان چٹ
وٹج چٹ، واپار چٹ، بازار چٹ، شادان چٹ
یار دي هردم اڳون کِنهن دي نهین کائي مجال
رئیس چٹ، سردار چٹ، پوتار چٹ ۽ خان چٹ
عشق دي بیمار کون لڳدي نهین کائي دوا
ویج چٹ، ویچار چٹ، سُرہاٹ چٹ، درمان چٹ
هار ۽ سینگار کرکي جب چلي جهٹ وچ کري
مور چٹ ۽ چٹ کبک، رفتار چٹ چوگان چٹ
اُهندي آوي ملک وچ باغ و بهاري تي، ڳئي
شور چٹ، هنگام چٹ، چٹ گوڑ ۽ گهمسان چٹ
زلف ابرو چشم دلبر دي کیتا آکان سُٹو
مار چٹ ۽ چٹ خنجر، تلوار چٹ، سلطان چٹ
جڳ دي وچ شادان کیتا هي یار "اکبر" جهٹ کري
وهم چٹ، آزار چٹ ۽ غم الم ارمان چٹ

***

(قصرِ گل جوٹاٹي شریف _29_06_2010ع
موجب ستین رجب المرجب 1431ھ)

(درصنعت لزوم مالايلزم التزام ،تضمين،تشديد ۽ اعنات)

تنهنجي خاطر ٿو سهان سر تي پيو آزار لک
سور لک، اوهام لک، صدما ۽ سختيون ڏار لک
خيال ڪر دنيا ۾ تنهنجا ٿا رهن باطن ظهور
يار لک، همراز لک، لک دشمن ۽ اغيار لک
تنهنجي خاطر تنهنجا دشمن ٿا ڪنيون هٿ ۾ قِرن
ڪات لک ۽ تير لک، هٿيار لک تلوار لک
باغبان جي ويا سڙي غفلت کان ساوا ۽ سُڪا
گل هزاري، سَروَ لک، اثمار لک، اشجار لک
تون شفا ڏي تنهنجي قدمن تي ڪِرِي آهن پيا
نوجوان لک، ٻار لک، ڪيئي ٻُڍا بيمار لک
تو کي جنهن پيي تي ڏنو تنهن کان ويا وسري منا
نفل لک، اوراد لک، اذڪار لک، افڪار لک
ڪوڙ تي جنهن جو گذارو ان کان جهٽ تي ٿا وڃن
پنهنجا لک ۽ لک پراوا، ڏار لک، بيزار لک
توتان صدقي ٿو ڏسان دلبر سدا منجهه ڪائنات
ماني لک، بهزاد لک ۽ ڪافر و ديندار لک
يار جي تعريف ۾ ”اڪبر“ تون لکندو خوب ره
گيت لک ۽ نظم لک، ڪافيون، غزل اشعار لک

❊❊❊

(ارم اپارٽمينٽ G_406 گلشن اقبال 17 ڪراچي _12_08_2011ع
موجب ٻارهين رمضان المبارڪ 1432ھ)

(درصنعت لزوم مالايلزم التزام ،تضمين،تشديد ۽ اعنات)

گھورَ هردم توتان آهن يار لک دلدار لک
يار لک هروار لک حبدار لک، سردار لک
تنهنجي در تي عمر ساري ٿئي بسر پيا ٽا چون
چاق لک، بيمار لک، بيڪار لک، باڪار لک
هٿ پري دشمن کي هردم قياس ڪر ان جو نہ ڪو
ڪات لک ۽ ڀالا لک ۽ تير لک، تلوار لک
ظالمن سان چو رعايت ٿا چون مظلوم ڪل
مار ڪل مردود لک، نمرود لک، مردار لک
آءُ تہ اوريان حال دلبر دور ڪر مون کان گھٽو
درد لک ۽ سور لک، آلام لک، آزار لک
ماهرو منهنجا مون کي ڪر بخش تون شام و پگاهہ
پيار لک، آرام لک ۽ هار لک، سينگار لک
تنهنجي در تي او سخي آيا هلي خيرات لئي!
عاملا محتاج لک، سائل لک ۽ پينار لک
پڙهہ سدا محبوب تي "اڪبر" صلواتون ۽ سلام
ورد لک، اوراد لک، هروار لک، سؤوار لک
شاعرانِ سندّ "اڪبر" دل سان ڏيندا دائمي
داد لک، وهہ واهہ لک، شاباس لک، صدبار لک

***

(قصرِ گل جوڻاٽي شريف +18_01_2017ع
موجب ويھين جمادي الاول 1438هہ)

(درصنعت لزوم مالايلزم، التزام، تضمين، تشديد ۽ اعنات)

وٺان ٿو لطف دلبر تنهنجي هردم خوب صحبت مان
حڪايت مان، محبت مان، عنايت مان، روايت مان
نہ ڏيو ايذاءُ انسان کي، خدا ٿيندو اوهان جي خوش
امامت مان، عبادت مان، رياضت مان، خلافت مان
ڏيو ڪجھ قومِ مسلم کي سڌي دائم اوهان پنهنجي
صداقت مان، ديانت مان، امانت مان، سخاوت مان
يتيمن ۽ اپوجهن تي اڙين تي خرچ ڪيو پنهنجي
شراڪت مان، ڪفايت مان، قناعت مان ۽ دولت مان
نہ ٿيندو راج هرگز تنهنجي خوش باني چوان ٿو مان
عداوت مان ۽ دهشت مان ۽ وحشت مان، نحوست مان
ٿيان خوش ٿو وڃان صدقي مٺا تنهنجي ادائن مان
نزاڪت مان، نفاست مان، نهايت مان، خصالت مان
زماني ۾ چوان کولي مان هر انسان ڏسان سرهو
بغاوت مان، جهالت مان ۽ غيبت مان، ضلالت مان
"علي اڪبر" ڏسان هر وقت چوڌاري منافق خوش
ڪدورت مان ۽ ڪلفت مان، شرارت مان، شڪايت مان
رهن خوش اهلِ دل"اڪبر" سدا تنهنجي رواني مان
فصاحت مان، بلاغت مان، سلاست مان، لياقت مان

❊❊❊

(قصرِ گل جوڻاٽي شريف _03_03_2017ع
موجب ٻارهين جمادي الثاني 1438هه)

(در صنعت ترڪ الحروف /ترڪ الف)

پنهنجي دَرَ جو مون کي ڪر نوڪر سڄڻ
تو ريءَ منهنجو ڪو نہ ٻيو ڪو در سڄڻ
ڏي ٻيري مون کي ڪٽورو مئي سندو
مون کي ڪر مخمور ۽ خوشتر سڄڻ
مون مُکو ڏک سور جو توڏي لکي
ڏس پڙهي دردن سندو دفتر سڄڻ
سوز ۾ ٻَرندي ڏٺم، دل ۽ جگر
سور سختيون ڪين ڏي هرهر سڄڻ
سرخرو محبوب ڪر، مفتون کي
ڪر متي جڳ ۾ تنهين جو ڪرُ سڄڻ
عُمر منهنجي تنهنجي در تي ٿئي بسر
نوڪرن جو ڪر ڪٽي نوڪر سڄڻ
سڏڪندي، وئي عُمر گذري، ڪر ڪرم
رهہ ڪٽي مون وٽ گهڙي هيڪر سڄڻ
عرض تو کي تو ”قريشي“ پيو ڪري
ميڙ مج منهنجي ڪٽي هيڪر سڄڻ
قيد زلفن ۾ ”قريشي“ تو ڪيو
پيچ پيچن تي ۽ ڏئي ور ور سڄڻ

❋❋❋

(پرائمري اسڪول جوٽاٽي شريف ـ10ـ01ـ1991ع)

صنعت مقطوع الالف يا حذف

نظم يا نثر ۾ ڪو هڪ حرف نہ آندو وڃي تہ ان کي ترڪ الحرف يا مقطوع الالف يا حذف سڏيو ويندو آهي.

(در صنعت سجع)

ساقي ڏني آ سُرڪي مخمور ڇو نہ ٿيندس؟
اڪ سان ملائي اڪ تو مسرور ڇو نہ ٿيندس؟
جي ”نعرہء اناالحق“، حق تو هٽائي مون کان
حق تي نہ پوندو پردو منصور ڇو نہ ٿيندس؟
منهنجي اڳڻ تي آيو ڪريان تو سونُ پاٽي
محبوب جي ڪرم تي مشڪور ڇو نہ ٿيندس؟
تيرن تپايو دل کي، گهُورن جو آهيان گهائل
جي فوجِ حُسن چڙهندي مفرور ڇو نہ ٿيندس؟
اول انهن جو آهيان، آخر انهن جو آهيان
مان پنهنجي مالڪن وٽ منظور ڇو نہ ٿيندس؟
دنيا سان راضي بازي، ٽاندو اٿيئي مون سان
تو رنج آ رَسايو رنجور ڇو نہ ٿيندس؟
منهنجي ملڻ تي تنهنجا قانون سخت آهن
طاقت جي آڌو آخر مجبور ڇو نہ ٿيندس؟
ابرو جي وار ڪيئي ڏڙ ڏار ڪيا سرن کان
ابرو جو وارُ ٿيندو چڪچور ڇو نہ ٿيندس؟
عاشق ”اسير“ آهي، تنهنجو فقير آهي
نسبت انهيءَ سان جت ڪٿ مشهور ڇو نہ ٿيندس؟

***

سجع جي لغوي معنيٰ آهي خوش آواز. اصطلاحي معنيٰ موجب شعر ۾ اهڙا لفظ استعمال هيٺ آڻجن، جن جي ٻُڌڻ سان ڪَنن تي بوجهہ نہ پوي، بلڪ وڏيڪ حظ حاصل ڪجي.

(درصنعت مسلسل)

او ساقي سوائي سڏائي پيار
اچي لطف جنهن سان ٻڌائي پيار
ٻُلا شاه وانگي گهرائي پيار
ٻڻائي تون ناچو نچائي پيار
نہ سِگَ ۾ سِڪائي، ستائي پيار
نہ مون کي تپائي، رُلائي پيار
کيان رقص اهڙو او پيرِمغان
پيالو پري، هٿ وڌائي پيار
اها ساقي چئجي نرالي سخا
شراب آ، پلي آزمائي پيار
چوان تو کي ساقي تو محفل اندر
سيني ساڻ سينو لڳائي پيار
سدائين رهي تات تنهنجي تنوار
نہ تون راز پنهنجو ڇپائي پيار
رهان روز شب تو انهيءَ آس ۾
نظر سان نظر کي ملائي پيار
"علي"جي تون صدقي سهارو ڏئي
کِلي جام خوش ٿي کِلائي پيار
اها آه اُتنڻ هميشہ حبيب!
نہ "اڪبر" کي ساغر لڪائي پيار
پياري تون "اڪبر" کي مدهوش ڪر
غزل ڪو بہ "اظهر"* جو ڳائي پيار

***

سوغاتِ گل

❁سيد اظهر گيلاني گهوٽڪي

(شاهه لطيف هاسٽل روم 107 مهراڻ يونيورسٽي ڄامشورو+17_02_1996ع

هن صنعت ۾ غزل مطلع کان مقطع تائين مسلسل لکڻ ضروري آهي. اهڙيءَ پابنديءَ جي ڪري غزل موزون ۽ دلپسند لڳندو آهي. جنهن ۾ نظم واري خوبي بہ نمايان پيدا ٿي ويندي آهي.

(در صنعت مسلسل)

دلربا ديدار ڏي مون کي نہ ڪر هرهر ڦنوط
آس تو ۾ آهي هردم، ڇو ڪرين دلبر ڦنوط؟
ڏي مريضِ عشق کي ديدار دارون درد جو
ڏس ڇڏيو ويڄن ڪري بيمار آ بهتر ڦنوط
ڇو رهين ٿو دور مون کان، منهنجي رهہ جانان قريب؟
اچ تہ اوريون حال دل جو آ مٺا منظر ڦنوط
جام ڏي پيرِ مغان محفل اندر مئي نوش کي
ڇو تہ خالي تنهنجي هٿ ۾ ٿو رهي ساغر ڦنوط
زهد تقويٰ نالي ۾ آ جڳ اندر جانِ وفا
هر گهڙي ويٺو ڏسان ٿو مسجد و مندر ڦنوط
روز شب صبح و مسا تڙپائي تنهنجي تات ٿي
اچ هلي، مون سان ملي وڃ، ڪين ڪر هيڪر ڦنوط
مون کي تنهنجو رهنما آهي وڏو ٿيو آسرو
ڪير آ جو تو مان رهندو هِتِ هُتي رهبر ڦنوط
آس "اڪبر" کي سدا تنهنجي ملڻ جي يار آ
طالبِ ديدار آ، ڪر ڪين تون "اڪبر" ڦنوط
جيڪو آهي يار جي تعريف کان خالي ڪتاب
سو ڏٺو مون آهي "اڪبر" ٿو رهي دفتر ڦنوط

***

(پرائمري اسڪول جوٽاٽي شريف _07_10_1997ع)

(در صنعت واصل الشفتين)

مَ ڇڏ مون کي مَنَ تان ڀُلائي محافظ
مدامي مِلو مسڪرائي محافظ
متا محب منهنجا مِتو ٻولِ مون سان
محبت ۾ پنهنجو ٻڌائي محافظ
ڀلو ڀاڳ ڀانيان، پايو پيَر مون ڏي
مَ ڪر موڳو مون کي منجهائي محافظ
ڀلا ڀرجهلو ۽ ڀلو ڀروسو تون
مسلسل مِلو پيَر پائي محافظ
مون محبوب مَنَ ۾ مچائي آ محفل
مِلو مهل مون سان ٻچائي محافظ
مَگَي ٻاجهه ٻارت تو منثار بيثو
ٻُکي ٻاجهه جي ڏي ٻُڌائي محافظ
محبت ۾ مسرور ماڻڪ مون کي ڪر
مَ مُنهُن وَيهُه مون ڏانهن متائي محافظ
برهه باهه ٻاري ٻلاشڪ بدن ۾
مَ وِج مَنَ ۾ ماتم مچائي محافظ
مون سان منهنجو "اڪبر" محبت ۾ مولا
مزيدارُ ماڻهو ملائي محافظ

❊❊❊

(پرائمري اسڪول جوڻاٽي شريف +27_09_1997ع)

هن صنعت ۾ اهڙا اکر استعمال ڪيا ويندا آهن، جن جي ڳالهائڻ سان چَپُ چَپَ سان نہ لڳي. ان کي صنعت واصل الشفتين چيو ويندو آهي.

(درصنعت قبيح و مليح)

ڏي هرهر مون کي خلق ڏسي، تون در تان خالي جناب نہ ڪر؛
ڇو منهن ٿو مٽائين عاشق کان، ڪو عاشق ساڻ حساب نہ ڪر؛
مان توکي ڏسي، ٿو توکي چوان، توکان نہ سواءِ ڪنهن کي ٻئي کي ڪيان
ڇا عرض ۾ آزيون يار مٺا! تون ئي ٿو مڃين، ڪو تاب نہ ڪر؛
جيڏو تون ٿو سمجهين سهٺا، ايڏو بہ وڏو ڪو ناهي صفا
ڇا خيال سان ٻڌ ۾ خوف نہ ڪر، پڙهہ باب ڪتاب حجاب نہ ڪر؛
شب روز پيارا صبح و مسا، مان تنهنجون ڪٽي ۾ تنهنجو ڪٽان
ڇا، پنهنجي سر تي سختيون سوين ۾ يار قسم، بيتاب نہ ڪر؛
مان تو کي وجهي ۾ وجهندو رهان، ٿڪجي نہ پوان، هُٿجي نہ پوان
ڇا، قرب مان ياڪر ماهِ لقا؟ رخ پنهنجو مون ڏنهون خراب نہ ڪر؛
ڪجھ سوچ بہ ڪر ويچار بہ ڪر، رڳو مون کان ڪراءِ تون جانِ جگر
ڪم ڪار سدا تي ڪين خفا، ڪر هوش پرين، بند باب نہ ڪر؛
ڇاڪاڻ ڪرين ٿو دير سڄڻ . ڏئي جهٽ ۾ وٺ، متان پيو ڪو ڏسي
پنهنجي دل جون ڳالهيون، رمزون ڪنهن ٻئي جي اڳيان هي ڪتاب نہ ڪر؛
"اڪبر" ٿو سڏي آ "اڪبر" ڏي هلي، گهبراءِ نہ ڏسي "اڪبر" جو ڏکو
دفتر تہ پسند ايندو تو کي سچو ڪڻ نيڻ مٿي ڪو نقاب نہ ڪر؛
"اِڪبر" ٿو چوي ڪر مِهر و ڪرم، مايوس نہ ڪر، جهٽ پوندو ڇُٽي
ڇا، زخم جو دل تي گهنو آ، مج سوال اهو ۾ جواب نہ ڪر؛

***

(پرائمري اسڪول جوٽاٽي شريف _26_03_1999ع)

غزل جو پهريون مصرع متضمن هزل جي رڳ ۾ رڳيل هجي ۽ ٻي مصرع ۾ اهڙو بيان هجي، جو هزل جي شڪ ۾ شبهي کي جلدي دور ڪري ڇڏي.

قبيح ۽ مليح ٻيئي صنعتون حشوءَ جا قسم آهن. ڪلام جي پهرين سِٽَ (مصرع) پڙهڻ ۽ ٻڌڻ سان خراب (قبيح) لڳي يعني قبيح ۾ ڳالهه جو واڌارو ۽ سٺو نه لڳڻ آهي. جڏهن ته ٻي سِٽَ (مليح)سٺي لڳي. يعني مليح ۾ واڌارو به آهي ته سٺو لڳڻ به آهي.

(درصنعت قبيح و مليح)

مان ڪيان توکي، ڪٽي تنهنجو قسم
صدقي صدقي تو مٿان سر، ساهه دم
ڇڏ تہ تنهنجون مان ڪٿان، منهنجا مٺا
پنهنجي سر تي سختيون ۽ سور غم
مون تي ڇڏ، توکي وجهان مان زور سان
خوب ياڪر، پيار مان سهٽا صنم
مون کي ڏي تون دير ڇاجي قرب ڪر؟
رازِدل ٿي رازدان، ڪر ڪو ڪرم
ڇو تهين ٿو مون کان منهنجو تون ڏسي؟
ناهي ايڏو ڪو وڏو پڙهہ بابِ غم
جهَلِ ڪٽي، آهين جهلڻ ۾ نامور
پنهنجي نيٽن کي، نہ ڪر مون تي ستم
اڄ نہ ٿو مون کان ڪرائين، ياد ڪر
هوش وارا، هوش ڪر، ڪو ڪار ڪم
ڏي نہ ڪنهن ٻئي کي مٺا مون کان سواءِ
آبرو ڏيءِ ۽ دلاسو دمبدم
مان ڪندو توکي رهان، مڄ ماهرو
عرض آزيون، پيار خاطر، وجهہ نہ خم
آس پوري ڪر، نہ ڪر نهڪر پرين
رک تون "اڪبر" جو اديبن ۾ پرم
تنهنجي هوندي نام "اڪبر" جو ٿيو
شاعرن ۾ ۽ اديبن ۾ اتم

***

(پرائمري اسڪول جوٽاٽي شريف ـ17ـ10ـ1997ع)

(در صنعت انتظاريہ)

ڪيو دربَدر مون کي آهي عجيبن
نصيبن، نصيبن، نصيبن، نصيبن
دوا دلربا وٽ، ڪيو لادوا آ
طبيبن، طبيبن، طبيبن، طبيبن
رَسايو انهيءَ حد تي، آ يارُ منهنجو
رقيبن، رقيبن، رقيبن، رقيبن
ڪيا پيدا سڀ اختلافي مسائل
خطيبن، خطيبن، خطيبن، خطيبن
عبادت ۽ اسلام جي لڄ رکي آ
غريبن، غريبن، غريبن، غريبن
نسب نامو قومن جو آهي بُڏايو
نقيبن، نقيبن، نقيبن، نقيبن
خطا ڪهڙي پئي آ، ڇڏيو منهن متائي؟
حبيبن، حبيبن، حبيبن، حبيبن
ادب جي ڏني واٽ مون کي ”اسير“ آ
اديبن، اديبن، اديبن، اديبن

❋❋❋

(پرائمري اسڪول جوٽاٽي شريف + 30_06_1989ع)

هن صنعت ۾ هڪ يا وڌيڪ اهڙو اکر استعمال هيٺ آڻجي، جيئن ان جي ڪم آڻڻ ڪان سواءِ شعر جي معنيٰ ۽ مطلب پورو نہ نڪري سگهي. ان ڪي صنعت انتظاريہ جو نالو ڏنو ويو آهي.

(درصنعت انتظاريہ)

ڪرم ڪر ڪو سهڻا، هي دلڙي ڳري تي
مري تي، مري تي، مري تي، مري تي
وساري تون وينين هيءَ دل ياد توکي
ڪري تي، ڪري تي، ڪري تي، ڪري تي
وسامي نہ تي باھ جيڪا لڳي آ
ٻري تي، ٻري تي، ٻري تي، ٻري تي
نہ منهنجي سَري تي، منا ڪيئن تنهنجي
سري تي، سري تي، سري تي، سري تي
ڏسي تو کي دلدار دل منهنجي هردم
ٺري تي، ٺري تي، ٺري تي، ٺري تي
ڪري ڪيئن آرام دردن، ڏکن ۾
ڏري تي، ڏري تي، ڏري تي، ڏري تي
اوهان سان ڪيان تو ملڻ جي، چئو تا
پري تي، پري تي، پري تي، پري تي
اسير آهيان پوءِ يي منا دل اوهان کي
گهُري تي، گهُري تي، گهُري تي، گهُري تي
مُکو توڏي قاصد آ "اڪبر"، نہ ورندي
وري تي، وري تي، وري تي، وري تي.

***

(جوٽاٽي شريف ـ 22_02_1990ع)

(درصنعت انتظاريہ)

قابل آهين سڀ کان بهتر
دلبر، دلبر، دلبر، دلبر
ناهہ دنيا ۾ توريءَ منهنجو
رهبر، رهبر، رهبر، رهبر
منهنجي نظر ۾ هڪ تون آهين
اطهر، اطهر، اطهر، اطهر
عشق اوهان جي تنهنجو پَسايو
منظر، منظر، منظر، منظر
تنهنجي در جو آهيان هردم
نوڪر، نوڪر، نوڪر، نوڪر
بيشڪ آهين لَکن ۾ سهڻا
اظهر، اظهر، اظهر، اظهر
دير نہ ڪر تون، دشمن ڪي هڻ
نوڪر، نوڪر، نوڪر، نوڪر
آهين "اسير" جو نورِنظر تون
انور، انور، انور، انور
آڇ نہ ڪنهن ڪي پنهنجي دل جو
دفتر، دفتر، دفتر، دفتر
توکي تنهنجو ياد ڪري ٿو
اڪبر، اڪبر، اڪبر، اڪبر

***

(جوڻاٽي شريف +23_06_1990ع)

(درصنعت انتظاريہ)

دليون ڦُرڻ جو آهين دلبر
ماهر، ماهر، ماهر، ماهر
توسان پيار پراڻو آهي
دلبر، دلبر، دلبر، دلبر
گهائل ڪيو آ دل کي هٽي تو
نشتر، نشتر، نشتر، نشتر
عاشق تي ٿو الارين ڇا لئي؟
خنجر، خنجر، خنجر، خنجر
تولئي آتو مَنُ آ منهنجو
هرهر، هرهر، هرهر، هرهر
واڻون تنهنجون تولئي نهاريان
هيڪر، ٻيهر، ٽيهر، هرهر
غير سان گڏ ٿي گهمندو آهين
اظهر، اظهر، اظهر، اظهر
تو ئي ٻڌايو "اڪبر" آهي
شاعر، شاعر، شاعر، شاعر
تنهنجو هردم توکي ساري
اڪبر، اڪبر، اڪبر، اڪبر

***

(جوڻاڻي شريف ـ 23ـ06ـ1990ع)

(درصنعت ردالعجز عليٰ الصدر)

گھار گھاري وجھ نہ تون گڏ گھار گھار
ڏار ڇو ٿو تون رهين آڏار ڏار؟
وار ٿا تلوار جيئن تجلا ڏين
وار تنهنجا ڪن پيا هروار وار
خار ڪي ڪر تون نصيحت دلربا
لاھ پنهنجي خارَ تي سڀ خارخار
بارَ ڳُچلي برھ جي آ دل ڇڏي
تہ بہ ڪري ٿي ياد توکي بار بار
وارُ واندي دل نہ تنهنجي وِرھ کان
وصل وارو وارِ سهڻا وارُ وارُ
تارَ ۾ ڪشتي اميدن جي رَسي
تارَ مان تنهن کي اچي تون تار تار
مارَ لفظن جي پرين ڏي غير کي
پنهنجي عاشق کي نہ دلبر مارمار
نارَ تنهنجي يار شوخي جي ڪري
هاري نيڻن مان ٿو "اڪبر" نار نار
پارِ هِن کان پارِ "اڪبر" کي پڄاءِ
تو ريءَ مشڪل آهي پهچڻ پار پار

***

(ڪراچي _09_07_1992ع)

جيڪو لفظ صدر يعني پهرئين مصرع جي پهرئين جُز ۾ آندو وڃي، اُهوئي عجز يعني ٻيءَ مصرع جي پهرئين جُز ۾ اچي تہ ان کي ردالعجز عليٰ الصدر چيو ويندو آهي.

(درصنعت ردالعجز عليٰ الصدر)

تارَ ٽُنَ ۾ تار آ ڏِسُ تار تار
بار بيحد بار گهٽ ڪر باربار
هار ڏي دشمن کي، مون کي بخش سوڀ
هارَ پاراءِ، هارَ آ، گر هار هار
وار وائي ڪا ملڻ جي گڏ گڏار
وارِ اهڙو وارُ ڪو تون وار وار
مار ماران آ ٻگلي تنهنجي ۾ روز
مار! آهي مار کي ڏي مار مار
ڪار ڪر باڪار، ڇڏ بيڪار ڪار
ڪار بيگر، ڪات هڻ، ڪر ڪار ڪار
نارِ ننگي ٿي نچي پئي ناز سان
نارِ کي وجهه نار منجهه آ نارنار
لار لڙڪن جي مان ڪوئي هارُ ٿاهه
لار ماڪيءَ لار سهڻي لار لار
سار "اڪبر" کي، نه دم ڪو تون وسار
سار اهڙي سار بهتر سار سار
ڏار "اڪبر" ڏارجن ٿيون ڪاٺيون جيئن
ڏات سان هرهڪ عدو کي ڏار ڏار

❋❋❋

(قصرِ گل جوٽاٽي شريف ـ03ـ03ـ2017ع
موجب ٽين جمادي الثاني 1438هه)

(درصنعت توشيح ۽ ذوقافيين)

ا=امداد اسان تي ڪر امداد ڪرڻ وارا
ت=تهدل ٿو سڏيان تو کي فرياد ٻُڌڻ وارا
ظ=ظاهر ۾ گڏ آهين هڪ پل نہ پري آهين
ا=انور بہ تون باطن ۾ اوراد سُڻڻ وارا
ه=هروار ڪيان آزيون گُل تو کي خبر آهي
ر=راضي ٿي رُسامو چڏ ارشاد ڪرڻ وارا
ر=راهون ٿو تڪيان تنهنجون اچ يار مٺا مون ڏي
ڪ=ڪرخيال سدا منهنجو مون کي شاد ڏسڻ وارا
گ=گفتار ۾ هرهڪ کي ڏاڍو تون پسند آهين
ف=فاخر ٿي چوان تو ٿا تعداد پڇڻ وارا
ي=يارن جو تون يار آهين ياور بہ اسان جو تون
ق=قابو ۾ ڪئي دل تو او ياد رکڻ وارا
ل=لائق ۽ تون فائق پيو هر علم رکين ٿو تون
ي=يڪسان نہ ڪو تنهنجو آ دلشاد رهڻ وارا
ا="اڪبر" کي چڏين چوتو "اڪبر" سان ڪي ڳالهيون ڪر؟
ر=رانجهن تون منهنجو آهين روئداد پڇڻ وارا
ن=نيڻن مان وهن ڳوڙها مالها ٿي پوي ٻڃجي
ي=يڪ برگ تون ڪر خوش دل آباد ڪرڻ وارا

❋❋❋

(قصرِگل جوٽاٽي شريف_06_03_2017ع
موجب ڇهين جمادي الثاني 1438ھ)

هن غزل ۾ هڪ وقت ۾ ٻہ صنعتون "صنعت توشيح" ۽ "صنعت ذوقافيين" اختيار ڪيون ويون آهن.

سوغاتِ گل

1۔هن غزل جي هر شعر جي پهرئين اکر ملائڻ سان "اظهر گيلانيءَ" جو نالو نڪري اچي ٿو. ۽ هر شعر جي ٻيءَ سٽ جي پهرئين حرف ملائڻ سان "تارڪ فقير" نالو نڪري نروار ٿئي ٿو.

2۔هن غزل ۾ ٻي صنعت "ذوقافيين" آندي وئي آهي. هن صنعت جو اڳ ۾ بيان ٿي چڪو آهي.

(درصنعت ذوقافيين)

عشق ۾ حاصل ٿيا انعام عام
پورا دلبر مون سان ڪيا انجام جام
اشڪباري بيقراري ۾ وڏيڪ
ڪر نه منهنجو دلربا ناڪام ڪام
نيڻ نرگس جهڙا تنهنجا يار خوب
سهڻو تنهنجو آ مٺا گلفام فام
عشق ۾ تنهنجي گلا جيڪو ڪري
تنهن عدو جو ٿئي سدا بدنام نام
انتظاري آهَ زاري مون ڪري
آ تڏهن ساقي ڪان ورتو جام جام
گهٽ نه ٿئي اهڙي سخا مان ڪجهه ذرو
جا هَلي شب روز صبح و شام شام
منهنجو دلبر تي ٿيو ايمان آ
ڪي چون الله الله . ڪي چون ٿا رام رام
عشق ۾ "اڪبر" مليو لطف و قرار
سنڌ جي ٿيو شاعرن ۾ نام نام
ناهي توريءَ ڪو سهارو اي سڄڻ
اهڙي "اڪبر" ٿو هٽي پيو هام هام

❊❊❊

(پرائمري اسڪول احمدي تونيه 10 _08 _1984ع)

(درِصنعت ذوقافيين +غيرمنقوط)

مَورَ ماڻڪ دادلا واهار ور
ساھ سهڻل گهَور آ سردار سر
ڪر ڪرم ۽ رحم ڪر ۽ مهر ڪر
سار لهه سهڻا، اِهو ڪم ڪار ڪر
دک، الم، اوهام، سور ۽ درد لاھ
دادگر دک دور ڪر دلدار در
رُسُ مَ سهڻا دائما رَسُ ماهرو
رَسُ، رَسڻ آ، رَسُ روا ڪردار ڪر
وارِ سهڻا وارُ ڪو ۽ ڪر وصال
وِرھ وارو وارُ آ درڪار در
رَھُ مَ حارص، حرص ۾ رھ لاطمع
ڪوڪ ڪرڪا وِرھ ۾ مڪار مر
مِهر وارا مهر ڪر لهه سار ڪا
مل، ملڻ ۾ ساءُ آ سالار سر
آ سِگهو ۽ سُڻ صدا ”دولهه“ مدام
ڪر مَ سوگهو ساھُ سُڪ واهار ور
حال سڻ سالڪ سراسر ڪر سلوڪ
وِرھ ۾ ”دولهه“ گهڻو مهڪار مر

❊❊❊

(پرائمري اسڪول جوڻاڻي شريف_27_06_1996ع)

(درصنعت ذوقافيين)

عشق جي ڏي مون کي سٽا لار لپ
منهنجي دل ۾ حُسن کيا نروار نپ
ان کي ويجهو کير ويهاريندو گر!
وات جنهن مان ٿي اچي پئي ڏار ڏپ
تنهنجي ابرو چشم، رخ کان ٿا کنبن
کيئن جهلن هي تير ۽ تلوار تپ
ڏي سخي ساقي سخا مان کجھ ذرو
مئکدي ۾ آ هَنيون مئخوار مپ
جانِ پنهنجي کيئن ڇڏائي سگهندو سو
جنهن کي چنبڙيا عشق جا سؤ وار سپ
بغض، کينو کوڙ کلفت ٿا هلن
پئجي ويا ايمان ۾ ڪاتار کپ
ماهرو منهنجا مٺا مون ساڻ مل
اچ! اچي تون منهنجي دل جا تار ٽپ
غم "علي اکبر" نہ کر ٿيءُ هوشور
عشق جي دنيا ۾ ڏي ٺهکار ٽپ
عشق ۾ "اکبر" عجب ديوان لکيو
حُسن وارن جا چُرن چوڏار چپ

❋❋❋

(گورنمينٽ بوائزهاءِ اسڪول عزيزالله قريشي جوٽاٽي شريف_22_08_2011ع
موجب ايڪويهين رمضان المبارڪ 1432ھ)

(در صنعت ذوقافيين)

عشق تنهنجو ٿو ڪري انوار اڀ
دل ۾ لائي ڏوڙ ۾ ڏڏڪار ڏڀ
نانگ ڪاڏي ڪي ڏئين ٿو تون شفا
جي هٽين ٿو ان کي پنهنجي لار لِڀ
فرق ڇاتم ڪافر و ديندار ۾
ها ٻنهي جي يار منجهه ڪردار ڪُڀ
جو ڪري تنهنجي گلا هر موڙ تي
ڏي انهيءَ کي دائما دلدار دڀ
جيڪي مون سان ٿا وڙهن ڪوئنسن عبث
تن جي منهن ۾ وجهه تون ڇائي ڇار ڇڀ
تنهنجي منهنجي وصل ۾ جورِت وجهي
ڏيل ان جي ۾ ڏسان ڏهڪار ڏڀ
پيو ٿو شاهوڪار گهاري شوق ۾
پر اڳيان پنهنجي رکي ريهار رڀ
وقت دنيادار جو دنيا ڏسي
دهر ۾ پيو ٿو ڪري ٻهڪار ٻِڀ
عشق مجنون آهي "اڪبر" کي ڪيو
جنهن کي پٽر ٿا هڻن پيا ٻار ٻہ ٻہ

***

(ارم اپارٽمينٽ C/7 گلشن اقبال ڪراچي +03_10_2012ع
موجب سترهين ذوالحج 1433ھ)

شعر ۾ هڪ کان وڌيڪ قافيا هجن، تہ ان کي ذوقافيين يا ٻٽو قافيو چيو ويندو آهي.

(درصنعت ذوقافيين)

آهي پڪ تو ۾ سدا سردار سؤ
ڇا ڪندا اُت پيڙ ۽ پلڪار پؤ؟
پارِ هِنَ پر ڪان مون کي هُن پر پڄاءِ
تار مان ڪر تار، ماري تار تؤ
بحرِ عصيان جيئن گهٽائي عمر، تيئن
ڄؤر ڇُوسي رت، پڪيڙيو ڄار ڄؤ
اي حبيبِ ڪبريا خيرالوريٰ
دشمنن جي منهن ۾ وجهه تون ڇار ڇؤ
مون ڇگهو ڪم ناهه ڪيو جنهن جي ڪري
منهنجو هرهڪ ڪائي تو ڪردار ڪؤ
صاف ۽ سچ آ لکيل قرآن ۾
ڇڏ بدي کي، ڪر تون نيڪي پار پؤ
وئي هلي دنيا مان ظلمت تا چون
چئُ پچئُ آ چؤطرف چمڪار چؤ
جنهن بہ توسان همسري ”اڪبر“ ڪئي
آ ورايو تنهن کي دَم، ڪنگهڪار ڪؤ
علم، عزت بخش ”اڪبر“ کي نبي!
ڏڪِ ڏِلائيون ،ڏئي تون ڏڪڻهار ڏؤ

***

(گدو ٽرمل ڪالوني، ايم18+15_11_2005ع
موجب ٻارهين شوال المڪرم 1426هه)

(درصنعت ذوقافيين)

مهر واري ڪر نظر دلبر مدام
تو چوان شام و سحر، هرهر مدام
تنهنجو آهيان پنهنجي دَرَ تي تون رهاءِ
دور دَرَ کان ڪين ڪر، نوڪر مدام
پاڪ دامن، پاڪ آهين، پاڪ صاف
مَٽُ نہ تنهنجو ڪو بشر، سرور مدام
صورت و سيرت ۾ آهين تون بلند
سڀ کان آهين خوبتر، برتر مدام
تو ڪئي روشن اچي آ ڪائنات
خير گو خيرالبشر، انور مدام
عرض، آزيون، عاجزيون منهنجيون آگهاءِ
ڪر خطائون درگذر، اطهر مدام
مون کان پوري ڪين ٿي تعريف ٿئي
زندگي آ مختصر، ڪمتر مدام
نُورِ حق، نُورِ مبين، نورالهديٰ
تون ئي آهين ڪارگر، رهبر مدام
شاد ڪر پنهنجو ثناگر اي نبي!
اوچو ڪر"اڪبر"جو ڳرُ، اڪثر مدام

***

(دعوت اڪيڊمي سينٽر احسن آباد گلشن معمار ڪراچي-27-12-2005ع)

(درصنعت ذوقافيين)

دربدر تولئي ٽيس تہ بہ ڪيئن ڇڏيان دلدار در
سربسر سر توتان صدقي اي سخي سردار سر
بحر ۾ تو غوطا کاوان, پٽڪان بر ۾ ڏينهن رات
درگذر ڪر گُل گڳايون مون ڏنو بردار بر
بار غم جا لاھ مولي واسطي محبوب جي
آس پوري ڪر سموري ڪر مٽي ڪردار ڪر
دوستن سان عمر منهنجي ٿئي بسر آ آرزو
دشمنن کي خوف ڏي هردم چوان ڏاتار ڏر
ڪارگر ڪر ڪار منهنجي عرض منهنجا سڀ آگهاءِ
وقت هرهڪ منهنجي ڪر تون دلربا واهار ور
نازبر اي نازنين ڪر ناز سان اچ وچ پرين
تو مٿان هر وقت هاريان روز شب زردار زر
عشق جي سوزش ڇڏيو آ منهنجي دل ۾ ڪين ڪجھ
يار توکي ٿو چوان ڪر پنهنجو هي پينارُ پُر
سڻ سخن منهنجو نہ وچ مون کان پري ڪائي گهڙي
مار"اڪبر" جي عدو کي جو ڪري ڪنگهڪار ڪر
عرض آزيون عاجزيون "اڪبر" ڪيان ايلاز نياز
خالي جهولي آ خدارا منهنجي تون يوتار ير

***

(قصرِ گل جوٽاٽي شريف _21_12_2014ع
موجب اٺاويهين صفرالمظفر 1436ھ)

(در صنعت ذوقافيين)

مستن جي لاءِ ڪر تون ڪو جام، جام ساقي
تنهنجو تہ آهي نالو ٿيو ڄام، ڄام ساقي
محفل ۾ تنهنجي آيا مئخوار دور کان ڏس
تن کي پيار، پيالو ڪر عام، عام ساقي
شوخي نہ شوخ ڪر تون شوخي ٺهي نہ توکي
ڪر قول پنهنجو پورو انجام، جام ساقي
تنهنجي شراب جو آ چؤطرف جاتي ڪاتي
تنهنجي سخا جو هرهنڌ آ نام، نام ساقي
خواهش سڀن کي دل ۾ تنهنجي ڏسڻ جي آهي
رخ تان هٽاءِ پردو هر شام، شام ساقي
محفل ۾ شور و غل آ گڏ شيخ شاب آهن
حد کان گهٽو گهرن ٿا مڌ خام، خام ساقي
چنگ و رباب رون رون، آهي ڏڪڙ جي ڏان ڏان
مطرب جو آهي جِت ڪِٿ ٿيو نام، نام ساقي
شوقِ شراب ۾ ٿيو خانو خراب آهي
"اڪبر" جو نام ٿيو آ بدنام، نام ساقي
"اڪبر" کي بخش عزت قُوت ڪريم هردم
تنهنجي پيو سدائين آ سام، سام ساقي

❋❋❋

(قصرِگل جوٽاٽي شريف +12_12_2016ع.
موجب ٻارهين ربيع الاول 1438ھ)

(در صنعت ذوقافيين)

تون صنعت آهين تون صانع تون منصوع
تون ارفع آهين تون رافع تون مرفوع
گهُران توکان پيو تو چوٽڪارو
شفاعت تون شفيع، شافع تون مشفوع
ڪرين ڳولا تو پنهنجي پاڻ هرهنڌ
تون جمعيّت آهين تون جامع تون مجموع
ڪري پيدا رچائِي راند تو آ
نفعو تون آهين تون نافع تون منفوع
لکي تو پاڻ هرهڪ کي تون پهچائين
طبع آهين ۽ تون طابع تون مطبوع
قوي قادر قدير آهين تون لاشڪ
ڪرين ڪنهن جو نہ ضايع تون موضوع
نہ جهلجي تو سگهين ڪنهن جي جهَل ۾
منع آهين ۽ تون مانع تون ممنوع
اتم "اڪبر" ٿيو آ تنهنجو درجو
صنايع ۾ تون ئي راجع تون مرجوع
هميشہ توکي "اڪبر" ٿا چون، تون
سميع آهين ۽ تون سامع تون مسموع

***

(قصرِگل جوٽاٽي شريف_19_03_2017ع
موجب اوڻويهين جمادي الثاني 1438ھ)

(درصنعت ذوقافيين)

ٽيندو نہ تنهنجي در کان مزدور دور عاشق
تنهنجي ٽيو عشق ۾ آ چڪچور چور عاشق
اوهام غم الم ۾ پيو ٿو گذاري راتيون
تو ريءَ سَلي هي ڪنهن سان ناسور سور عاشق
درد ڏکن ڏکويو ڳَڻتين آ ڏيل ڳاريو
لاغر وڃي ٿو ٿيندو ڏِسُ جهُور جهُور عاشق
پوئلڳ مان تنهنجو آهيان تنهنجو ئي آ سهارو
ڦوڪي ٿو وينو تون ڏس منصور صور عاشق
رخ تان هٽاءِ پردو ديدار يار ڏي تون
ٿيندو تہ ايئن دلبر مخمور مور عاشق
تو کي پڪاري پيو ٿو هڪ وار ناهي واندو
وينو پچائي پيو ٿو پرپور پور عاشق
فرقت ۾ تنهنجي ٿي پيو لاچار آهي ڏاڍو
نرگس مثال آهي بي نور نور عاشق
سايي ۾ تنهنجي هردم ماٺيندو چَينُ "اڪبر"
تنهنجو ڪري ٿو هردم مذڪور ڪور عاشق
تنهنجي ڳلي ۾ تڙپي "اڪبر" جو حال ڏس تون
ٿيندو وڃي ٿو شب روز ڪمزور زور عاشق

❊❊❊

(قصرِگل جوٹاٹي شريف _12_04_2017ع
موجب چوڏهين رجب المرجب 1438ھ)

(درصنعت ذوقافيين مع الحاجب)

پنهنجي دَرَ جو ڪر گدا، گوهر محمّد مصطفيٰ ﷺ
درجو اهڙو ڪر عطا، هيڪر محمّد مصطفيٰ ﷺ
اي امام الانبياء، افسر محمّد مصطفيٰ ﷺ
مرسلن جا پيشوا، رهبر محمّد مصطفيٰ ﷺ
ڏي مون کي توفيق تون هردم پڙهان توتي درود
۽ پڙهان صلِ عليٰ' هرهر محمّد مصطفيٰ ﷺ
پنهنجي در جي ڪر غلامن جو مون کي تون ئي غلام
تو چوان تو کي سدا، سرور محمّد مصطفيٰ ﷺ
مان گناهن ۾ گتل مون تان مديون ڪل معاف ڪر
شافعِ روزِ جزا، دلبر محمّد مصطفيٰ ﷺ
آرزو آهي اِها تو وٽ اچي تنهنجو ڏسان
صحن تنهنجو ڪيان صفا، هرهر محمّد مصطفيٰ ﷺ
هر دو عالَم جي تون رحمت ۽ دلاسو آسرو
رب مجي تنهنجي رضا، بهتر محمد مصطفيٰ ﷺ
تو خدا سان قرب جون ڳالهيون ڪيون معراج رات
مرحبا صد مرحبا، اڪبر محمّد مصطفيٰ ﷺ
مرتضيٰ ؑ جي واسطي تون عرض "اڪبر" جا اگهاءِ
مصطفيٰ ﷺ يا مصطفيٰ ﷺ، اطهر محمّد مصطفيٰ ﷺ

❊❊❊

(ارم اپارٽمينٽ C/07 گلشن اقبال ڪراچي-14-10-2012ع
موجب چوڏهين ذوالقعد 1433ھ)

(درصنعت ذوقافيين مع الحاجب)

محبت کي ڪري رهبر، عجيبن کي ڏسي ورتم
مٺي محبوب ۽ دلبر، حبيبن کي ڏسي ورتم
قدم هن عشق جي اوکي نرالي راهه ۾ پائي
چڙهي سانگو وڃائي سر، نجيبن کي ڏسي ورتم
سدائين عاجزي ۽ انڪساري آ محبت ۾
طرح اهڙي پري پيڪر، قريبن کي ڏسي ورتم
ڏنو ساقي شرابِ ارغواني جو قدح مون کي
تيس مدهوش پي ساغر، نقيبن کي ڏسي ورتم
رڪاوٽ هوندي دلبرُ آ مليو مون کي سرِ محفل
تيو آ اوچو منهنجو گرُ، لبيبن کي ڏسي ورتم
ويو تيرِ نظر جي زور تي مون کان کسي هُو دل
تيو ويرانُ دل جو گهر، نصيبن کي ڏسي ورتم
سيکاري شاعري آهي مون کي استاد نشتر ۽ علي اظهر
ڪري تن جي نذر دفتر، خطيبن کي ڏسي ورتم
وڇوڙيو جن مون کان محبوب منهنجو هو "علي اڪبر"
چريائي چال ۾ اڪثر، رقيبن کي ڏسي ورتم
حڪيمن وٽ مريضِ عشق لاغر ٿو وڃي ٿيندو
ڪٿو ڪاڏي "اسير اڪبر"، طبيبن کي ڏسي ورتم

❋❋❋

(پرائمري اسڪول احمدي تونيہ 31_01_1984ع)

شعر ۾ بہ قافيہ آندا وڃن ۽ انهن جي وچ تي رديف آندو وڃي، جنهن کي حاجب چيو ويندو آهي. جنهن شعر ۾ حاجب هجي، تنهن کي محجوب بہ چيو ويندو آهي.

(درصنعت ذو قافيين مع الحاجب)

جي تو مان گهاريون چار گهڙيون، سي ياد پون ٿيون يار الڳ
هن درد جي ماريل دانهون ڪيون، ڇو دور رهين دلدار الڳ؟
اڄ پاڻ ۾ ويهي چار گهڙيون، ڪي قرب ڪيون، اڄ وِرهه ونڊيون
هڪ ٻئي کي ڏسي هڪ ٻئي کان پڇون، هڪ ٻئي کان رهون ڇو ڏار الڳ؟
تون مون کان جدا، مان تو کان جدا، سڀ راز تو ڄاڻي يار خدا
اڄ پاڻ ۾ ٻيئي هڪ ٿي ويڇون، ڇو پاڻ رهون هربار الڳ؟
آ عشق اوهان جي مون کي ڦٽيو ته ٻه پَير نه آهيان پُٺ تي هٽيو
تا تنهنجي ڳلي ۾ روز ڳرون، بيداد ڏسون هروار الڳ
اڄ حال پرين، ڏس منهنجو وري، هِت لڙڪ اکين ۾ آيا تري
وئي ننڊ هلي ۽ هاريان هَنجُون، تا نيڻ وهائين نار الڳ
جيئن وار تو ناهي وار ڪرين، تيئن وار وٽن هروار پرين
تا تنهنجي در تي روز ڪُسون، ۽ سر کان ڏسون ڌڙ ڏار الڳ
سينگار ڪري اڄ پير پري، دل منهنجي ڏسي توکي يار نري
حاصل ڪري ٿين اِن ريت خوشيون، تنهنجو حُسن ڏسي ديدار الڳ
ساراهه تو تنهنجي يار ڪيان، هروار مٺا هروار عيان
"اڪبر" لکيون هي چند سِٽون، ۽ سهڻا لکيا اشعار الڳ
شام صبح ڏينهن رات مٺا، تَنَ مَنَ ۾ "اڪبر" تات مٺا
اڄ هٿ هٿ ۾ ڏيئي پاڻ هلون، ايئن تڙپائي ٿي تار الڳ

***

(سکر-19-09-1992ع)

(در صنعت ذوقافيين مع الحاجب)

ڪر ڪرم جي ڪا نظر، مون تي سدا منهنجا صنم
چو ڪرين ٿو دربدر؟ مون کي سڄڻ تون دمبدم
انتظاري، بيقراري ۾ رهان ٿو روز شب
مون تي منهنجا رحم ڪر، جورو جفا ڇڏ ۽ ستم
درد، غم تنهنجي پرين دلگير ۽ غمگين ڪيو
سور ٿو ڏئين پيو سڄڻ، هروقت مون کي هر قدم
مَٿُ نہ تنهنجو ڪو هِتي هُت تون سوايو سونهن ۾
خوبتر کان خوبتر، آهين منا تنهنجو قسم
تو سواءِ ڪيئن يار پهچان منزلِ مقصود تي
اچ! اچي ٿيءُ همسفر، ڪر تون اِهو مون تي ڪرم
ناز وارا نازنين ايذا نہ ڪر ماٺا عجيب
سڀ کي تنهنجي آ پچر، توسان هٺي ڪوئي نہ دم
روزشب صبح و مسا تو کي سڏيان تو کي چوان
مان ڇڏيندس ڪين در تُنهنجو هجان توسان بهم
نام تنهنجي ئي وٺڻ سان چَپَ چَپن کي ٿا چُمن
زندگي آ مختصر، تون تي جدا مون کان نہ دم
آسري تنهنجي ”علي اڪبر قريشي“ آ سدا
مون تان مديون معاف ڪر، دلبر خطائون جي ڪيم

***

(پرائمري اسڪول جوٽاٽي شريف _29_05_1997ع)

(درصنعت ذوقافيين مع الحاجب)

تنهنجي جِت ڪٿ ٿي هلي دلبر حڪايت هرطرح
سڀ تي تنهنجو حڪم آ هرهر نهايت هرطرح
يار آهين تون يتيمن جو ڪئي تن جي مدد
آسرو آهين اڙين آڌر حمايت هرطرح
عاشقن کي تو ڏئين سختيون سڌي سهڻا مدام
دشمنن سان تو ڪرين بهتر رعايت هرطرح
تنهنجو آهيان تنهنجو رهندس هرگهڙي ٻانهو غلام
تو غلامن تي ڪئي اڪثر عنايت هرطرح
ڪير آهي جو ڪري دل سان عبادت روز شب
ڏِسُ تہ ڪن ٿا مسجد و مندر شڪايت هرطرح
مون کي ساقي ڏي پري ساغر. سخا پنهنجي ڏي ڏِسُ
ڪر نہ مئڪش سان ٺي ڪا نهڪر ڪفايت هرطرح
آزيون نيزاريون ڪرڻ، ٻانهون ٻڌڻ، پيرين پوڻ
عاشقن وٽ آ اِهو منظر روايت هرطرح
راهَ اُن کان گم نہ ٿيندي جنهن کي "اڪبر" دائما
ڏس ڪري تو فاتحِ خيبر هدايت هرطرح
بيخودي کان تو "علي اڪبر" ڪري تنهنجي طلب
دانهن اهڙي تي وجي در در ولايت هرطرح

***

(جوڻاٽي شريف_02_04_2012ع موجب نائين جمادي الاول 1433ھ)

(درصنعت ذوقافيين مع الحاجب)

توکي ڏسڻ جي دلبر، هردم رهي ٿي تانگھ
منهنجو تون آهين محور، محرم رهي ٿي تانگھ
تعريف تنهنجي مون کان پوري نہ ٿي ٿئي
تو کي چوان ٿو هرهر، همدم رهي ٿي تانگھ
دنيا سان آهي دنيا، دنيا جو آ مثال
دنيا کي ڏي ڪا ٺوڪر، دم دم رهي ٿي تانگھ
دنيا بقا نہ آهي، دنيا هي آ عجيب
دنيا لئي ڪن ٿا دردر، ماتم رهي ٿي تانگھ
ايمان ۽ دين ڦُرائي ڪافر ۽ ديندار
تنهنجو ڏسن ٿا منظر، محڪم رهي ٿي تانگھ
مون کان ڪسي وئين دل مون سان ڪري تون ڏاڍ
آ عشق تنهنجو اڪثر، اعظم رهي ٿي تانگھ
ديوان پڙھ تون دلبر تعريف تنهنجي ۾ آ
هر شعر آهي بهتر، منعم، رهي ٿي تانگھ
هر شعر لاجواب آ جنهن جو نہ آ جواب
آهي پڙهڻ جي "اڪبر" موسم رهي ٿي تانگھ
"اڪبر" جو سربلند آ "اڪبر" کي آ سُڪون
محبوب سان منور عالَم، رهي ٿي تانگھ

❋❋❋

(گورنمينٽ بوائز هاءِ اسڪول عزيزالله قريشي جوٽاٽي شريف۔ 28_07_2012ع
موجب ائين رمضان المبارڪ 1433ھ)

(در صنعت مراجعہ يا سوال و جواب)

چيم، آ تنهنجي هرهڪ بات ۾ مُڱ
چيائين، ٿو رکان ڏينهن رات ۾ مُڱ
چيم، آهن ٿيا آفات ۾ مُڱ
چيائين، ڏس تون خنجر ڪات ۾ مُڱ
چيم، ڏي خوب تون خيرات ۾ مُڱ
چيائين، چڏ ڪٽي حالات ۾ مُڱ
چيم، دامن پري ڏي جلد مون کي
چيائين، چو وٺين ٿو لات ۾ مُڱ
چيم، ڏي تون مريضِ عشق خوش ڪر
چيائين، وٺ هي الزامات ۾ مُڱ
چيم، آ آرزو تنهنجي ڏسڻ جي
چيائين، خوب ٿيا "هيهات" ۾ مُڱ
چيم، ٿيو باغ جو خانو خراب آ
چيائين، باغبان جي وات ۾ مُڱ
چيم، ٿيو نظم آ موزون مُڱ جو
چيائين، چو وجهين ٿو ذات ۾ مُڱ
چيم، "اڪبر" کي تنهنجو آسرو آ
چيائين، پڪ اٿس محلات ۾ مُڱ

***

هن صنعت ۾ عارفانا، عاشقانا، ناصحانا نموني سوال ۽ جواب ڪيا ويندا آهن. اها صنعت ڪڏهن هڪ شعر ۾ ۽ ڪڏهن ٻن شعرن/بيتن/مصرعن ۾ اختيار ڪئي ويندي آهي.

(گورنمينٽ بوائز هاء اسڪول عزيزالله قريشي جوٽاٽي شريف_22_10_2012ع موجب پنجين ذوالحج 1433هه)

(درصنعت مراجعہ يا سوال و جواب)

چيم، دلبر نہ ڇو ديدار مون کي تون ڪرائين ٿو؟
چيائين، چُپ چَريا ڪر تون مٿو ڇو منهنجو کائين ٿو؟
چيم، اي يار مون کان ڇو سدائين تون نٽائين ٿو؟
چيائين، ناهي ڪا تنهنجي ضرورت ڇو آلائين ٿو؟
چيم، مون کي گهرائي پنهنجي درتي، ڇو تڙائين ٿو؟
چيائين، تون صفا نادان آهين خلق کِلائين ٿو؟
چيم، تون پاڻ وٽ مون گهرائي ٿو ڪرين بيڇڙو؟
چيائين، آ رَوش منهنجي، مغز پنهنجو کپائين ٿو؟
چيم، ڪر مهرباني مون تي، ٿئي هرجاءِ آبادي؟
چيائين، سڀ خبر آهي، مون کي ڇا لئي ٻڌائين ٿو؟
چيم، اي يار ڇڏ ڪاوڙ نہ ٿي ناراض تون مون تي؟
چيائين، خير گُهرُ پنهنجو مون کي ڇالئي ستائين ٿو؟
چيم، مون کي اوهان تي ناز آهي دلربا هردم؟
چيائين، ڪوڙ نہ هڻ ايڏو رڳو ڳالهيون وڏائين ٿو؟
چيم، اڪبر کي تڪليفون ڏئين ڇو تو سدائين تون؟
چيائين، ڪم اِهو آ منهنجو مون کي ڇا سمائين ٿو؟
چيم، ڏي پل سوين سختيون ڇڏيندس ڪين تنهنجو در؟
چيائين، رهہ پري "اڪبر"، تون "اڪبر" ڇو پڏائين ٿو؟

***

قصرِگل جوٽاٽي شريف ـ29ـ11ـ2016ع
موجب اناويهين صفرالمظفر 1438هہ)

(درصنعت مراجعہ يا سوال و جواب)

چيم، ديدار دلبر ڏي، چيائين چُپ
چيم، ڏس يار مضطر ڏي، چيائين چُپ
چيم، بوسو تون هيڪر ڏي، چيائين چُپ
چيم، مرڪي تون خوشتر ڏي، چيائين چُپ
چيم، ڏس پنهنجي نوڪر ڏي، چيائين چُپ
چيم، ڏس حال بدتر ڏي، چيائين چُپ
چيم، ڪو جام بهتر ڏي، چيائين چُپ
چيم، ساقي تون ڪوثر ڏي، چيائين چُپ
چيم، ڪر آرزو پوري، ضروري آ
چيم، ڪي لعل گوهر ڏي، چيائين چُپ
چيم، توڏي اچان ڪيئن، ماند ڪائي آ
چيم، رستو ڪو رهبر ڏي، چيائين چُپ
چيم، تنهنجي وڇوڙي يار ساڙيو آ
چيم، ڏس دل جي اخگر ڏي، چيائين چُپ
چيم، "اڪبر" جو صنعت ۾ نہ مَٽُ آهي
چيم، ڏس منهنجي دفتر ڏي، چيائين چُپ
چيم، احسان ڪر ديوان پڙهہ هردم
چيم، ڏس پنهنجي "اڪبر" ڏي، چيائين چُپ

❁❁❁

(قصرِگل جوڻاڻي شريف ـ 03ـ12ـ2016ع موجب ٽين ربيع الاول 1438هـ)

(در صنعت هڪ جهڙو قافيو ۽ رديف)

ڪٿي نيڻ پيارا، نهاريو نہ ماريو
مٺا مون کي مرڪي ڪيڪاريو نہ ماريو
ڪري قرب مون سان گهڙيون گهار گڏجي
رهي دور، مون کي، گذاريو نہ ماريو
عجب آهي حسرت ۽ ارمان پيارا
رقيبن سان گڏجي نہ گهاريو نہ ماريو
اکين جي اشاري سان ماري نہ ڇڏ تون
پلائي ڪري ڪا جيئاريو نہ ماريو
غضب آهي تنهنجي جواني او جاني!
ڏسي يار مون کي، سينگاريو نہ ماريو
مجيو عرض ايلاز آزيون خدارا
نہ سائل کي در تان ڌڪاريو نہ ماريو
چئي چا ٻُڌايان مان رازِ محبت؟
نہ نفرت جي ٻارڻ کي ٻاريو نہ ماريو
پري پيار محفل ۾ "اڪبر" کي ساقي
ڏسي رِند، ساغر نہ هاريو نہ ماريو
رکيون آس تو ۾ ازل کان اچان ٿو
ڏئي عشق "اڪبر" کي ماريو نہ ماريو.

***

(نظام قريشي ڪرياني مرچنٽ وارہ +27_08_1995ع)

هن صنعت ۾ عموماً قافيو ۽ رديف هڪ جهڙو هئڻ گهرجي. خاص اهو ظاهري شڪل شباهت ۽ اچار هڪ جهڙو رکندڙ هجي. مثال طور: نهاريو ماريو وغيره وغيره.

(درصنعت هڪ جهڙو قافيو ۽ رديف)

توتان آهيان هردم مان قربان قربان
پيو تنهنجا ڳايان ٿو احسان قربان
ڏسي حُسن تنهنجي کي جهٽ ۾ ٿين ٿا
چا فغفور، سلطان، خاقان قربان
نہ تنهنجو ڪو ڏُوڙي بشر مان ڏسان ٿو
توتان حُور، غلمان، اِنسان قربان
مٿا تنهنجي مرڪڻ تان هرهر ٿين ٿا
سدا جِن، بشر، طير، حيوان قربان
نہ ٿئي تخت تنهنجي سان ڪوئي برابر
ڪئين اُن تان تختِ سليمان قربان
توتان صدقي دنيا ۽ عقبيٰ بلاشڪ
مصر، چين، جاپان، ايران قربان
ڪڏهن يار مون ڏي ڪو پيرو ڪندو ڪر
سدا توتان غمگين، شادان قربان
جي ديوان "اڪبر" جو ڏسندي پڙهي تون
ڪندين اُن تان جهٽ ۾ پيا ديوان قربان
تون منهنجو "اڪبر"، هي تنهنجو ٻانهو
آ قربان، قربان، قربان، قربان

❊❊❊

(قصرِگل جوٽاٽي شريف +02-12-2016ع موجب ٻي ربيع الاول 1438ھ)

SOORIH SINDHI ADAB

(درصنعت سر حروفي)

فاضل، فهيم، فارق، فائق، فقير تارڪ
خوشتر، خطيب، تارڪ، خاور، خبير تارڪ
عاشق، عظيم عاقل، عارف، عليم، عالم
صابر، صديق، صوفي، صائم، صغير تارڪ
شيرين، زبان شاعر، شائق، شريف، شاڪر
ڪاتب، ڪوي ۽ ڪاظم، ڪاشف، ڪبير تارڪ
ساجد، سجاڻ، سالم، سرمست، ساڌو سالڪ
طالب، طبيب، تارڪ، طاعت پذير تارڪ
نرمل، نجيب، نازڪ، ناقد، نعيم، ناصر
ماجد، مجيب، ماهر، محسن، منير تارڪ
راسخ، رضا تي راضي، راشد، رفيق، راهب
دلبر، دوام داتا، دانش، دبير تارڪ
حامي، حبيب، حاتم، حافظ، حليم، حامد
حاذق، حريف، حاڪم، هو حرف گير تارڪ
ٿرڳي ڪي ٿرڪ ڏيئي، تارڪ تمام ٿيو آ
”ان جو نظير ڪهڙو هو بينظير تارڪ“
لالڻ، لطيف، لائق، لاثاني، لال، لاشڪ
هو شاهه جو شيدائي، ويجهو وزير تارڪ
بزمِ سخن ۾ ”اڪبر“ چوٽو پيو مون کي اڄ
افضل، اديب تارڪ، اڪمل، امير تارڪ

***

(جوڻاٽي شريف - 16-03-1989ع)

صنعت سرحروفي، اها صنعت آهي، جنهن جي هڪ مصرع يا هڪ شعر ۾ اهڙا حروف استعمال ٿيل آهن، جن جي منڍ وارو اکر ساڳيو هجي.
جيئن هن غزل جي مطلع ۾ پهرين سٽ ”ف“ سان ۽ ٻي سٽ ”خ“ سان شروع ٿئي ٿي. ليڪن هن غزل ۾ رديف تارڪ رکيو ويو آهي.

SOORIH SINDHI ADAB

(در صنعت سرحروفي)

اکين ۾ اچي يار آڏ آستانو
اِهو آ اوهان لئي اتم آشيانو
تِکي تار تنوار تو لاءِ تَنَ ۾
تمام آهي"تون تون" جو تهدل ترانو
محبت ۾ منتار مون ساڻ مل تون
برابر بلاشڪ ٻڌائي بهانو
دُکن درد ديدار لئي دل ۾ دم دم
دُکن آ دپايو هي دُربل ديوانو
ڏکن، ڏوجهرن ڏيل ڏاڍو ڏکايو
وجهي وَيرُ وهمن ڪيو ويڙهو ويرانو
ڪدورت ۽ ڪينو ڪميڻن جو ڪم آ
ڪيو ڪُوڙ تي آ ڪُڌن ڪارخانو
پيارا پڙهي ڏس تون پل پل پيارا
دراز آهي دلچسپ هي داستانو
هَلَي يار هرسال هر ماه هردم
فراوان فريشتين جو هي فسانو
خدا خويتربخش"اڪبر" کي خالص
خوشين جو خوشيءَ سان خلاصو خزانو.

❊❊❊

(قصرِگل جوڻاڻي شريف_12_12_2016ع
موجب ٻارهين ربيع الاول 1438ھ)

(درصنعت قطارالبعير)

مل اچي محبوب ڪرڪا گفتگو
گفتگو آ تنهنجي شيرين ماهرو
ماهرو ايندو مزو آ روبرو
روبرو اچ ويھ مون سان شعلہ رو
شعلہ رو مَٺُ ناھ تنهنجو ڪو هِتي
ڪو هُتي مَٺُ ناهي تنهنجو خوبرو
خوبرو آهين سراسر ڪامگار
ڪامگار آهين ٿيو هڪ ڪوبڪو
ڪوبڪو آ تنهنجو منهنجو چهچٽو
چهچٽو آ اهڙو دلبر هوبهو
هوبهو تنهنجي ملڻ جي تات آ
تات آ، ڪر پوري هيڪر آرزو
آرزو گڏ آ رهڻ جي بارها
بارها مج التجا هي خير گو
خيرگو "اڪبر" ڪي قيدي ڪين ڪر
تون نہ ڪر "اڪبر" ڪي قابو مُو بہ مُو
مُو بہ مُو قابو نہ ڪر ڪجھ قياس ڪر
قياس ڪر "اڪبر" ڏي ڏس اي ماهرو.

***

(پرائمري اسڪول جوٽاٽي شريف+ 09_02_1997ع
موجب پهرين شوال المڪرم 1417ھ)
قطارالبعير جي معنيٰ آهي اُٺن جي قطار. شعر جي پهرين مصرع جو پويون لفظ، ٻيءَ مصرع (سِٽَ) جي منڍ ۾ اچي.
جيئن گفتگو ماهرو وغيره
هيءَ اُهو سلسلو آهي، جيئن اُٺَ هڪ ٻئي جي پويان هلندا آهن.

(درصنعت قطار البعير)

مل اچي هڪوار مون سان روبرو
روبرو دل سان اچي ڪر گفتگو
گفتگو تنهنجي مان ايندو لطف آ
لطف ملندو دل کي آهي دوبدو
دوبدو مون سان اچي ڪو راز اوڙ
راز اوڙڻ جي مون کي آ جستجو
جستجو تنهنجي ۾ افسانو لڪان
آ فسانو تنهنجو منهنجو ڪوبڪو
ڪوبڪو ٿيو تنهنجو منهنجو ذڪر آ
ذڪر اهڙي ۾ وڃي ٿي آبرو
آبرو جي ڪنهن کي ڪانهي ڪا خبر
هي خبر هِت هُت هلي ٿي ماهرو
ماهرو اي خوش نظر اي جانِ من
جانِ من هڪ آهين مون لئي خوبرو
خوبرو "اظهر" ۽ "نشتر" چئي ڏنو
آ ڏنو مون کي لقب تن شعلہ رو
شعلہ رو تون آهين "اڪبر" بزم ۾
بزمِ شعراء ۾ تون آهين سرخرو.

***

(پرائمري اسڪول جوڻاٽي شريف ـ 31ـ07ـ1997ع)

(درصنعت تکریر مع الوسائط)

بنايو ديد آ دلبر جي مستاني تي مستانو
کيو هڪ ٿي نظر سان آهي ديواني تي ديوانو
نظر سان هو پياري ٿو نظر سان ٿي نهاري ٿو
ڪري چَٽُ ٿيون وڃن نظرون ڪو مئخاني تي مئخانو
سراسر آهي ساقي جي رکيل اسرار نظرن ۾
زياده ٿو ملي رندن کي پئماني تي پئمانو
جگر، جيرا، بڪيون ۽ دل حوالي ان جي ڪيا آهن
قبول اڳيان پئي دلبر جي نذراني تي نذرانو
عجب آ عشق جي چالي عجب محفل جو آ منظر
ٿئي شمع تي ٿو قربان پرواني تي پروانو
هٽي ٿو تير نظرن جا لڳن ٿا نيڪ عاشق کي
گُسي ٿو ڪينڪي دلبر ڪو نيشاني تي نيشانو
پسيني جي رواني سان سُڪل ساوا ٿيا آهن
ٿيو هرهنڌ آ سرسبز ويراني تي ويرانو
ڇڏيو دلبر رخ انور لڪائي پنهنجي وارن ۾
ڪريان ديدار حاصل ڪيئن روزاني تي روزانو
رواني سان "علي اڪبر" چوي بزمِ سخن ۾ ٿو
مليو محفل ۾ آهي مانُ شاهاني تي شاهانو

***

(جوٽاٽي شريف ـ17ـ11ـ1993ع)

هن قسم جي صنعت ۾ ٻن لفظن مڪرر جي درميان ڪو لفظ واسط واقع هجي، جيئن هِت "تي" لفظ ٻن قافين جي وچ ۾ آيل آهي.

(در صنعت تڪرير حشويہ)

ڏسڻ تو کي گهران ٿو ڏينهن ۾ ڏھ وار ڏھ ڏھ ڏھ
لڪايان توکي نيڻن ۾ ڪري پڳدار پھ پھ پھ
سرِمحفل اسان سان ڪر اچي تون عشق جون ڳالهيون
نماڻن نينهن وارن سان نہ ڪر نهڪار نھ نھ نھ
تون منهنجو ۽ ٿيان مان تنهنجو ڪرڻو فيصلو آهي
مُنجهايو مون کي آهي دلربا ويچار وھ وھ وھ
ڪنارو قرب جو ۽ مِهر جو مهراڻ تون آهين
اِهائي آس آهي ٿو ڏيان ٿهڪار تھ تھ تھ
اچي ڏس باغِ حسرت ۾ تہ مقتل ياد پيو ايندو
نہ ٻولي آهي بلبل جي، نہ ڪا ڇهڪار ڇھ ڇھ ڇھ
محبت ۾ مصيبت جا ڏسان ٿو مرحلا اڪثر
وڏو ئي انقلاب آيو ٿيا دهڪار دھ دھ دھ
سهارو پيي ٿئي ٿو ۽ قرارن ۾ اچي قُوت
اچي مون ساڻ اي دلبر ڪري ٻهڪار ٻھ ٻھ ٻھ
زماني جو ڏسان وهنوار ٿو ابتو "علي اڪبر"
ميان تي ٿي ڪري بيگم ڏسو ڦهڪار ڦھ ڦھ ڦھ
ڪري قابو ٿوءِ دل منهنجي وجهي ڪي دام زلفن جا
اهي"اڪبر" تون گردن پنهنجي تي سينگار سھ سھ سھ

❋❋❋

(جوڻاڻي شريف ـ 1987ع)

هن صنعت ۾ الفاظ جو تڪرار معنيٰ کي ٻي اعتبار ڪندو آهي. ساڳيي وقت شعر ۾ ڳالهيون ظرافت طنز و مزاح ۽ دل لڳيءَ جي نموني ڪرڻ گهرجن.

(در صنعت موصول)

هميشہ ٿئي ٿي سڄڻ سڪ ملڻ جي
مُنکي ڪين همت ٿئي ٿي پڇڻ جي
گهٽي ئي ڪيم ٿي غمن جي سهڻ جي
هلي من ۾ هلچل، ڪُٽڻ ۽ پٽڻ جي
ڪنيم جسم تي غم ۽ تڪليف سختي
ڪيم ڪين پُٽ تي پلڪ هڪ هٽڻ جي
ڪسين لحظي ۾ مَنُ، ٻين جي چئي تي
سِگهئين ڪيئن سهٽل عجب سِٽ سِٽڻ جي
ڪپي ٽيڪ تنهنجي سڄڻ عشق ۾ تي
هلي پس، تي من ڪي هميشہ مُنجهڻ جي
سڄڻ تنهنجي گفتي حقيقت ۾ بيشڪ
گهٽي بخشي همت غمن جي ڪٽڻ جي
طبيعت جي مشڪل ٿئي سُهل جهٽ ۾
نہ تي محب هيٽن جي حجت هلڻ جي
گهٽي تنهنجي صفت ڪجي ڪيئن سهٽل
نہ ڪي سگهہ ڪنهنکي ٿي جهٽ ۾ لکڻ جي
محبت ۽ محنت ۾ تي لطف "اڪبر"
سچي عشق ۾ تي ٿئي عصمت بچڻ جي.

***

(مڊل اسڪول جوڻاٽي ـ24ـ09ـ1997ع)

غزل جي هر بند(شعر) ۾ امڙا حرف استعمال هيٺ آئجن. جن کي هڪ ٻئي
سان ڳنڍي سگهجي. ان کي صنعت موصول چيو ويندو آهي.

(در صنعت موصول)

هميشهٿئيٿيسڄڻسڪملڻجي
مُنکيڪينهمنٿئيٿيپڄڻجي
گهڙيئيڪيمٿيغمنجيسهڻجي
هليمن۾هلچلگُڻ۽پنڻجي
ڪنيمجسمتيغم۽تڪليفسختي
ڪيمڪينپُٽتيپلڪهڪهڻجي
ڪُسينلحظي۾مَنُبينجيچئيتي
سِڪئينڪيئنسهڻلعجبسِتڻجي
ڪپيتيڪتنهنجيسڄڻعشق۾تي
هليپستيمنڪيهميشهمُنجهڻجي
سڄڻتنهنجيگفتيحقيقت۾بيشڪ
گهڻيبخشيهمتغمنجيڪٽڻجي
طبيعتجيمشڪلٿئيسُهلجهٽ۾
نهٿيمحبهيڻنجيحجتهلڻجي
گهڻيتنهنجيصفتڪجيڪيئنسهڻل
نهڪيسگهڪنهنڪيٿيجهٽ۾لڪڻجي
محبت۽محنت۾ٿيلطفاڪبر
سچيعشق۾ٿيٿئيعصمتبچڻجي

❀❀❀

(مدل اسڪول جوٽاٽي _24_09_1997ع)

غزل جي هر بند(شعر) ۾ اهڙا حرف استعمال هيٺ آڻجن، جن کي هڪ ٻئي سان ڳنڍي سگهجي. ان کي صنعت موصول چيو ويندو آهي.

(در صنعت فوقانيہ يا فوق النقاط)

تون نہ رک مون سان منا کو اختلاف
صاف دل آ صاف سهٽا صاف صاف
هوڏ تان لهہ هوڏ هرگز تون نہ کر
هوڏ آ ناقص نہ هڻ تون لاف لاف
قدر وارا قدر کن تا قدردان!
گر ڏسن تا کو تہ هوندو کو شفاف
درد غم ۾ تو رهان مان رات ڏينهن
ڏک سندو آ مون مٿان ڏس کوه قاف
آس آ دلدار ٿ سهٽا آس آهہ
رهہ تون مون سان گڏ سدا کر ڏوهہ معاف
دل سندو ڏاڙو نہ هڻ سوگهو نہ کر
دادگر خود سان نہ اهڙو رک اوصاف
آرزو آ ساڻ رهہ ۽ غور کر
دل سان دفتر کر مطالع صاف صاف
هڻ نہ تون صمصام "دولهہ" کر قصاص
کر نہ زلفن ساڻ هرهر زور زاف
لک غزل اهڙو نہ کنهن کان تون لڪاءِ
تون تہ "دولهہ" آن وڏو سهڻو صراف.

❊❊❊

(قصرِگل جوٽاٽي شريف +20_04_2016ع
موجب ٻارهين رجب المرجب 1437ھ)

هن صنعت ۾ غزل يا کنهن شعر/مصرع جي مٿان نقطا هجن ۽ کنهن بہ اکر ۾ هيٺيان نقطو نہ هجي. ان کي صنعت فوقانيہ يا فوق النقاط چئبو آهي. ان کري اکبر جي جاءِ تي دولهہ کم آندو اٿم.

(در صنعت يڪ نقاط)

نازبر نازڪ بدن ڪر ناز ناز
ڪل ڪان اعليٰ منصف و عادل فراز
خاندانن جو نہ ڪر خانو خراب
اول و آخر ڪان آن اهڪو مجاز
دل اندر داخل نہ ڪر دلدار باهہ
جانِ جانان جگر منجهہ آ سوزساز
رهہ نہ مون ڪان دور دلبر، ساڻ رهہ
ڪلُ جو مالڪ آهہ افضل ڪارساز
خوب خالص سڻ سدا احوالِ دل
غور ڪر ڪو رهہ نہ مون سان خارباز
جانِ من آ گهورَ منهنجو ساهہ دل
روز روزانو مان سهڻا جانباز
ڪَسِ نہ مون ڪان دلربا آرام سڪ
ناز نخرا ڪر نہ ماٺا ناز ناز
ڪر عطا محفل اندر ڪو جام جام
جانِ من "اڪبر" جو سڻ خالص آواز
علم "اڪبر" جو جهجهو ڪر او خدا!
ڪر عطا جنهن جو نہ هردم هو انداز.

❁❁❁

(قصرِگل جوڻاڻي شريف _21_04_2016ع
موجب تيرهين رجب المرجب 1437ھ)

هن صنعت ۾ غزل يا شعر/مصرع ۾ صرف هڪ نقطو مٿان يا هيٺيان استعمال هيٺ آڻجي يا اختيار ڪجي. ۽ ٻيا مٿيئي نقطن وارا حرف ترڪ ڪرڻا پوندا آهن.

(در صنعت تحتانية النقاط)

برهه باري باهه ٻاري بي حساب
يار ڪر ڪا پوئواري بي حساب
مِهر ڪر ۽ رحم ڪر ۽ ڪر ڪرم
جو چوي پئي درد ماري بي حساب
دلربا دلدار سهڻا دائما
لاهه هردم بار باري بي حساب
درد ۽ اوهام ڪر ڪل دور دور
آڻ بيحد ڪا ڀاري بي حساب
ڪر پري صمصام سهڻا ڪر خيال
دل هي آهي موم واري بي حساب
ٻولَ ٻِوَ ڏپ ڏاوَ ۽ ڏج ٻيج سيئي
ڪر پيارل سوپ ساري بي حساب
وَيهُه مجلس ۾ ٻلي ويچار ڪر
ڪوبڪو پس چورَ چاري بي حساب
راهه ۾ رهبر ڪي "اڪبر" ساڻ ڪڻ
يار جي ڪر ياد ياري بي حساب
آس "اڪبر" ڪي اِها ئي آ مدام
يار ڪر ڪا پوئواري بي حساب

❋❋❋

(قصرِگل جوڻاڻي شريف _24_04_2016ع
موجب سورهين رجب المرجب 1437هه)

هن صنعت ۾ اهڙا لفظ /حرف آڻڻا پوندا آهن، جن جي مٿان نه پر هر لفظ جي هيٺيان نقطا هجن. يعني مٿين نقطن وارا حرف ترڪ ڪرڻا پوندا آهن.

(مختلف صنعتون)

هڪ غزل

1 ـ ڪر ڪرم، ڪا مهر ڪر، واهار ڪر
درد ۾ دک دور ڪل دلدار ڪر.
(بي نقاط)

2 ـ برهه جي بيمار جو ڪر ڪو علاج
برهه ۾ دلبر ڪٽي ڪيڪار ڪر
(زير نقاط)

3 ـ ناز وارا دور مون کان رهه نه دم
ناز هر هر ناز سان نروار ڪر
(بالانقاط)

4 ـ نينهن ۾ نروار آهي نينهن ڪيو
نينهن ۾ دلبر نه مون کي خوار ڪر

5 ـ عرض آزيون عاجزيون منهنجون آگهاءِ
دلربا مون سان مني گفتار ڪر

6 ـ وَيهُه مون سان منهنجو سڄ تون حالِ دل
راز دل جو رازدان هڪوار ڪر
(هڪ ۽ ٻن نقطن وارا حرف)

7 ـ چوپهر چالاڪ چوڏس چاپلوس
سوچ ۾ چڪچور ۽ لاچار ڪر
(ٽه نقاط)

8 ـ يار ياري يارُ ٿي خوش ٿي نياءِ
پاڙ پنهنجو قول پيارا پار ڪر
(ابتدا منقوط)

9 ـ جن ادب تن کي ٿئي سڀ ڪجهه نصيب

بي ادب جو ڏِگ نہ تون اختيار ڪر
(ڀماڪو)

10_آ ڪيو دردن ڏکن سوگهو سڄڻ
دور نوڪر جا اچي آزار ڪر
(واسع الشفتين)

11_ڀڃ نہ ڀيرو ڪر تون ڀيرو ڀول ڀڃ
ڀڃ م مون کان مهر ڪا مننار ڪر
(واصل الشفتين)

12_ڏار داور دم نہ رهه دن رات رَلِ
دل ۾ رَسُ ۽ دل ۾ وس دل دار ڪر
(مقطع)

13_,واهه اڪبر تو ڪيو فن ۾ ڪمال
تون فنِ اڪبر تي ڪو ويچار ڪر.

(قصرِگل جوٽاٽي شريف _01_07_2016ع)

1_سڀ حرف غير منقوط آهن
2_شعر ۾ هيٺيان نقطا آيل آهن.
3_شعر ۾ مٿين نقطن وارا حرف آيل آهن.
5 ۽ 6 _ ۾ هڪ ۽ ٻن لفظن وارا حرف ڪم آيل آهن.
7_شعر ۾ صرف ٽن نقطن وارا آندا ويا آهن.
8_هر لفظ جي منڍ ۾ نقطا آهن.
9_شعر ۾ ڀماڪو /چوٽي آهي.
10_شعر پڙهڻ سان چَپُ چپ سان نہ لڳندو.
11_شعر پڙهڻ سان چَپُ چَپ سان لڳندو.
12_شعر جا هر حرف ڏار ڏار ڏيڪاريل آهن. سواءِ رديف"ڪر" جي.
هيءَ هڪ جدت ۽ صنعت ڏيڪاريل آهي. جو هن غزل ۾ هڪ ئي وقت ڏهه صنعتون ڏنيون ويون آهن.

(درصنعت سهل ممتنع)

پيار سان دل کي ڏتاري ڇا ڪيان؟
شوخ شوخي سان نهاري ڇا ڪيان؟
ناز تي مغرور آهي، آ عجب!
پر جي مرڪي هو ڪيڪاري ڇا ڪيان؟
ناز نخرن سان ڦُري دل دلربا
در تان پوءِ مون کي ڌڪاري ڇا ڪيان؟
ياد ٿي ڦاهي اچي، جنهن وقت يارُ
زلف ڪارا ٿو ڏيکاري ڇا ڪيان؟
وارُ واندي دل نہ آهي ورد ڪان
دَرس اهڙا ٿو سيکاري ڇا ڪيان؟
مهر شفقت ان جي مون تي آ اِها
روز غيرن سان ٿو گهاري ڇا ڪيان؟
ياد آ مون کي سدا، وسري نہ ٿو
ان ڇڏيو آهي وساري ڇا ڪيان؟
ٻاري ٻارڻ عشق جا "اڪبر" ويو
موم دل پيو ٿو پگهاري ڇا ڪيان؟
هٿ ۾ ساقي آ ڪنيون پيالو ڀري
پر نہ "اڪبر" کي پياري ڇا ڪيان؟

❊❊❊

(جوڻاڻي شريف _08_01_1994ع)

هن صنعت ۾ غزل يا نظم اهڙن سولن، سلوڻن ۽ سِڌن اکرن ۾ لکڻ گهرجي. جيئن تہ پڙهڻ ۽ ٻڌڻ واري کي ذهن تي زور ڏيڻو نہ پوي ۽ ذهني ٿڪاوٽ محسوس نہ ڪري.

(در صنعت ردالعجز علي الصدر مع التكرار يا تكرير)

بارُ دل تي آ وڏو اڄ بارَ جون ڳالهيون ڪيون
بارُ بيحد آ گهٽو پُڄُ بارَ جون ڳالهيون ڪيون
پارِ هِنَ ڪان پارِ هُن پهچڻ ٿيو دشوار آ
پارَ هِنَ جون ڪيئن پلا هُن پار جون ڳالهيون ڪيون
پارَ تو ڪي ٿو ڏيان تون قول پنهنجا مون سان پارِ
دل جي بدلي دل ڏيان واپار جون ڳالهيون ڪيون
تارَ تنهنجي تارَ آهي تارَ ۾ اڄ تار تار
تارَ تڙپائي ٿي تنهنجي تارَ جون ڳالهيون ڪيون
مار ماران آ ڳلي تنهنجي ۾ آهي مار مار
مارِا تنهنجي جي پيا ٿا مارَ جون ڳالهيون ڪيون
نارِ ڪي هڻ موچڙو اڄ نارِ آهي زور زور
نارِ جنهن ۾ شرم آ تنهن نارِ جون ڳالهيون ڪيون
زارا جو زار و نزار آ رهه نه تون بيزار يار
زار تي ڪر رحم، آ، آزار جون ڳالهيون ڪيون
ٻارِ پنهنجي، ٻارِ هردم، ٻارَ ٻاراٽي نه ڪر
ٻارَ جنهن ڪي ناهه هند تنهن ٻارَ جون ڳالهيون ڪيون
وار وارن تي نه ڪر ٿيا وار تنهنجا اهڪا وار
وار تنهنجن جي سدا ٿا وار جون ڳالهيون ڪيون
وارُ اڪبر سان ملڻ جو وارُ سهڻا وارِ ڪو
وار اهڙي جي پيا هر وار جون ڳالهيون ڪيون
هارُ هَنجُن جو رکيو آ ٿاهي اڪبر هارُ هارُ
هارُ هي انمول آ اڄ هار جون ڳالهيون ڪيون

***

(قصرِ گل جوٽاٽي شريف +30_11_2016ع
موجب اوٽتيهين صفرالمظفر 1438ه)

1 ـ هن صنعت کي مطابقہ يا مصدر بہ چوندا آهن. شعر جي اصطلاح موجب بيت جي منڍ واري لفظ کي صدر، پڇاڙيءَ واري لفظ کي عجز ۽ وچ واري لفظ کي حشو سڏيندا آهن. هن ۾ مصرع يا بيت جي شروع وارو لفظ ساڳيءَ سٽ جي پڇاڙي قافيي يا رديف ۾ استعمال ٿيندو آهي.

2_صنعت تڪرير يا تڪرار هن جا بہ ست قسم آهن. بہ لفظ جي هم وزن، هم شڪل ۽ هم معنيٰ هجن. انهن کي شعر ۾ ڏار ڏار معنيٰ سان بار بار اختيار ڪجي.

(در صنعت محاذ)

جنابِ من مون سان مل ڇڏ حجاب آهستہ آهستہ
لبن تي پهتو آ، دم ڏس جناب آهستہ آهستہ
جناب ايڏو نہ ٿي تون شوخ، ڪر ڪجهہ رحم او جانان
وجي ٿو زندگي جو ڏس حباب آهستہ آهستہ
حباب آخرِ حباب آهي، حُبابن جيئن حياتي آ
آئي پيري ويو نڪري، شباب آهستہ آهستہ
شباب آخر شباب آهي مَتيون سڀ جون منجهائي ٿو
ڏئي ويو هاڻ سو مون کي جواب آهستہ آهستہ
جواب نہ ڏي سڄڻ سائين تون مشهور آهين سخاوت ۾
ڏي تون ديدار کڻ رخ تان نقاب آهستہ آهستہ
نقاب اڄ ئي هٽائي ڇڏ سرِ محفل ڪرم ڪو ڪر
نظر جي ڏي تون ساغر ۾ شراب آهستہ آهستہ
شراب اڄ شوق سان ڏي تون ٿيان مدهوش مستانو
اهو ان ۾ لکيل آ پڙهہ ڪتاب آهستہ آهستہ
ڪتابِ دل ڪيو منسوب توسان آ "علي اڪبر"
"اسير" آهي مليو ان کان خطاب آهستہ آهستہ
خطاب آ دلربا دل سان ڏنو جنهن جو نہ ڏوڙي ڪو
اُتيو "اڪبر" آ چمڪي ماهتاب آهستہ آهستہ.

***

(قصرِگل جوٽاٽي شريف ـ27ـ11ـ2016ع
موجب چويهين صفرالمظفر 1438ھ)

هن صنعت ۾ پهرين مصرع جو پهريون لفظ، ٻيءَ مصرع جو قافيو ٿئي. ۽ ٽينءَ مصرع ۾ اهو ساڳيو لفظ اول اچي. چوٿين مصرع ۾ قافيو بدلجي ٻيو لفظ ٿئي ۽ وري چوٿين مصرع وارو قافيو پنجين مصرع جي منڍ ۾ اچي. اهڙيءَ ريت سلسلو هلندو رهي.

(درصنعت محاورات)

تو کي ساريان ٿو سدا پيرو نہ پيچ
اڄ اگهڻ منهنجي مٺا پيرو نہ پيچ
ڪر ڪرم اي دلربا پيرو نہ پيچ
حال ناهي، مهلقا، پيرو نہ پيچ
ڪنهن ڪُتي جي پوُنڪ تي ۽ باهَ تي
ڏي نہ ڪَنُ اي همنوا، پيرو نہ پيچ
توتي پهرو، رات ڏينهن، تہ بہ ٿو اچان
ساهہ سر تو تان فدا پيرو نہ پيچ
سڀ کي پيارين ٿو پري، مون سان حساب
جابجا تنهنجي سخا، پيرو نہ پيچ
خيال ڪر ڪنڌي کي آهن ڪَنَ گهٽا
چوُپچوُ آ جابجا، پيرو نہ پيچ
مون کي دنيا ۽ نہ عقبيٰ گهرج ۾
صرف تنهنجي گهرج آ، پيرو نہ پيچ
منهنجي دل ۾ تنهنجو ديرو دائمي
صاف "اڪبر" آ صفا پيرو نہ پيچ
امن، عزت، آجپو، آزادگي
بخش اڪبر کي خدا، پيرو نہ پيچ

***

(قصرِگل جو ٽاٽي شريف +02_12_2016ع موجب ٻي ربيع الاول 1438ھ)

هن غزل جي هر مصرع ۾ سنڌي زبان جو ڪو نہ ڪو محاورو اختيار ڪيو ويو آهي.

(درصنعت افراد مفرد جامع مع فرد القوافي)

پيو گذاريان تو غمن ۾ شين، بي. (شب)
گذري هر هڪ ڏينهن تو منجهہ ڏال، ڪي. (ڏڪ)
چڙہون ڏئين يا مار ڏئين، ڪيئن مان ڇڏيان
مون جو ورتو تنهنجو آهي، دال، ري (در)
عرض آزيون يا خدا ڪر تون قبول
ڪر متي هِتِ هُت اسان جو ڪاف، ري (ڪر)
تو متان قربان آ منهنجا منا
جان جند ۽ ساهہ سهٽا سين، ري (سر)
رخ ڏسي تنهنجو منا تيو آ لڄي
ويو لڪي جهڙ ۾ ڏسان تو ميم هي. (مہ)
توتان دنيا توتان عقبيٰ گهوريان
منهنجو آهين پروسو ۽ يَي ۽ ري (پَرُ)
دل سان پڙهہ دلبر چوان تو سڻ صدا
لطف ڏيندو توکي دال و في، تي، ري (دفتر)
طرز اهنجي ۾ لکڻ ڏاڍو ڏکيو
ڪيئن لکيو. اڪبر چون تا "سين"، پ" (سپ)
واهہ جو سنڌي زبان ۾ آ غزل
هيئن لکيو آ الف. ڪاف و بي ۽ ري (اڪبر)

***

(قصرِ گل جو ٽا ٽي شريف-04-12-2016ع
موجب چوٿين ربيع الاول 1438ھ)

هن صنعت ۾ هر قافيو مفرد حرفن وارو هجڻ گهرجي. قافيي جي صورت لکڻ واري نہ مگر آواز واري ونڻ ضروري هوندي آهي.

(درصنعت جديد)

ٺاريءَ ٺاريءَ ٽپڪي بُلبل
گلشن ۾ "هُوهُو" جو هُل هُل
قُمري، ڪبوتر، ڪوئل ڪوڪي
ساز سرود جو آهي قُلقُل
محفل ۾ ٿا سُونهَن ساقي
جام، صراحي، صهبا، صُلصُل
مقتل مقتل وک وک تي آ
قاتل ناهي، سر جو مُل مُل
هر ڪنهن چَپَ تي مُهر لڳل آ
هڪ ٻئي کي چون ميچن ۾ کُل کُل
محبوب جي آمد وڻ ٽڻ واسيا
هر مُرغ تو ٻولي، خوش آ گُل گُل
محشر محشر ميدان ميدان
اُمت کي چوندو جامُ تہ جُل جُل
ڪوسو واءُ "اڪبر" نہ لڳندو
چوندس ٿڏڙي هير تہ گهُل گهُل
پار تي ويندا منزل مقصد
باغ ۾ هوندا "اڪبر" ڪُل ڪُل.

***

(قصرِگل جوٽاٽي شريف_12_12_2016ع
موجب ٻارهين ربيع الاول 1438ھ)

هن صنعت ۾ مقرر ڪيل موضوع تي گرامر ۽ سلسلي کان الڳ ڪجهہ اهڙا جاندار لفظ اختيار ڪجن ،جن جي پيش ڪرڻ سان مطلب صاف سِڌو ذهن نشين ٿئي.

(در صنعت سنڌي زبان)

کيو آ ساھُ سورن يار ساٽو
اچي ڪرچست، ڏي ڪو جل ۾ داٽو
اوھان ڪي ٿو سڏيان، نوڪر نماٽو
خوشيون نوڪرڪي ڏي، ڪر خوش گھراٽو
ٻين سان ٿو ڪرين ويھي رھاٽيون
۽ عاشق پنھنجي سان پٽڪو پراٽو
سو ويڳاٽو نہ آھي جنھن ڪي ناٽو
سو گھمندو ناٽي ريءَ ڪيئن لاڙڪاٽو
نچي ٿي نارِ ناٽي تي اگھاڙي
آگھيو آ نارِ وٽ انڌو ۽ ڪاٽو
ڪري نخرا نوائي ٿي نشانبر
ڏسن ٿا نارِ جو ٽاٽو ۽ ماٽو
ھلو سپ ميڙ تي سھٽل ڏي گڏجي
ٿئي مون ساڻ راضي شال راٽو
ڏسان ڏوھي گناھي چور ٻاھر
پربل پاڳين سان "اڪبر" جيل ٽاٽو
رھي ٿو ياد "اڪبر" ڪان پڇو تا
نہ وسرندو ڏيھہ ڏاڏاٽو اباٽو.

❊❊❊

(قصرِگل جو ٽاٽي شريف_03_03_2017ع
موجب ٽين جمادي الثاني 1438ھ)

ھن غزل ۾ ڪنھن بہ ٻي ٻوليءَ جو لفظ اختيار نہ ڪيو ويو آھي. بلڪ منڍ کان وٺي آخر تائين ٺيٺ سنڌي لفظ استعمال ڪيا ويا آھن. ھن غزل ۾ صنعت سھل ممتنع بہ اچي وڃي ٿي.

(درصنعت مقلوب ڪل يا تقليب قافيہ مع التڪرار يا تڪرير)

تار تنهنجي آهي ڏينهن ۽ رات تار
سار لهہ سهڻا سِگهو ڪر راس سار
بار تنهنجي برهہ جو آهي وڏيڪ
منهنجي سر تان لاهہ ڪل غوراب بار
وارُ سهڻا وصل جو نزديڪ آڻ
مل ملڻ جو وارِ هردم راوَ وارُ
هارَ ۾ پيي جيت آ دل ڪين لاهِ
خونُ نيڻن مان متي ڪل راهہ هار
وارُ ڪر ان تي سِگهو جو تو وڙهي
وارُ ڪر هروار هردم راوَ وارُ
مارِ! مارو وجهہ عدو ۾ ڪر نہ دير
ڪر خِدا دشمن جو چَٽُ آرام مار
ڪار ڪرڪا ڪارگر گيسر نہ ڪر
ڪات هڻ لالچ کي ڪر ادراڪ ڪار
مار ڏيکاري نہ ڪڍ منهنجو تون ساهہ
منهنجي ويري کي سِگهو تون رام مار
ڏار مون کان ڇو رهين آڏار تو؟
تو ريءَ منهنجي ناهہ ڪا ٻي راڏ ڏار
زار کان بيزار دلبر ڪين تيءَ
رازدان ڏي زار کي ڪو راز زار
غار ڏونگر، لڪ پنهون، سسئي ڏٺا
جهاڳيان تو تو لئہ متا ڪل راغ، غار
چار وانگر آهي ”اڪبر“ هيءَ جهان

ڪيئي لالچ ۾ ڦاسايا راڄ، چار
ڳار "اڪبر" جا سيپئي تون رقيب
ڪراوچو ڪڙمنهنجو موليءَ راڳ ڳار.

***

(قصرِ گل جو ٽاٽي شريف ـ 21_02_2017ع
موجب ٽيويهين جمادي الاول 1438هه)

هن غزل ۾ هڪ ئي وقت ٻه صنعتون استعمال ڪيون ويون آهن.

1 ـ تقليب قافيه يعني قافيو آهي "تار"، ان کي ابتو ڪبو ته ٿيندي "رات".

2 ـ صنعت تڪرار يعني ساڳيا الفاظ ڌار ڌار ابتدا ۾ مطلب سان ٻه ٽي دفعا شعر ۾ آڻجن. جيئن مطلع جي ابتدا ۾ "تار" مطلب "طلب" آهي. آخر ۾ "تار" معنيٰ گهٽي يا زيادهه

(در صنعت مقلوب کل يا تقليب قافيه مع التکرار يا تکرير)

تال چڏ تون يار مون سان ڪر گهٽائي تال لات
تاب آ بيتاب ڪيو ڪر تون نه دلبر تاب بات
تارَ تنهنجي تار آهي تار ۾ سُرتار آهه
ڏينهن ڏک ۾ پيو ٿو گذري آهه ساري تار رات
تاس ٿَنَ ۾ آهي ڏاڍي تاس منهنجي تون اجهاءِ
ست ڪڍيو سر ساهه مان تنهنجي مٺا آ تاس سات
تاوُ ڏي تون سنڌ جي هرهڪ عدو کي مار ڳار
آهي هرڪنهن جي اهوئي يار ٻڌ تون تاوُ وات
تانڪين توسان مان رهان جانڪين جيئان دلدار يار
هڻ زبان جا ڪين مون کي تون پري کي تاڪ ڪات
تانَ هڻ اهڙي سدا جيئن آ هنئين سُڻ تانَسِين
ڳاءِ موسيقار ٿي هڻ تون سراسر تانَ نات
تام تهدل ڪر تون دائم جي ڪيا تو مون سان قول
مارِ پنهنجي مارَ سان ڏي مارَ کي ڪا تام مات
تانگهه تنهنجي ۾ لکيا اشعار ”اڪبر“ ڪر قبول
ياد دفتر ڪر تون سهٽا ڏي نه منهنجي تانگهه گهات
تاج شاهي آ سخن دلبر رکيو ”اڪبر“ مٿان
خيال ڪرٽو آهي هرهڪ کي اِهو آ تاج جات

***

(قصرِگل جوٽاٽي شريف ـ 14_03_2017ع
موجب چوڏهين جمادي الثاني 1438هه)

(درصنعت ايرادالمثل يا ارسال المثل)

ڏسو خانن جي خاني تي ٽئي معلوم مانيءَ مان
پٽو پيرن جو پئي تو ڏس ڪرامت مان ۽ ڪانيءَ مان
ملي تو خونُ مستو ۽ ملهائين هولي تا رت سان
ڪجي تي پرک ڳالهين جي ٽُڪر جي ٿي گِرانيءَ مان
اچي پيري پُڄي آهي اَچا تي وار ويا آهن
ڇڏي مون هاج آ لاهي جوانيءَ ۾ جوانيءَ مان
جگر، جيرا، هِنيون، بڪيون ڪڍي ڪانگا ڏيان توکي
وڃي محبوب آڏو ڪاءَ خوش تي ميزبانيءَ مان
نہ ٿيو دنيا مان مون ڪي لطف حاصل ڪو چوان ٿو مان
مزو هردم ملي تو ڪُوءِ در ديوار جانيءَ مان
ڪُتو پؤنڪي ۽ باهي تو ڪَڙهَ جو آ پڪو پختو
چڱو وئبو سجاٽي آهي پنهنجي ئي پيشانيءَ مان
پلي آ منڍ ڪان ناني چون ڏوهٽاڻ لئہ اڪثر
مزو ڏوهٽا وٺن ٿا خوب هردم هنج نانيءَ مان
گهُليو ڪو واءُ آ اهڙو ويو شرم و حيا نڪري
نپائي نانگ جهوليءَ ۾ رهان خوش زندگانيءَ مان؟
نہ آهي ساڻ سوٽي ڪا گڏھ گهَہ تو ڪري تڏهين
رهي ”اڪبر“ تو خوش تنهنجي سدا هو پاسبانيءَ مان
مزو ماڻين ٿا ”اڪبر“ تنهنجي بيحد خوش بيانيءَ مان
فصاحت مان بلاغت مان سلاست مان روانيءَ مان.

❋❋❋

(قصرِگل جوڻاڻي شريف - 11-03-2017ع

موجب يارهين جمادي الثاني 1438ھ)

غزل جي هرهڪ شعر ۾ سنڌي زبان جو ڪو مشهور پهاڪو/چوڻي اختيار ڪجي. جيئن هن غزل جي هر شعر ۾ ڪو نہ ڪو پهاڪو /چوڻي استعمال ڪئي وئي آهي.

(در صنعت تکرير مشبہ)

روئان روئان، تڙپان تڙپان
آئت آئت ڏيندو جانان
دهشت دهشت جو آ درياء
ڏاڍا، ڏاڍا ڏين ٿا دهمان.
دردن دردن دود دکايا
اٿندي ويهندي پڄران کامان
ايندو ايندو ڪهڙي طرف کان
بيٺو تڪيان ٿو راهان راهان
سور سوايا دل ۾ دل ۾
اندر اندر ٿانڊا ٽچڪان
چارئي پهر آ پهرو پهرو
ناهي ملڻ جو امڪان امڪان
بند ويون ٿي واهون واهون
پل پل پل پل رنڊڪان روڪان
دنيا، دنيا کيل تماشو
عقبيٰ گهري ٿي سامان سامان
نانگن نانگن سان آ ياري
ڪيئن سو بچندو انسان انسان!
دنيا، دنيا ٿي ٿو لُٽائي
ڪافر، مسلم ايمان ايمان
ڳلتي ڳلتي وهم غمن ۾
رهه تون مدامي شادان شادان
راحت راحت ڪنهن کي ناهي

ڏيهہ سڄو آ ڳِريان ڳِريان
ياڳيو يوڳي، يوڳي بند ۾
چور گهمي ٿو چوگان چوگان
جنگ آ جنگ آ مقتل مقتل
سرڪش سرڪش ميدان ميدان
عشق جو مريض آ لاغر لاغر
دلبر وٽ آ درمان درمان
خالي خالي "اڪبر" آخر
يارُ پريندو دامان دامان
صنعت صنعت حرفت "اڪبر"
واهہ جو تنهنجو ديوان ديوان.

❊❊❊

(قصرِگل جوٽاٽي شريف ـ12ـ03ـ2017ع
موجب ٻارهين جمادي الثاني 1438ھ)

پهرين مصرع ۾ ٻن لفظن جو بيان اچي. ٻيءَ مصرع ۾ انهن جي مناسبت سان اهڙا ٻہ لفظ اختيار ڪجن.

(در صنعت عکس و طرد)

گهرجي شراب ساقي، آهي سحاب ساقي
آهي سحاب ساقي، گهرجي شراب ساقي
عهدِ شباب ساقي، منهنجي نظر ۾ آيو
منهنجي نظر ۾ آيو عهدِ شباب ساقي
جامِ حباب ساقي، برسات ۾ تو ڏسجي
برسات ۾ تو ڏسجي، جامِ حباب ساقي
برق و سحاب ساقي، محتاج زلف و رخ جا
محتاج زلف و رخ جا، برق و سحاب ساقي
اڄ هِتِ شتاب ساقي، موسم ڏئي ٿي دعوت
موسم ڏئي ٿي دعوت، اڄ هِتِ شتاب ساقي
عطرِ گلاب ساقي، تنهنجي پگهر جا قطره
تنهنجي پگهر جا قطره، عطرِ گلاب ساقي
پا، در رڪاب ساقي، اهلِ جهان ڏسجن،
اهلِ جهان ڏسجن، پا، در رڪاب ساقي
دنيا خواب ساقي، تعبير ڇا پڇين تو؟
تعبير ڇا پڇين تو؟ دنيا خواب ساقي
جامِ شراب ساقي، "اڪبر" تو توکان طلبي
"اڪبر" تو توکان طلبي، جامِ شراب ساقي

***

(لاڙڪاڻو ـ 26ـ10ـ1988ع)

(در صنعت عکس و طرد)

فاضل فهيم تارڪ، عامل عليم تارڪ
عامل عليم تارڪ، فاضل فهيم تارڪ
عاشق عظيم تارڪ، عاقل اديب آهي
عاقل اديب آهي، عاشق عظيم تارڪ
ناقد نعيم تارڪ، ڪاتب ڪوي مصور
ڪاتب ڪوي مصور، ناقد نعيم تارڪ
حافظ حليم تارڪ، ڪامل ڪبير شاعر
شاعر ڪبير ڪامل، حافظ حليم تارڪ
صالح سليم تارڪ، روشن ضمير آهي
روشن ضمير آهي، صالح سليم تارڪ
واحد وسيم تارڪ، محسن مجيب ماهر
محسن مجيب ماهر، واحد وسيم تارڪ
ناصر نديم تارڪ، آهي حبيب سڀ جو
آهي حبيب سڀ جو ناصر نديم تارڪ
ناظم نسيم تارڪ، احسن عجيب اعليٰ
اعليٰ عجيب احسن، ناظم نسيم تارڪ
شاعر شميم تارڪ، فائق شريف شائق
فائق شريف شائق، شاعر شميم تارڪ
آهي مقيم تارڪ، "اڪبر اسير" ان جو
"اڪبر اسير" ان جو آهي مقيم تارڪ
بهتر حڪيم تارڪ، آهي مدام "اڪبر"
آهي مدام "اڪبر"، بهتر حڪيم تارڪ

❋❋❋

سوغاتِ گل

(جوڻاڻي شريف_21_01_1991ع)

ڪلام جي بعض جزن کي مقدم و مؤخر ڪري، ٻيو فقرو يا مصرع تاهجي، ساڳيي وقت اهو معنيٰ خيز بہ هجي. اها صنعت ڪڏهن ڪلام جي منڍ ۾ ڪڏهن پڇاڙيءَ ۾ ظاهر ڪبي آهي. شاعر پنهنجي خيال موجب ڪڏهن ٻن لفظن ۾، ڪڏهن ٻن فقرن ۾، ڪڏهن پوري بيت ۾ يا مصرع ۾ ادا ڪري سگهي ٿو.

(در صنعت ٻاونجاھ ڪاف)

ڪاھل تي ڪرم ڪو ڪر تون ڪامل
ڪاھل سان تي اڪمل شامل
سِڪَ ۾ سِڪائين، ساھ سُڪائين
سورن ۾ سُڪ ڪيو تي سائل
اڪ جي ڪات سان ڳُھين تو ڪونڊر
بيشڪ آھين ڳُھڻ ۾ قابل
ڪھل ڪري ڪمزور تي ڏس تون
شب روز پڪاري پيو تو ڪاسِل
لڙڪ لڪائي مرڪڻ سِک تون
ڪمتر ڪم ۾ رھ تون شاغل
ڳُوڙي جي ڊڪ ڪوني تائين
ڪاذب ڪي ھڻ ڪنڌ ۾ ڪو ڪِل
ڪم جي پوي، پوءِ ڪل تي پوي
ھرڪو ڪونائي پاڻ ڪي عاقل
"اڪبر" عشق ڪرائي ڪشالا
ڪنھن ڪنھن ڪي ڪري تو پاڻ ڏي قائل
"اڪبر" عشق ۾ خوب بھاري
مالڪ بخشِي آھي مڪمل

***

(قصرِگل جوڻاٽي شريف_09_12_2016ع
موجب نائين ربيع الاول 1438ھ)

ھيءَ اھڙي صنعت آھي، جنھن ۾ ننڍيا ۽ وڏا ڪاف استعمال ڪجن. ۽ ھڪ ئي غزل ۾ چاليھ ڪاف آندا وڃن، پر چاليھن ڪافن ڪان مٿي ٻہ ڪاف اختيار ڪري سگھجن ٿا. مون ھن ھڪ ئي غزل ۾ ننڍيا وڏا 52 ڪاف ڪم آندا آھن. جنھن ڪري ھن ڪي صنعت ٻاونجاھ ڪاف سڏيو ويندو.

(درصنعت النشر)

خط لکان ٿو يار توڏي نياز ساڻ
ٻڌ سمورو حال منهنجو ڪر رهاڻ
وهم غم کان يار مون کي تون ڇڏاءِ
پنهنجي در تي دلربا مون کي رهاءِ
دشمنن ۽ ظالمن کان ڏي پناه
ملڪ دل جي کي هنن مان خوف آه
رک سدا محفوظ دلبر ڪر خيال
دشمنن جون ڪر سدا وايون بتال
هِت زماني جي هلي ابتي پچار
چور ٻاهر، پاڳيو بند ۾، ڪر نهار
ڳڏَ ڪميڻن جي ڏسان اشراف هاڻ
جَي ڪيرجِي ٿا ڪين شب روزڪاڻ
ملڪ جِي تِي هَتِ ڪيرجي آه واڳ
ملڪ ۾ ناهي سجاڳي، آ ڏهاڳ
جي خطائون ڪن ٿا تن کي لوڏو ناه
تن حرامين کي ڏسڻ جو دوڏو ناه
ڪر مدد مظلوم سان، ظالم کي مار
او خدا! مظلوم جي ٻڌ ڪا پڪار
چور، زاني ٿو ڏسان رهبر مدام
ڪر خدا تن کي هميشہ لئہ تمام
جن وڃايو قوم جو ۽ پنهنجو نام
مار تن کي، ٻڌ خدا منهنجو ڪلام
ڏي سزا شيطان کي ڪائي شديد

ڪا قديم آهي، هجي ڪائي جديد
جو پڙهائي قوم جي اولاد روز
سو ڪري اولاد سان بيداد روز
آ بُري، اولاد تي، جنهن جي نگاهه
پُشت ڪر تنهن جي خدا جلدي تباهه
حال هيٺا، سور پيٺا، ڪر قياس
تو رهان هر وقت سهٽا مان اداس
يار "اڪبر" جو لکيو ڪر تون قبول
نظم منهنجو جهڙو تهڙو ڪر وصول
يار جائي، مهرباني ڪر حبيب
ناهه بگڙيل، يار "اڪبر" جا نصيب.

❋❋❋

قصرِ گل جوٽاٽي شريف ـ 16ـ03ـ2017ع

موجب سورهين جمادي الثاني 1438ھ)

صنعت نظم النثر ان کي چئجي، جيڪو نظم ٿوري ئي تفاوت سان نثر جي صورت اختيار ڪري، هن ۾ بندش ۽ نشست، الفاظ ۽ ڪلام جي صفائي نهايت لازمي آهي. خاص طرح صقيل ۽ ڳورا الفاظ، قباحت ۾ زيرِ اضافت کان پاسو ڪرڻ گهرجي. بقول سيداظهر گيلاني: تہ هيءَ صنعت حضرت امير خسروءَ جي ايجاد آهي.

(در صنعت مراعات النظير يا تناسب يا توفيق يا ايتلاف يا تلفيق)

سدا حمد ساراهہ پروردگار
آ خالق ۽ مالڪ سَتر هَتِ ستار
آ دنيا ۽ عقبيٰ جو خودمختيار
جهانن جو رب آ سخي ڪردگار
محمد ﷺ جي صدقي بنايو خدا
هيءَ سنسار سارو ٿيو آشڪار
اچي موٽي هر سال تي تو بهار
قرار ان کي آيو جو هو بيقرار
هلي آيو آهي برابر بهار
ٿيو آهي گلشن ۾ ڏاڍو قرار
ٻڌو گلستان ۾ وڏو ڇهڇٽو آ
پکي ڪن ٿا هر وقت مٺڙي تنوار
گلن تي ٿا جهومن وٽن واس ڪيئي
ڏين پؤنر پيرا نہ جن جو شمار
وڏي تازگي آهي ٻوٽن گلن ۾
نوان تازه ڦهڪن ٻڌا توڙي ٻار
ٻهاري سان هر باغ مهڪي پيو
خوشي ۾ نہ ماپن جوان جهُور يار
چمن ۾ نہ ڪنهن کي ڏسان تو اداس
چمن جي چڱي تي هلي پئي پچار
خوشيون گيت گانا ترانا تمام
هلن ٿا چمن ۾ هزارين هزار
وري وَيسُ سائو وٽن آهي پاتو
هلي جاڙي ڪاڏي اها تي پڪار

ترو تازه هرهڪ ٿيو ٻوٽو گل آهہ
ڪري يار هر جاءِ طوطي تنوار
هوا تي هلائي، هوا جوئي ڪم آ
هوا تي ڪنڌائي عطر جا انبار
هوا جي گهُلي تي تہ سرهاڻ آهہ
هوا ساڻ ئي آ هوا مشڪبار
هوا سان وري ناچ گانو ٿئي
هوا سان پون ٿا وجي سُر ۽ تار
هوا ساڻ وڻ ٽڻ ٿا جهومن مدام
چمن ۾ وڄن ٿا سرود ۽ ستار
خوشيون شادمانا پکي ڪن ٿا پلپل
چون ٿا يلي آهي موسم بهار
ويو ساهہ پئجي چمن ۾ ڏسو
ڪِلي تو وٽن جو پيو تار تار
تڙيا گل ۽ ٽانگر ڏين ٺهڪ ٿا
خوشي ۾ نہ ماپن ٿا وڻ شاخدار
ڳِٽي چا ڳِٽيان مان ڳِٽڻ ۾ نہ آهن،
آهن باغ هرهڪ ۾ گل بيشمار
ٿڌي صبح جي هير فرحت ڏئي

اُتي اسر جو طير ڪن تا پچار
ڪري ڪوڪ ڪوئل وڃي ويهي دل ۾
پپيهي جي دل کي پسند آ پڪار
ڪري قُمري بلبل ڪماٽيون گلن سان
اوهان جي مٿان طير هر هڪ نثار
وري عندليبن اچي هيئن چيو
اسان کي ملي ٿو گلن مان قرار
ڏسو نيلوفر جل ۾ گهاري ٿو ڪيئن
ڪڍي مکڙي ٻاهر ڪري ٿو نهار
ڪري سير گلشن جو سارو ٻُڏاءِ
ڏکي باغبان آ گلن جي سنڀار؟
پليڪار ڪيڪار گل گل ڪري
گلن سان ڏسان خوش پيو خار خار
جي وجهه خار مان هٺ، تہ گل خار ڪائين
گلن سان اوهان چو نہ ڪيو تا پيار؟
مزو ٿي وڻائي بهاري چمن جي
ڏسي باغ ۾ جا گلن جي قطار
وري بوندون برسن وڃن ڏوپجي وڻ
ڪري قدرتِ حق وڻن جي سنوار
بهاري سان گلزار ٻهڪي ۽ مهڪي
بهار آ بهاري سان آهي بهار
خزان جي وئي وَيلَ آهي ٽري
خزان ۾ خزان تي وڏي آ خوار
خزان جي ڪري ويا ها ڪومائجي
بهار آ انهن جي لڏي نيٺ سار
ڏين سجدو شمشاد ۽ سَروَ تا
اهو آهي موسم تي دارومدار
قداور ڏسي سَروَ سڀ پيا جهڪي
ٿيا دلربا تان سيئي جان نثار
ورائي ورائي وري ٿو لکي
ڪري خوب"اڪبر" ٿو وصفِ بهار
لڙهي ناهِي آهي هي "اڪبر" ڏسو
نہ مَٿُ آه ان جو ڪو هيرن جو هار
سدائين ٿي هرهنڌ هلي هي صدا
بهار آ بهار آ بهار آ بهار.

***

(قصرِگل جو ٽاٽي شريف -16-03-2017ع موجب
پندرهين جمادي الثاني 1438ھ)

هن صنعت ۾ اهڙا الفاظ استعمال هيٺ آڻجن، جن جو هڪ ٻئي سان گهرو ۽ گهاٽو سبنڌ هجي، هتي چمن جي ذڪر سان گڏ گل، بلبل، قُمري، سرو ۽ شمشاد جو ذڪر خير هجي، ۽ اهڙي ئي تصوير پيش ڪرڻ گهرجي.

(نظم جو تحفو)

حال پنهنجي خوب دل جو توڏي دلبر موڪليان
سربسر سورن سندو تحفو سراسر موڪليان
جهٽ ملي ويندا توکي جيرا، بڪيون، دل جانِ من
سال جي هيءَ سوکڙي ٿو ڏس برابر موڪليان
مون لکي رت سان رکيو دردن سندو هي داستان
چئہ پلا منهنجا منا ڪنهن سان هي دفتر موڪليان
ناهي قاصدُ جو اچي پيغامِ غم توڏي کڻي
پَرَ پَٽيل آهن پکيءَ جا ڪيئن بي پر موڪليان
چشم پُرنم، جان حزين، دل آهي مضطر يار بُڌ
ٿو رهان هر وقت حيران، حال تو در موڪليان
ڪيئن ڪيان ارسال ڪاغذ ڏانءُ مون کي ڪو تہ ڏَسِ
سال جو هي آهي تحفو ڪيئن نشانبر موڪليان
پرچ پيارا رنج، ڪاوڙ ۽ رسامو ڇڏ کڻي
ميڙ توڏي گهر سمورو شهر بازر موڪليان
دين ۽ ايمان، دنيا يار عقبيٰ گهوريان
تنهن ڪري توڏيّ ٿو مان ديندار ڪافر موڪليان
مَٿُ نہ تنهنجو يار ڪوئي تون ئي آهين بي مثال
هي اکر دل سان لکي ٿو توڏي هرهر موڪليان
ڪنهن سان راضي ٿيتدين سهٽا پنهنجي دل جي ڳالھ ڪر
مير ۽ سردار ٿو دربان نوڪر موڪليان
ياسمن، سوسن، سنبل ۽ يار نرگس نينهن ۾
باغ جا ٿو چونڊي چونڊي گل صنوبر موڪليان
قُمري، بلبل، طوطي، ڪوئل ۽ بيا مرغانِ چمن

مور، هدهد ۽ ڪبڪ ۽ ٻيا ڪبوتر موڪليان
خوبصورت، خوبتر، بهتر بيان آهي عيان
تو کي ڏيندو ڪل خبر پڙهه دل جو دفتر موڪليان
حال دل جو مون ڪيو توڏي روانو آهي خاص
ڏي جواب ان جو پڙهي جلدي تو "اڪبر" موڪليان
علم، عزت، عقل، عرفان، شان شوڪت سان پرين
غوث ۽ اقطاب "اڪبر" تو قلندر موڪليان

***

(قصرِگل جو ٽاٽي شريف-16-03-2017ع
موجب سورهين جمادي الثاني 1438ه)

هيءُ غزل صنعت مسلسل ۾ چيل آهي. هن کان اڳ ۾ ٻه اهڙا ٻه غزل پيش ڪيا اٿم. هن غزل ۾ شاعر دل جي حضور، عقيدت ۽ احترام ۽ محبت سان پنهنجي پياري محبوب ڏانهن نظم جو ٻي مثال تحفو موڪليو آهي. جنهن کي "صنعت تحفئہ نظم" جو نالو ڏنو ويو آهي.

(آخرين خط)

ڪيو شان آ تنهنجو رحمان اعليٰ
بلند مرتبو ۽ گهڻو مانُ اعليٰ
تون صورت جو صاحب، تون سيرت جو صاحب
تون اخلاق اعليٰ بصيرت جو صاحب
حسينانِ عالم ۾ آ نام تنهنجو
حسينن ۾ آ درجو مادام تنهنجو
لڳي ڪو نہ تو کي ڪوسو واءُ سهڻا
خدا بخشي عزت توکي ساءُ سهڻا
هجين شاد دلشاد آباد هردم
نہ مَٺُ سَرو تنهنجو نہ شمشاد هردم
خدا بخشي تو کي وڏي زندگاني
ڪيان ياد توکي تون ماڻين جواني
خدا تنهنجو آهي نگهبان هردم
توتي مهربان آهي رحمان هردم
ڏسان تو کي جاني جواني ۾ سرهو
جواني ۾ پيري ۾ دلدار چَرهو
اچي ڏک نہ توکي گهران ٿو دعائون
خدا جي اڳيان ٻئي ڪٽي هٿ ۽ ٻانهون
هجن تو تي هردم خدا جون عطائون
اٻوجهن، اڙين جون نہ ڏسجان خطائون
ڪندو مهر مولا سدائين اوهان تي
عنايت ڪرم ٻاجهہ سائين اوهان تي
ادب سان ڪيان ٿو مان ايلاز توکي

رهو مون سان راضي ڏيان راز توکي
سراسر تون منهنجو سڄڻ يار آهين
چوان ٿو مان دلبر وفادار آهين
گهران ٿو مان توکان ئي ديدار تنهنجو
اچي رخ گهڙي کن تون ڏيکار پنهنجو
خدا توکي بخشي جواني ۽ جاني
سدا صدقي منهنجي توتان زندگاني
اچي مون کي آڻت ڏي ديدار پيارا
سهارو مون کي تنهنجو آ يار پيارا
ادب سان اوهان ڏي مُنجان ٿو مان ڪاغذ
لکي جو روانو ڪيان ٿو مان ڪاغذ
پڙهي ڏس تون ڪاغذ ڏيندو توکي فرحت
سدا يار راحت، سدا يار راحت
ڪيو عشق تنهنجي ئي لاچار آهي
وڏو وَيلُ، هرويل آزار آهي
ڏيان عشق تنهنجي جي مان دانهن ڪنهن کي
اهائي خبرچار ڪا نانهن ڪنهن کي
مريضِ محبت ڳجهو ناهه ڪنهن کان
مريضِ محبت آ آگاهه سڀ کان
ويو ننڊ آرام نيڻن کان کسجي
وئي آهي دردن ۾ دل يار ڦسجي
ڏسان ٿو ته جيئڻ ٿيو دشوار آهي
گهڙي ٻي ڏکي آ ڏکيو وار آهي
سُڪون چَين ناهي، نه ڪوئي قرار آ
خزان ئي خزان آ، نه ڪو ئي بهار آ

اکين مان سدا آب ٽيو آهه جاري
سڄو ڏينهن ۽ رات آ اشڪباري
ڦڪو منهن ٿي دلبر ويو آهه توريءَ
رڱن رت سُڪايو نه ست ساهه توريءَ
صبح شام ۽ ڏينهن آ رات پيارا
نه گذري ٿو توريءَ کو اوقات پيارا
ويو هيڊو منهن ٿي ڪا فرياد سڻ تون
نه ڪر يار مون سان کو بيداد سڻ تون
جلي جانِ وئي آهه دردِ نهان ۾
وهامي ويون راتيون آهه و فغان ۾
وئي بگڙي قسمت آ ڪنهن کي چوان مان
ڏسان خواب قسمين ۽ قسمين نوان مان
لکيو ويٺو يوڳيان ٿري کين دلبر
مسيحا تون بڻجي قضا ٿار رهبر
اها تار تَنَ ۾ طلب تات آهي
ڏکيو ڏينهن گذري، ڏکي رات آهي
اچي حال بيحال في الحال ڏس تون
برو حال بيڪار بدحال ڏس تون
ڪرم ڪر، عنايت، ڪرم جي نظر ڪر
کيم جي خطائون سي تون درگذر ڪر
نه ڏس منهنجي دلبر خطائن ڏي هرهر
مگر ڏس تون پنهنجي عطائن ڏي هرهر
گهران توکان ساغر ڪرم سان ڀري ڏي
تون محفل ۾ ساقي قدح پُر ڪري ڏي
پيالو پي سرشار محفل ۾ ٿيان مان

اها آس ڪر پوري هرهر چوان مان
تون ساغر بهاني ڏي ديدار جهٽ جهٽ
عنايت اِها ڪر تون دلدار جهٽ جهٽ
اچڻ جي نہ توتي ميار آهي ڪائي
وئي وَيل ناهي ڪرم ڪر سدائي
نہ تڪليف توکي ڏيڻ ٿو مان چاهيان
سيئي سور سر تي سهڻ ٿو مان چاهيان
هلڻ جي ڪا مون ۾ رهي ناهہ طاقت
نہ ٻانهُن ۾ ٻل آ چوڻ جي نہ جرئت
اٿڻ ۽ ويهڻ جي نہ همت ڏسان ٿو
رڳن ۾ نہ رت آ، نہ ڪي ست ڏسان ٿو
پيو آهيان بستر تي لاچار جاني
اچان ڪيئن توڏي او دلدار جاني!
اٿڻ جي نہ همت، اٿڻ يي ڏکيو آ
گهمڻ جي نہ جرئت، گهمڻ يي ڏکيو آ
پيو آهيان بيمار لاچار کٽ تي
پيو تڙپان روئان ٿو هروار کٽ تي
اثر ناهہ ويڇن جَي ڪوئي دوا ۾
اثر ناهہ تعويذ، سَڀَي ۽ دعا ۾
مريضِ محبت کي ڏي چڱيلائي
مسيحا ٿي اچ تون ڪريو ڪا چڱائي
وڃان ڪاڏي، ڪنهن سان اوريان حال دل جو
سليان سور ڪنهن سان سوريان حال دل جو
پون پور پورن تي پل پل پيارا
ملن سور سورن تي پل پل پيارا

سچو ڏينهن ڏک ۾ ڇڏيان ٿو گذاري
سڄي رات تارا ٽڪيان ٿوکي ساري
وري سور جاڳن نئون سج ٿو نڪري
نہ ٿو يار پورن ۾ کو ڏينهن نبري
هزارين غمن جا کنيم بار سر تي
تہ پيو يار مون کي ڇڏين ٿو نہ در تي
طبيعت پڇڻ پيو اچين کين ٿو تون
ڏَسِين پنهنجو سهڻا نہ آئينُ ٿو تون
ٿيا سور راهي، کي مون وٽ رهن ٿا
رهي سور کي سار منهنجي لهن ٿا
سچو ڏينهن سارو ٿو ساري گذاريان
ڏکن ڏوجهرن ۾ ٿو گهاري گذاريان
ائين ٿي اچي رات کاري وري پيو
وري ٿا وڃن سور ڳڻتيون وري پيو
ڳڻيان ٿو مان تارا، ڀَتي يار تارا
تصور ۾ توکي ڏسان ٿو پيارا
ڏسو رحم جوڳي ٿي وئي منهنجي حالت
ڏسي منهنجي حالت قمر ٿئي خجالت
اچي يار صحت سنوارين سڌارين
پيو چو ٿو ڳڻتين ۾ ڳارين ۽ مارين
ضعيف آهيان دلبر ضعيفن جي ٻُڌ تون
ضعيفن ڏي سهڻا پيري پَير وڌ تون
وئي منهنجي صحت تي ٿي پيري غالب
تڏهن پيو تہ تنهنجو آهيان يار طالب
مان جهڙو کي تهڙو تنهنجو آهيان نوکر

تون نوڪر ڪي پنهنجي نہ در تان پري ڪر
ٻُرن سان پلايون ڪرڻ تنهنجو ڪم آ
ڪرم جي نظر سان ڏسڻ تنهنجو ڪم آ
ڍلائيون نہ ڏس تون ڍڪڻهار تي وڃ
تون رابيل موتي ڪتڻهار تي وڃ
گنهگار آهيان تون ڍَڪِ عيب منهنجا
نہ مَٽُ تنهنجو ڪوئي تون لاريب منهنجا
هلي آءُ منهنجي اڱڻ تي نچان مان
ٺرن منهنجون اکيون ۽ سَرهو ٿيان مان
هلي آ اڱڻ تي تون جلوه نما تي
نہ پل مون ڪان ڪوئي پري رهنما تي
اچي شهر جوٽاٽي آباد ڪر تون
خدارا اها مون تي امداد ڪر تون
پري وڃ نہ پنهنجي تون عاشق ڪان دلبر
نہ تڙ پنهنجي در تان، ڌڪا ڏي نہ هرهر
وجهين ڇو ٿو فرقت ۾ عاشق تون پنهنجو؟
ڇڏي رنج، ڪاوڙ ڏي لائق تون پنهنجو
نہ ڪر يار ڪاوڙ چڱي ناهہ ڪاوڙ
پلو وڙ جو آهين، تون ڪر پنهنجو ڪو وڙُ
ڇون ٿا تہ ڪاوڙ چڱي ڳالهہ ناهي
حرام آهي منڍ ڪانِ تو قرآن ٻُڌائي
عدو کي نہ پنهنجي تون ويهار دل ۾
نہ ويهار دل ۾ نہ بيهار دل ۾
تون ڪر پنهنجي عاشق سان گفتار شيرين
ائين ڪر تون عاشق گرفتار شيرين

سچو آهين سهڻا سچائي سان ڏس تون
ڀلو آهين منڍ کان ڀلائي سان ڏس تون
سدا تنهنجي آهيان غلامن جو نوڪر
نہ ڏي يار ڪائي تون نوڪر کي ٺوڪر
نہ ڪر ليڪو چوڪو ڪمي درگذر ڪر
نہ ڪوتاهيون ڏس تون نہ ڪي دربدر ڪر
ٻڌي ٻانهون بيٺو اڳيان تنهنجي آهيان
سواءِ تنهنجي سهڻا مان ڪجھ ٻيو تہ ناهيان
ڪيان يار خط تو هِتي بند هاڻي
اچي حال ڏس منهنجو دلبند هاڻي
اچا ٻيو لکان ها وڏو خط پيارا
پڙهي ٿڪجي پئين ها، ڪرين ها ڪنارا
لکي مختصر مون ڪيو خط روانو
مزو ماڻ هن مان پڙهي تون روزانو
اچا ٻيو گهڻو آ رهيل حال دل جو
ڪيان بند "اڪبر" تو احوال دل جو
متان توکي پڙهندي ٿئي ڪا ٿڪاوٽ
پوي ڪين تنهنجي پڙهڻ ۾ رڪاوٽ
سيئي يار آداب آڻيان بَجا تو
لکي برھ جا باب ماڻيان مزا تو
مليو وقت مون کي تہ ٻيھر مان لکندس
مزو يار سقراط وانگر مان چکندس
اِتي آڻي بند تو ڪيان حال دل جو
ڏي ديدار دلبر مڃو سوال دل جو
پڙهي پورو خط تون ڏجانءِ يار ورندي

متا منهنجي تو ريءَ ڪڏهن ڪا نہ سرندي
خطا جيڪا مون ڪان پئي معاف ڪر تون
شفا جا پئي هٿ مٿان منهنجي ڌر تون
خطا ڏس نہ منهنجي، نہ ڏس تون خطا ڏي
عطا تنهنجو ڪم، ڏس تون پنهنجي عطا ڏي
لکيو سمجھ "اڪبر" جو ٿورو بہ زياده.
مگر تنهنجو ٿورو آ ٿورو بہ زياده.

***

(قصرِگل جوٽاٽي شريف _17_03_2017ع
موجب سترهين جمادي الثاني 1438ھ)

هن صنعت ۾ منظوم خط لکيو ويندو آهي. پوءِ اهو مسلسل غزل، مثلث يا مثنويءَ جي صنف يا صورت ۾ هجي. اڪثر ڪري ڏٺو ويو آهي تہ شعراء ڪرام اردو خواهہ سنڌي زبان ۾ اهڙا منظوم خط بلڪل ٿورا موزون ڪيا آهن. هن وقت هيءَ صنف نالي ماتر وڃي رهي آهي.

(در صنعت مسمط)

ڪڏهن پيادل ڪڏهن سواري، گهڙي ۾ چاهي، گهڙي ۾ چاهي
ڪڏهن خواب آ ڪڏهن بيداري، گهڙي ۾ چاهي، گهڙي ۾ چاهي
ڪڏهن چڱائي ڪڏهن لڱائي، ڪڏهن ڀلائي ڪڏهن بُرائي،
ڪڏهن مزن ۾ ڪڏهن خواري، گهڙي ۾ چاهي، گهڙي ۾ چاهي
ڪڏهن گجي ٿو ڪڏهن وسي ٿو ڪڏهن آ جهڙجهڙ ڪڏهن آ ڦڙ ڦڙ
ڪڏهن آ روشن ڪڏهن انڌاري، گهڙي ۾ چاهي، گهڙي ۾ چاهي
ڪڏهن گهرن ۾ ڪڏهن ٻرن ۾، ڪڏهن ٿرن ۾ ڪڏهن ڇُرن ۾
ڪڏهن جهنگن ۾ ڪڏهن شڪاري، گهڙي ۾ چاهي، گهڙي ۾ چاهي
وڏي ويا ڏس فساد ٻيٺا، گهمن ٿا جِت ڪٿ جلاد ٻيٺا
ڪري هٿن ۾ ڇُريون، ڪٽاري، گهڙي ۾ چاهي، گهڙي ۾ چاهي
گهمي ٿي ناري بدن اگهاڙي، نچي نشانبر روپين تي ياڙي
ڪري ٿي ڊانس، ڏئي ٻهاري، گهڙي ۾ چاهي، گهڙي ۾ چاهي
ڪُڪڙ جُوئا جي آ ڳالهه هردم، هلي پچر ٿي اهائي دم دم
ڪڏهن نه ٿيو آ ڪو خوش جوئاري، گهڙي ۾ چاهي، گهڙي ۾ چاهي
هلي ٿو خودڪش بمن سان حملو اهوئي ٻُڌجي پيو ٿو جملو
مري ٿو ڪهڙو آ ڪهڙو ماري، گهڙي ۾ چاهي، گهڙي ۾ چاهي
هليا ويا فغفور رهيا نه قيصر، رهيا نه خاقان نه دارا سڪندر
انهن جي گهرگهر پچر موچاري، گهڙي ۾ چاهي، گهڙي ۾ چاهي
اِهو آ ماڻهو گڏهه سڏاري، ڪُتن ڪي پيرو ڪٽڻ سيڪاري
اِها آ ماڻهو جي ڳالهه نياري، گهڙي ۾ چاهي، گهڙي ۾ چاهي
رڳو آ لالچ جو ٿيو زمانو، ڳولي ٿو ماڻهو رڳو بهانو
اجوڪي ياري ٿي آ خواري، گهڙي ۾ چاهي، گهڙي ۾ چاهي
رڳو حڪومت جو آهي نالو اکين تي پردو زبان تي تالو

اِها آ "اڪبر" جي ڳالھ نياري، گھڙي پر چاهي، گھڙي پر چاهي
ڪرم ڪو "اڪبر" تي ٿئي خدايا، تون لايا ڪر ان جا ڪل سجايا
خزان ڪي ڪيڀ تون، ڏي ڪا بهاري، گھڙي پر چاهي، گھڙي پر چاهي.

***

(قصرِگل جوٽاٽي شريف -18-03-2017ع
موجب ارڙهين جمادي الثاني 1438ھ)

غزل يا قصيدي پر مطلع کان سواءِ ٽي يا زياده فقرا هم وزن ۽ هڪ نموني آٽجن ۽ چوٿون آخرين قافيو اصل غزل يا قصيدي جو هجڻ گھرجي. مطلع کي پابنديءَ کان بلڪل آزاد رکيو ويندو آهي،جو ان پر قافيي ۽ رديف جو ڪافي جهنجهٽ هوندو آهي.

(در صنعت اطراد)

حمد ۽ ساراهہ آهي ڪبريا جي واسطي
خالقِ اڪبر ۽ راحم آ خدا جي واسطي
مِهر ڪر موليٰ محمد مصطفيٰ ﷺ جي واسطي
ختم مرسل ۽ امام الانبياء جي واسطي
ڪر دعا مقبول احمد بدرالدجيٰ جي واسطي
رحمت اللعالمين خيرالوريٰ جي واسطي
سيدِ لولاڪ جي صدقي سجدي ۾ ساجد رک مون کي
ڏي سِڌو ڏگ مون کي رهبر رهنما جي واسطي
روزشب پيو تو پڪاريان او خدا! هٽرا ڪٽي
جا بہ مشڪل، حل ڪر، مشڪل ڪشا جي واسطي
رک سدا محفوظ، دشمن کان خدا ڏي تون پناهہ
خير ڪر فخرالنساء، خيرالنساء جي واسطي
دور ڪر هرهڪ مصيبت ۽ مرادون کل پڄاءِ
ختم ڪر هر مونجهہ حسن المجتبيٰ جي واسطي
درد غم کل دور ڪر ۽ ڪر عطا دائم خوشيون
امن، عزت بخش شهداءِ ڪربلا جي واسطي
هر گهڙي تو پيڙجان ڳٽتين سندي مان ڳاهَ ۾
مون کي صحت ڏي خدا زين العباؑ جي واسطي
لوڪ ۾ رک منهنجي عزت، علم عرفان ڏي جهجهو
ڪر عطا سو باقرؑ علمِ هديٰ جي واسطي
صِدقِ صادق جي تون صدقي دين ۽ اسلام جي
راهَ مون کي ڏسِ تون جعفرؑ دل صفا جي واسطي
دين ۽ ايمان جي دولت سان مالا مال ڪر

علم ڏي قرآن جو موسيٰ رضاؒ جي واسطي
مون کي رک "معصوم چوڏنهن" جو سدائين پوئلڳ
راضي ٿي ڪاظمؒ رضاؒ معجزه نما جي واسطي
آهين شاهوڪار تون محتاج آهيان مان گهڻو
پنهنجي گنج مان ڏي تقي جودو سخا جي واسطي
مون عمل ڪوئي چڱو ناهي ڪيو مون ڏي نہ ڏس
بخش مون کي علم نقي اصفيا جي واسطي
خوف ڏاڍو قبر محشر ۽ "عذاب النار" جو
درگذر ڪر عسڪري تون اتقيا جي واسطي
حفظ ۾ دجال جي فتني کان رک "اڪبر" جي آل
انتظار آ جنهن جو تنهن مهديؑ هديٰ جي واسطي
چاق چوبند چست ڪر محتاج ڪنهن جو ڪين ڪر
او خدا! تون، شيرِحق مشڪل ڪشا جي واسطي
نيڪ صالح منهنجي ڪر اولاد، هردم ڏي خدا!
علم، عزت، دين، ايمان "بارها" جي واسطي
تون اسان جي آل کي سنت طريقي تي هلاءِ
مدعا ڪر پوري پيمبر مصطفيٰ ﷺ جي واسطي
مون کي ڏي توفيق يا رب سوڀ ڏي مون کي سدا
لاهہ مون تان بار باري پيشوا جي واسطي
بغض، ڪينو ۽ ڪدورت مون کان هردم دور ڪر
سچ کي دل ۾ جاءِ ڏي شمس الضحيٰ جي واسطي
تون رسول الله جي ڪر آل جو نوڪر مدام
حضرتِ آلِ رسولِ مقتدا جي واسطي
هي "علي اڪبر قريشي" آ دعاگو دائمي
ڪر دعا مقبول شاهِ دوسرا جي واسطي.

***

(قصرِگل جوٽاٽي شريف -19-03-2017ع
موجب اوڻويهين جمادي الثاني 1438ه)
جنهن شخص جي مدحت يا مذمت ڪرڻ گهرجي، ان جي آباؤ اجداد جا نالا ترتيب وار آڻڻ گهرجن. اهي نالا هيٺ متي يا غير ترتيب نہ هجن. انهيءَ ڳالهہ جو خاص خيال رکيو وڃي، جيئن انهن نالن جي وچ ۾ الڳ ڪرڻ وارا بي ترتيب الفاظ جاءِ نہ والارين. جيڪي انهن جي نڪ ۾ نسبت جي نشاندهي نہ ڪري سگهن. قارئين ڪرام جي لاءِ هيءَ دعائيہ نظم پيش ڪجي ٿو. هن نظم ۾ ”چوڏنهن معصومين ڪريمين“ جا پاڪ نالا ترتيب ۾ رکيا ويا آهن. اهڙيءَ طرح ڏٽيءَ جي دربار ۾ انهن نالن جي واسطي دعا جي طلب ڪئي وئي آهي.

(درصنعت عاطلہ مهملہ يا غير منقوط)

ڪر عمل اعمال سھڻا ڪر ڪمال
ڪامل و اڪمل مڪمل ڪر ڪو حال
ورھ ۾ ڪر وصل دائم ۽ وصال
وصل ۾ واصل سدا رھ سڻ سوال
ڪار ڪر ڪا ڪارگر ھاڪار ڪر
دور ڪر درد و الم ۽ سور ڪال
مالڪ المملوڪ ڪرڪا سَگھَ عطا
وار ھرھڪ ماھ ھرھڪ سال سال
واڪا سڻ واھار ڪر وَرُ واھرو
سار لھہ دلدار ڪا سحر و آصال
ڪر عطا آرام ۽ آساس ڪل
روھ ۾ ڪل رولِ اعداء در ملال
ڪو ڪرم وارو ڪڪر مالڪ وَساءِ
آھ ھردم اوڪو "دولھہ" دم محال
دَمُ مَ در در دور داور ڪو رُلاءِ
ڪر عطا ھروار مولا سُڪ حلال
آ مسلسل آس ۾ "دولھہ" دوام
ڪر سَگھو سھڻا سِگھو اولاد آل

❊❊❊

(قصرِگل جوڻاڻي شريف +20_03_2017ع
موجب ويھين جمادي الثاني 1438ھ)

امڙي عبارت. نظم يا غزل لکجي، جنھن ۾ بغير نقطن وارا حرف اختيار ڪجن يعني نقطن وارا ڪل حرف ترڪ ڪجن. امڙيءَ صنعت کي عاطلہ مهملہ يا غير منقوط چئبو آھي. ھن صنعت ۾ مون "گوھرِ گل" جي نالي سان ديوان مڪمل لکيو آھي.(مذڪور ديوان سال 2018ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو آھي. سنڌي ادب ۾ ھن وقت ھيءُ پھريون ديوان آھي.) ھيءُ غزل ان ديوان ۾ شمار ھيٺ نہ آھي. ھن صنعت ۾ لکڻ تمام ڏکيو آھي. مون "اڪبر" جي بجاءِ تخلص "دولھہ" اختيار ڪيو آھي.

(در صنعت مدور)



SOORIH SINDHI ADAB

مصرع يا شعر، ان جا چار يا اٺ رڪن ڪجن، گول دائري ۾ انهن کي جدا جدا ڪري لکجي. ۽ جنهن ٻہ رڪن کان دل گهري پڙهي. ۽ مطلب صاف ظاهر ٿئي. تقطيع ڪرڻ وقت لفظ خاني ۾ آزاد رهن. جيڪڏهن اها صنعت اٺ خانا والاري تہ ان کي "صنعت مثمن" چيو ويندو آهي.

(قصرِگل جوٽاٽي شريف_29_03_2017ع اوٽتيهين جمادي الثاني 1438ه)

(درصنعت مربع)

نظر ڪر	ڪرم ڪر	او دلبر	او رهبر
او دلبر	دوا ڏي	مرض ٽي	ڪا بهتر
سڏيان تو	سدائين	دوا ڏي	او دلبر
او رهبر	نظر ڪر	ڪا بهتر	ڪرم ڪر

پلو تون	پلايون	سنا ٻُڌ	سدا ڪر
چڱايون	سُنايون	تون هو مر	صفا ڪر
مِنايون	ورهايون	دعا ڪر	عطا ڪر
سدا ڪر	ولا ڪر	عطا ڪر	وفا ڪر

SOORIH SINDHI ADAB

هيءَ چئن سٽن جي بيهڪ واري صنعت آهي. صنعت مدور وانگر هن کي ٻـ پڙهيو ويندو. جيئن دل چاهي تيئن هن کي پڙهي سگهجي ٿو.

(قصرِگل جوٽاٽي شريف_24_03_2017ع
چوويهين جمادي الثاني 1438ھ)

(در صنعت شجر)

شهر جي هر هڪ گهٽي ديوار ۽ در تو ڏسان
گر نظر جاڏي ڪيان تو تاڏي منظر تو ڏسان
يار جي ديدار لئہ مان شهر بازر تو ڏسان
شهر بازر ڪان سواءِ ٻي بحر ۽ بر تو ڏسان
قسمين قسمين گل ۽ ٻوٽا ۽ گهاٽائي شاخدار
زعفران، چنبيلي، موتي، مُگرا بهتر تو ڏسان
گلعذاري آ گلن جي ۽ گهٽو ئي آ هڳاءُ
گل بنفشہ نسترن، رابيل، ٽانگر تو ڏسان
گل سمن ۽ ياسمن، لالہ و نرگس جي قطار
باغ ۾ گهمندي سراسر گل برابر تو ڏسان
ڏس وڻن تي طير جون توليون وڻن تيون مختلف
طرحين طرحين طير ٻوليندي مان اڪثر تو ڏسان
ياڳ وڻ وڻ جو ڏسان تو آهہ تيو اعليٰ اتم
شان ان جي ۾ پريل مسجد ۽ مندر تو ڏسان
پوئنر وانگر طير وڻ وڻ جي مٿان پيا تا ٽپن
شاعرن مان لکندي اڪبر ڪي مان دفتر تو ڏسان
ڏس سڄڻ گل گشت تي نڪري جڏهن تِي تَئِي تڏهن
باغ ۾ رونق بهاري مشڪ عنبر تو ڏسان
ڏس چمن ۾ ڇهڇٽو آ طير تا لاتيون لنون
ڪي "وَهيا" ، "طائوس"، "هدهد"، ۽ ڪبوتر تو ڏسان
تو ٻڌان آواز گلشن ۾ سريلا صبح شام
شاخ هرهڪ تي ٽپن "بلبل" بهادر تو ڏسان
"فاختہ"، "قُمري" ۽ "ڪوئل" ۽ "پپيهي" جي پڪار

باغ ۾ "هُوهُو" جو هُلُ هونگار هرهر ٿو ڏسان
"ڪانوَ" . "ڪبريون" ۽ "چَتون" چونگار ڪن ٿا چؤطرف
گلستان ۾ گل سان ڳالهائيندي هرهر ٿو ڏسان
"جهرڙ" جي جهونگار ۽ "تذرو" جي آ "تون تون" تنوار
ٽاري ٽاري تي مان ٽپندي تن ڪي اظهر ٿو ڏسان
ڏس گلن گلزار ۾ ڪهڙي نہ رونق آ ڪئي
چؤطرف سوسن، سنبل ۽ گل صنوبر ٿو ڏسان
گر پرين آهي اڪين ڪان ٽيو پري، تہ بہ اوڏڙو
يار کي هر رنگ ۾ مخفي ۽ اظهر ٿو ڏسان
يار جي ديدار ۾ منهنجون رهن ديدون مدام
نيڻ جاڏي ٿو کڻان تاڏي مان دلبر ٿو ڏسان
نيڻ نرگس يار جا آهن نشيلا منهِ ڪان
باغ جي هر ڪنڊ ۾ مقتل ۽ خنجر ٿو ڏسان
جن وٽائي علم جي ۽ شاعري جي آهي واٽ
معتبر سي منهِ ڪان "اظهر" ۽ "نشتر" ٿو ڏسان
جي هجن ها حامي، اظهر، شاد، گل، انور خليل
داد ڏين ها دل سان هرهر لفظ بهتر ٿو ڏسان
منهن ۾ منڙا ۽ وڏا ابليس اندر ۾ خبيث!!
جهڙا ٻاهر تهڙا اندر خوب منڪر ٿو ڏسان!!
فاتحِ خيبر عليؑ منهنجو ٽيو آهي امام
پرجهلو مان حيدرؑ ڪرار صفدر ٿو ڏسان
جن بچايو دين ۽ اسلام آ ناني سندو
پنهنجي واهر هِت هُتي شبيرؑ شبرؑ ٿو ڏسان
سون کي ڪهڙو خوف آ دنيا ۽ عقبيٰ جو چوان
شافعِ محشر کي پنهنجو حامي، ناصر ٿو ڏسان

پڙھ "علي اڪبر" جو ديوان خوب جنھن ۾ آ سواد
ڪيئي گھٽ ھن ڪان ٻيا ديوان دفتر ٿو ڏسان
مختلف آواز گلشن مان اچن ٿا ھرگھڙي
طير ھر ھڪ جي زبان تي نعرئي اڪبر ٿو ڏسان.

***

(قصرِگل جو ٽاٽي شريف_27_03_2017ع
ستاويھين جمادي الثاني 1438ھ)

ھيءَ اھا صنعت آھي، جيڪا وڻ ۽ ان جي ٽارين جي نموني لکي وڃي. مون ٻہ ھن صنعت کي نيائڻ جي نھايت ڪوشش ورتي آھي. ھن کي صنعت شجر جو نالو ڏنو ويو آھي.

ھن صنعت تي ڪن ٿورن شاعرن طبع آزمائي ڪئي آھي. پر اڄ تائين صرف علامہ محمد ھدايت علي نجفي تارڪ جو غزل نظر مان گذريو آھي.

تون توڙ دسان، مشڪ عنبر باغ ۾ رونق

بهاري نيڻ ڏٺم هن گلشن ۾ نظري

جل هن دس سبب گل ماڻ دفعو

توڙ دسان ماڻ گلندي اعبڪي ماڻ پيا تائين

شاعر ماڻ واڻڪ طيب ورق ورق ۾ قدان توڙ دسان

بوٽن واڻڪ طيب مسجد ۾ مندر اعلا اتم

شان ان ۾ هي پيل جو دسان تو اهيو اعلا

بوڻ ورق ۾ ورق جو دسان ماڻ اڪثر توڙ دسان

ياپ ورق طيب بولندي ماڻ بوڻ ورق ۾ مختلف

طوطين طوطين طيب چون توڙ ليون ورق ۾ توڙ دسان

دس ونڊ نيڻ طيب سرسبز گل آبشار قطار

باغ ۾ گلهندي لاله ۽ نرگس ۾ توڙ دسان

گل سمن ۾ ياسمن ايبل تاملڪ توڙ دسان

گل بنفشه نسترن گهوڙي آ مشڪاءِ

گل گلن ۾ ۽ ملڪ ابهشه توڙ دسان

جعفري ان جنبيلي موتي ملڪ

عفسن ان، جنبيلي موتي ۾ گلهائي شاه پيار

قسهيب قسهيب گل ۾ لونگ

[illegible]

شهر ۾ هر هڪ گهٽي ديوار ۾ در لق دسان.

گلي نظم جاڙي عيان تو تاڙي منظر لق دسان.

[در صنعت شجر]

١٢٦١



ڳس پرين آهي اکين کان ليو پر ڪيترو ب اوڏڙو =
يار ڪي هر رنگ ۾ مخفي ع اظهر تو ڏسان.

[در صنعت]
[شجر]
۱۴۹

(درصنعت نئون نمونو)

دلدار دلربا چاڻ، دلدار دلربا چاڻ
هروقت ناخدا چاڻ، هروقت ناخدا چاڻ
محبوب ماهرو ماڻ، محبوب ڏي سدا تاڻ
تون پاڻ کي گدا چاڻ، تون پاڻ کي گدا چاڻ
ڏينهن رات تنهنجي آ تار لهه يار منهنجي ڪا سار
نوڪرُ هي دائما چاڻ، نوڪرُ هي دائما چاڻ
ڪوئي نه آهه آرام دردن ۾ يار مادام
مون کي تون مبتلا چاڻ، مون کي تون مبتلا چاڻ
هروار ڪر ڪا واهار آهيان مان تنهنجي آڌار
خود کان نه تون جدا چاڻ، خود کان نه تون جدا چاڻ
ديدار ڏي او جانان توتان نثار دل جان
پنهنجو مون کي فدا چاڻ، پنهنجو مون کي فدا چاڻ
ڪر ڳاٺ اوچو منهنجو مان جهڙو تهڙو تنهنجو
منهنجي تون التجا چاڻ، منهنجي تون التجا چاڻ
اشعار مان لکان ٿو واڪاڻ تنهنجي ڪيان ٿو
"اڪبر" جي استدعا چاڻ، "اڪبر" جي استدعا چاڻ
"اڪبر" کي شاد ڪر تون، "اڪبرُ" آباد ڪر تون
"اڪبر" کي مهلقا چاڻ، "اڪبر" کي مهلقا چاڻ

***

(قصرِگل جوٽاٽي شريف ـ 31ـ03ـ2017ع
موجب ٻي رَجب المرجب 1438هه)

مختلف صنعتن مان هيءَ به هڪ نئين صنعت آهي. هن تي علامه تارڪ کان سواءِ ڪنهن به شاعر قلم نه کنيو آهي. هن بندي پنهنجي شوق کي وڌائيندي هن صنعت کي پنهنجي لفظن ۾ قلم بند ڪيو آهي. علامه محمد هدايت علي نجفي تارڪ هن صنعت کي هڪ "نئون نمونو" سڏيو آهي.

(در صنعت منصوع و عجيب)

نہ تو دل تان لھي دلبر ڇا دلبر دلبرِ رھبر؟
ڇا رھبر رھبرِ سرور ڇا سرور سرورِ ماھر؟
رھي سڀ تي تو ھُو غالب ڇا غالب غالبِ ڪثرت؟
ڇا ڪثرت ڪثرتِ قابل ڇا قابل قابلِ بھتر؟
سڄاتو جنھن خدا عارف ڇا عارف عارفِ عالم؟
ڇا عالم عالمِ عامل ڇا عامل عاملِ اطھر؟
سدا عزت جي آ لائق ڇا لائق لائقِ لائم؟
ڇا لائم لائمِ صادق ڇا صادق صادقِ برتر؟
سخاوت جو آھي صاحب ڇا صاحب صاحبِ قدرت؟
ڇا قدرت قدرتِ ڪامل ڇا ڪامل ڪاملِ افسر؟
سراپا دلربا روشن ڇا روشن روشنِ باطن؟
ڇا باطن باطنِ اظھر ڇا اظھر اظھرِ دردر؟
ڇڏي ساڙي تي ڏس آتش ڇا آتش آتشِ فرقت؟
ڇا فرقت فرقتِ پيڪر ڇا پيڪر پيڪرِ پرور؟
نہ وسري يار جي صحبت ڇا صحبت صحبتِ رافع؟
ڇا رافع رافعِ راحت ڇا راحت راحتِ اڪبر؟
ڪيو الفت "اسيراڪبر" ڇا اڪبر اڪبرِ عاشق؟
ڇا عاشق عاشقِ عاجز ڇا عاجز عاجزِ اڪبر؟

❊❊❊

(قصرِ گل جوٽاٽي شريف۔ 01۔04۔2017ع
موجب ٽين رجب المرجب 1438ھ)

ھن صنعت ۾ لفظي بناوت ساڳي ھوندي آھي. مگر انھن الفاظن کي زير اضافت ڏئي شعر کي رنگين بڻايو ويندو آھي. جنھن ڪري ھن صنعت کي "مصنوع و عجيب" نالو ڏنو ويو آھي.

(در صنعت ترصيع)

سونهن وارن سان چمن ۾ آ بهار
عشق کي حاصل ٿيو آهي قرار
مست محفل ۾ رهي ٿي منهنجي دل
جام ساقي کو پري مون کي پيار
ڏينهن سارو گذري ٿو سوداءَ ۾
مون تان آفت کي اچي تون تارتار
در چمن آ ڇهچٽو چوٻول خوب
پر غمن جا مون مٿان آهن غبار
آ بهاري چوطرف، مون کي نہ ساڙ
جيئن خزان ٿي ساڙي گل گل بار بار
دشمنن کي کيئن ڏوراپا ڏيان
دوستن کان ٿا ملن پيا غم هزار
اچ هلي دل جي اڳڻ تي رازدان
دل جو توسان حال اوريان بي شمار
مون کي وارن جي تون پيچن ۾ وکوڙ
تاهہ مون لئہ ٻي نہ کائي يار دار
ڏس "اسير اکبر" جو تون باغِ غزل
جنهن ۾ گل ڦل ٻوٽا وڻ ٽڻ شاخسار

***

(قصرِگل جوٽاڻي شريف۔09۔10۔2017ع
موجب ارڙهين محرم الحرام 1439هہ)

هن صنعت ۾ پهرين مصرع اهڙيءَ طرح موزون ڪجي، جيئن ان جي مقابلي ۾ ٻي مصرع بہ اهڙي ئي اچي. پهرين ۽ ٻيءَ مصرع جا الفاظ هم وزن هجن. جيئن سونهن، عشق يا مست ۽ جام جي سامهون برابر اچن.

قطع تاريخ اشاعت ڪتاب سوغاتِ گل

ڊاڪٽر علي اڪبر اسير قريشي

ابتدا کان انتها چئه بات آ سوغاتِ گل
هر زبان تي نالو ۽ هر وات آ سوغاتِ گل
صنعتن جو ڳٽڪو آ، جنهن جو نہ آهي ڪو جواب
لاجواب آهي چوان بس تات آ سوغاتِ گل
دل سان پڙهه ۽ دل ۾ سانڍڻ جهڙو آهي هي بياض
صبح پڙهه ۽ شام پڙهه ڏينهن رات آ سوغاتِ گل
شاعري جي صنف ۾ نيارو ۽ نرالو آهي نانءُ
ٻڌ گل و گلزار ۾ هي لات آ سوغاتِ گل
طير ٻولين باغ ۾ ٻوليون سدائين مختلف
ٻول هرهڪ ۾ ٻڌان تو چاهه آ سوغاتِ گل
دشمنن جي منهن تان لهندي ڪين آخر ڪا قڪاڻ
دوستن وٽ پاس هر اوقات آ سوغاتِ گل
هن کان اڳ ۾ "ارمغان اظهر" پڙهيو مون آ ڪتاب
هي ادب جو تير خنجر ڪات آ سوغاتِ گل
پنهنجو مُلهه هي پاڻ نمرائيندو "اڪبر" فخر سان
چئه ادب جي سهڻي هي سوغات آ سوغاتِ گل
مون گهري تاريخ چيائين ڪٿ "اول" اڪبر چوان

37

"واهه ميدانِ ادب جي ڏات آ سوغاتِ گل"

2023=37_2060

***

قطع تاريخ اشاعت ڪتاب سوغاتِ گل

مرزا ڪاظم رضا بيگ

آهي لاثاني علي اڪبر سندو سوغاتِ گل
هي غزل جي مختلف صنفن ۾ ڪاظم خوب ٿيو
پيو چوي "بيباڪ" تي غنچہ دهن پڙ باغ ۾
35
شمع مهرِ ماھ "آهي نخل جان مرغوب" ٿيو.
2023=35+1988

SOORIH SINDHI ADAB

غزل جا مڪمل ديوان

ڇپيل

1۔ديوانِ آسير 1998ع
2۔حديثِ عشق 2010ع
3۔گوهرِ گلستان نعتيه ديوان 2013ع
4۔گوهرِ گل/غير منقوط پهريون ديوان 2018ع
5۔باغ و بهار سرائيڪي ديوان 2022ع

اڻ ڇپيل ديوان

1۔نشترِ عشق 2012ع
2۔ديوانِ اڪبر 2014ع
3۔خلوص العارفين 2014ع
4۔اظهر و گل 2018ع
5۔نشتر و اظهر 2019ع
6۔تحفته العاشقين 2020ع
7۔سيني ۾ سنگرام 2020ع
8۔داغ اياغ آچ 2022ع

SOORIH SINDHI ADAB

دنيا ۾ ڪي اهڙا شاعر هوندا آهن، جن کان پروردگار معاشري جي ڀلائيءَ جو ڪم وٺي ٿو، انهن ڪي قدرتي ڏات بہ هوندي آهي ۽ پاڻ محنت ڪري ڏانءُ بہ حاصل ڪري وٺندا آهن. اهڙن شاعرن ۾ اسان جو پيارو دوست ۽ بهترين انسان ڊاڪٽر علي اڪبر ”اسير“ قريشي بہ شامل آهي. هن پنهنجي علم، دانش ۽ هنر سان جيڪا ادب جي خدمت ڪئي آهي، ۽ اجا بہ ڪري رهيو آهي، ۽ جيڪي قلمي پورهيو ڪري ڪتاب ڏنا اٿس سي سندس صالح اولاد جيان آهن، ۽ ڪيس رهندي دنيا تائين زنده رکيو پيا ايندا. سائين ”اسير“ صاحب انتهائي محنت ۽ اڪير سان ادب ۾ صنعتن تي ڪم ڪري رهيو آهي. هن کان اڳ بہ سندس ڪتاب ۾ پيو مواد منظر عام تي اچي چڪا آهن جن ۾ صنعتن جي ڪمال ۽ جوهر جا عڪس پسي سگهجن ٿا. پاڻ هن کان اڳ بہ ڪن صنعتن تي طبع آزمائي ڪئي آهي. سندس گذريل ڪتاب تي بہ اکر لکي مون ڪنهن حد تائين سائينءَ کي ڀيٽا ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. پر موجوده ڪتاب جو جائزو وٺندي مون سائينءَ جي شاعريءَ ۾ جيڪي انمول هيرا، جوهر ۽ گوهر ڏٺا آهن، تہ مون کي چوڻ ۾ ڪو بہ عار محسوس نہ ٿو ٿئي تہ ”اسير“ صاحب هڪ اعليٰ پائي جو اديب، شاعر ۽ مفڪر آهي. پاڻ هميشہ ادب جو خدمتگار رهندو پيو اچي. سندس ڪوشش رهي آهي تہ نت نيون ۽ متروڪ صنعتون ظاهر ڪري ادب کي اجا وڌيڪ سونهن ۽ قوت عطا ڪري. بيشڪ هو پنهنجي عمل ۾ مصروف بہ آهي تہ ڪامياب پڻ.

”اسير“ صاحب هڪ محنتي ۽ جفاڪش انسان آهي ڪيس صحبت بہ تمام سٺي ملي آهي ۽ حلقئہ احباب جو نيڪ مقدر ٿيڻ بہ رب پاڪ جي مهربانين مان هڪ آهي. سندس لاڙو بہ مذهب ڏانهن نمايان نظر اچي ٿو. اهوئي سبب آهي جو هُو پنهنجي ڪم ۾ سڦلتا ماڻيندو اچي. سائينءَ جو ڪمال اهو آهي جو پورا پورا ۽ طويل غزل انهن صنعتن تي لکيا اٿس.

اقبال شاهين

وائيس چانسيلر سنڌ يونيورسٽيءَ کان پي ايچ ڊي جي سند وصول ڪرڻ وقت ورتل تصوير

تاريخ 2004-12-22ع

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي ، تون اوچو وهه اويار

SAHIB KHAN "SOORIH" MIRANI

0344 3919786 & 0300 3404488